اهڙي طرح سنڌ مڪمل طرح سن ۱۱۹۸ هجري مطابق ۱۷۸۳ عيسوي دوران ٽالپرن جي حڪومت هيٺ اچي وئي. مير فتح علي سنڌ کي ٽنهي خاندانن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ جملي ست حصا مقرر ڪيائين. چار حصا پاڻ ۽ سندس پائرن کنيا، ۽ ٻه حصا مير سهراب خان کي، ۽ هڪ حصو مير ناري خان کي ڏنائين. اتر سنڌ جو حصو ميرسهراب کي مليو، جنهن خيرپور کي گادي جو هنڌ بنايو، ۽ مير ناري کي ٽرپارکر ۽ ميرپور خاص وارو علاقو مليو، جنهن ميرپوخاص کي پنهنجي گادي جو هنڌ بنايو، ۽ فتح علي خان پنهنجي ٽنهي پائرن سميت لاڙ وارو حصو کنيو، ۽ حيدرآباد کي گادي جو هنڌ مقرر ڪيائين. ميرن ٻه ڪجهه وقت تائين صلح سان حڪومت ڪئي. ليڪن ڪجهه عرصي کان پوءِ منجهن اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري مٽين نموني موجب مستقل جدا جدا پرڳڻا مقرر ڪري حڪومت ڪرڻ لڳا. (۱)

ميرن جي اختلاف سبب ميان عبدالنبي کي ٽيون دفعو وري سنڌ جون واڳون هٿ ڪرڻ جي اميد پيدا ٿي، ۽ تيمور شاهه کي درخواست ڪيائين ته مير سهراب منهنجو طرفدار بنيو آهي. ان ڪري منهنجي مدد ڪئي وڃي، ۽ ان ڪر لاءِ قمر الدين کي پنهنجو وڪيل مقرر ڪري، تيمور شاهه کان مدد ۽ پروانو حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليائين. تيمور شاهه وري ٻه قمرالدين جي زوردار سفارش تي، احمد خان نورزئي کي لشڪر ڏيئي سنڌ ڏانهن روانو ڪيو ته ميان عبدالنبي کي گادي ونئي ڏئي. اهو لشڪر جڏهن خيرپور جي ويجهو پهتو ته، ميان عبدالنبي سهراب خان کي چوائي موڪليو ته تون اسان سان اتحاد ڪر ته توکي عزت ۽ فائدو ملندو. مير سهراب ميان جي طرفادي بدران، مير فتح علي کي اطلاع ڪيو، ته ميان عبدالنبي لشڪر ڪاهي آيو آهي، ان ڪري گڏجي ڪيس سيڪٽ ڏيڻ ضروري آهي، ۽ مان توهان سان شامل آهيان. اهڙي طرح افغاني لشڪر جنهن وقت هالا جي ويجهو پهتو، تڏهن ٽالپرن ۽ افغاني لشڪر هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا ۽ ان دوران مير سهراب، مير فتح علي خان سان ڪيل واعدي تان ڦري ويو، ۽ مير فتح علي خان پنهنجي لشڪر سميت افغانين جي سامهون ٿيو، ۽ ٻنهي جي درميان لڙائي لڳي جنهن ۾ افغانين کي شڪست ملي، ۽ سردار احمد خان نورزئي قرآن کڻي جنڊ ڇڏائي ۽ ميان عبدالنبي ۽ سندس حمايتي ذليل ۽ خوار ٿي واپس ٿيا.

تيمور شاهه کي جڏهن افغانين جي ذلت آميز واپسي جي خبر پئي ته ڪاوڙ ۾

(۱) ٽالپرن جي مختصر تاريخ ص ۲۵

www.maktabah.org

ڳاڙهو ٽي ويو، ۽ پنهنجي سر پاڻ لشکر تيار ڪري سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. ميرفتح علي خان کي جڏهن اها خبر پئي ته پنهنجي وڪيلن ذريعي تيمور شاهه جي اطاعت قبول ڪري، معافي طلب ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي صاحبي لاءِ پروانو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، ۽ ميان عبدالنبي ائين ئي ديرهه جات ڏانهن رهجي ويو، ۽ پورا ۲۵ سال حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هٽندو رهيو. آخر خوار ۽ ذليل ٽي پنهنجي عمر پوري ڪيائين، ۽ ڪلهوڙا خاندان جو بدنما داغ سن ۱۲۲۰ هجري مطابق ۱۸۰۵ع دوران رڻ پٽ ۾ رلندو ڦرندو پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهچي ويو.

مٿئين حقيقت کي ڄاڻڻ کانپوءِ معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ جا امير، خاص ڪري تالپر خاندان جا ڪجهه فرد سياست کان بلڪل ناخبر ۽ اڻ واقف هئا، جن هر پيري ڪلهوڙن تي انڌو اعتبار ڪري، هزارين بيگناهه ماڻهو مارائي وري پنهنجي لاءِ نانگ جو ٻچو تيار ٿي ڪيو، ۽ جڏهن ان نانگ جي ٻچي، پلجي واسينگ جي صورت اختيار ٿي ڪئي ته ان کي ختم ڪرڻ لاءِ هزارين جانين ڏيڻ بعد، دوبارو ان ئي نسل مان هڪ خونخوار رت چوسيندڙ حڪمران رعيت مٿان مقرر ٿي ڪيائون.

مير برادريءَ جي اهڙي روش، سنڌي قوم سان زيادتي هئي، جو اهڙن ظالمن کي بلا جواز سنڌي ماڻهن مٿان مسلط ٿي ڪيائون، ۽ جڏهن خود کين نقصان ٿي رسيو ته پوءِ مڇرجي ٿي پيا. باقي سندن غلط فيصلن ۽ ناجائز حرڪتن سبب هزارين ماڻهوءِ سوين خاندان لٽجي تاراج بنجي ويا. ان جو اونو گهٽ، ۽ پنهنجي عزت جوخيال زياده ٿي ڪيائون. ان کان پوءِ سندن خاندان ۾ ئي ڪجهه اهڙا فرد هئا، جيڪي پنهنجي ڪرم جا ويري هئا، جيئن مشهور آهي ته "ميرن کي پنهنجي گهران لڳي."

مير حسن علي خان ان جو بيان شاهنامه سنڌ ۾ هن طرح ڪيو آهي ته "مير بهرام جو وڏو پاءُ ندو خان هيو، جنهن کي ٻه پٽ، هڪ مير شاهه ٻيو مير فيروز هئا، انهن بنهي کي ميان سرفراز دلاسا ڏيئي ڦيرائي پنهنجو ڪري ورتو هيو، ۽ کين مير بهرام جي سموري گهر جي سامان کي لٽي کٽي وڃڻ جي اجازت ڏني هئي ۽ اهڙي طرح انهن بنهي ڪرم جي ويرين ڏارين جي اشاري تي پنهنجي چاچي جو گهر لٽي کٽي ويا. صرف عورتن جون چادرون ڇڏيائون باقي الهه تلهه ٻاهر کٽي ويا. (۱)

اهو هيو ميرن جي، پنهنجن جو ڪردار، جن ڏارين جي اشاري تي پنهنجن کي ٻه

(۱) سنڌ جو شاهنامو ص ۱۰

www.maktabah.org

نہ بخشيو. ان کان سواءِ مير سهراب خان، مير فتح علي خان سان واعدو ڪري ڦري ويو، جنهن ڪري ميان عبدالنبي کي ڏارين سان گڏجي مير فتح علي سان جنگ جوڙڻ جي همٿ پيدا ٿي، ۽ ڪيترا انسان تلوار جو ڪاڇ بنجي ويا.

ان جو ظاهري سبب ته اهو آهي ته ان وقت سنڌ تي ڪا بہ مضبوط حڪومت ڪانہ هئي، ۽ نہ وري سياسي پڻيرائي هئي، جنهن جي بنياد تي خارجي مسئلن سان گڏوگڏ اندروني مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها، بلڪ سنڌي حاڪم ڪڏهن دهلي جي ماتحت رهيا، ته وري ڪڏهن افغانستان جا ڏڻ پرو ٿي ٿيا، ڪڏهن ايرانين کان پنهنجي عزت، خيرات طور تي حاصل ٿي ڪيائون. ان کان پوءِ ڪين جيڪو بہ عرصو ملندو هيو، سو سمورن صرف پئسن ڪمائڻ ۽ پنهنجي شاهي ٽٽ ٽانگر ۾ گذاريندا هئا. (۱)

۽ عالمي صورتحال بہ بدلجندڙ هئي. ليڪن پوءِ بہ ان جي پيش نظر ڪو اهم ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر رهيا. تڏهن ڏٺو وڃي ته ڏارين جي سياسي حڪمت عملي نيٽ پنهنجو اثر ظاهر ڪيو، ۽ سنڌي حاڪم جيڪي دراصل مسلمان هجڻ ڪري غير مسلم قومن لاءِ اک جو ڪنڊو بڻيل هئا. انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڏارين، سياسي، معاشرتي ۽ معاشي ميدان ۾ اهڙي ته پاليسي اختيار ڪئي جو بالآخر هو طاقتور بنجي ويا، ليڪن انهن کي اهو سڀ ڪجهہ هتان جي حاڪمن جي ڪمزوري ۽ سياسي ابتريءَ مان فائدو پهتو. خاص ڪري ٽالپرن جي دور حڪومت دوران ته اهڙو جذبو زياده نظر اچي ٿو، هو ويچارا حڪومت هلائڻ ۽ رعيت کي خوش رکڻ بدران ڏارين سان دوستي جي هٽ وڌائڻ ۾ پنهنجي عافيت سمجهي، مسلسل اهڙيون ته سياسي غلطيون ورجائيندا رهيا جو بالآخر سنڌ مان سندن صاحبي ته ختم ٿي ويئي، ليڪن ان سان گڏوگڏ سنڌ کي بہ غلام بڻائي ڇڏيائون.

هُنن ڏارين کي عام رعايت ڏني، ۽ پرڏيهين کي خوش رکڻ چاهيو، ان جي مقابلي ۾ پنهجن ۽ ڏيهي ماڻهن کي معاشي، اقتصادي طرح اهڙو ته نپوڙيو، جو هتان جي ماڻهن جو مٿن اعتماد ختم ٿي ويو، ۽ آهستي آهستي ٻاهريان آيل مٿن قابض بڻجي ويا.

انگريز پنهنجي مستقل منصوبي کي مڪمل اقتدار حاصل ڪرڻ تائين استعمال ڪندا رهيا، ليڪن ماضي واري سياست جي آئيني مان صاف ظاهر آهي ته

(۱) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲۹

www.maktabah.org

اسان جي حاڪمن، سنڌ صوبي کي اهڙي مونجهاري واري دور مان ڪڍڻ لاءِ کي به اپاءُ کو نه ورتا، ۽ نه وري ان جو دفاع ڪيو، بلڪ گهرو لڙائين، باهمي نفرتن ۽ عداوت، هڪ ٻئي سان دشمني ۽ ساڙ، حسد ۽ ڪيني جهڙين مهلڪ بيمارين ۾ اهڙو ته ڦاسي ويا، جنهن جو فائدو ڌارين کي خوب مليو، ۽ منجهائن اتحاد، سياسي دور انديشي، پنهنجي ۽ پرائي جي سجاڻپ، دشمن ۽ دوست جي تميز، سچي ۽ ڪوڙي جي پرک جا جوهر بلڪل ختم ٿي چڪا هئا. ڪين ڪا به خبر ڪا نه هئي ته اسان جي چوڌاري ڇا وهي واپري ٿو. آخر ان جو نتيجو اهو نڪتو جو مٿن ڌاريا اچي ڪڙڪيا.

مٿئين صورتحال جي پيش نظر، هتي صرف اهو واضح ڪرڻو آهي ته ڌاريا، جيڪي اصل کان وٺي سنڌ تي غاصبانه حريص نظرون جمايون ويٺا هئا، انهن کي هن ساڻيهه ۾ پيرن پختي ڪرڻ لاءِ اسان جي حاڪمن جو هٿ هيو يا ڪنهن ٻئي جو.

پوءِ جڏهن اسين ان طريقي سان ماضيءَ جي سياسي چڪرين ۽ ملڪي بدلجندڙ حالات تي نظر وجهون ٿا ته چگي طرح معلوم ٿو ٿئي ته ڌارين کان سوڪڙيون ۽ تحائف ته ميرن اميرن، شهزادن، کي مليا. ڌارين جي خوشامد ۽ چاپلوسيءَ مان فائدو به امير، حاڪمن کي مليو. (۱)

باقي سنڌ اندر انهن جي واپار ۽ هڪ هٿي واري روئي سبب نقصان ۽ خسارو ته سنڌي عام ماڻهن، پورهيتن، مزدورن، ننڍن صنعتڪارن ۽ ڪاريگرن کي پهتو. باقي اسان جي حاڪمن آخر جڏهن اهو ڏٺو ته مار!! اهي ڌاريا ته اسان جي پڳ لاهڻ پويان آهن، تڏهن پنهنجي پٽڪي بچائڻ لاءِ، عوام کي قربان ڪرڻ ڪان ٻه ڪو نه ڪيپايائون، ۽ مختلف معرڪن ۾ ڪيترائي خاندان مارائي اجاڙي تباهه و برباد ڪرائي ڇڏيائون. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته انگريزن جي ڪاهه ڪان اڳ واري هڪ سو سالن دوران، سنڌ اندر سياسي طرح ڪا به مستحڪم ۽ مضبوط حڪومت قائم ٿي نه سگهي.

ان ڪان پوءِ ٽالپرن جي آخري ايامن دوران ته سنڌ، سياسي اقتصادي طرح تباهي ۽ بربادي جي ڪناري تي پهچي چڪي هئي، ۽ ڪو به اهڙو حاڪم پيدا نه ٿيو، جيڪو ان ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪا عملي جدوجهد ڪري ها. ۽ اهو به معلوم ٿو ٿئي ته ان وقت سنڌ جون حالتون هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت ائين ڪيون ويون هيون ته جيئن جلد کان جلد سنڌ کي هڙپ ڪري ڇڏجي، ۽ اهو سڀ ڪجهه صرف ان ڪري

(۱) اڳوٽن سنڌين جو ڏيساور سان واپار ص ۱۳۴ دادا سنڌي

www.maktabah.org

ٽيندو رهيو جو سنڌ تي تمام ڊگهي عرصي کان وڌي کا بہ مضبوط ۽ طاقتور حڪومت قائم ٿي نہ سگهي هئي.

ڪلهوڙن بہ ۷۲ ورهيہ حڪومت ڪئي، ليڪن بدقسمتي سان ڪو بہ اهڙو حاڪم ڪو نہ گذريو، جيڪو ڏارين جو ڏڻ پرو نہ هيو، سنڌ جي حاڪن تي هميشہ (نادر شاهيءَ) ڏل جي بقايا رهجي ويندي هئي،جنهن ڪري انهيءَ بقايا جي وصوليءَ لاءِ ٻاهرين حاڪمن جي ڪامن جو هڪ سلسلو جاري رهندو آيو. ان طرح نادر شاهہ جي ڪاهہ کان وٺي ۱۸۴۳ع تائين، ٽالپرن جي راڄ جي خاتمي سميت ڪو هڪ بہ اهڙو چند سالن جو لاڳيتو عرصو نہ گذريو، جنهن کي خود، هندستان ۾ منظر يا مستقل حڪومت چئي سگهجي (۱)

هن مان فائدو ٻاهرين غاصبن کي پيو، جيڪي وقفي وقفي سان خزانا لٽي ملڪ ڦري هليا ويندا هئا، هزارين بي گناهہ جانيون ضايع ٿيندڙون رهيون، ۽ شهر ۽ ڳوٺ لٽجي تباهہ و برباد ٿي ويا. خاص ڪري ڪلهوڙن کان وٺي ٽالپرن جي خاتمي تائين تہ انگريزن مختلف حربن سان سنڌ کي ڪارزار جو ميدان بڻائي، اهڙيون تہ زيادتيون ڪيون، جنهن کي وساري نٿو سگهجي.

انگريز شروع ۾ واپاري بنجي هتي آيا، پوءِ آهستي آهستي اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪيائون، جنهن سان پوري سنڌ هڙپ ڪري ڇڏيائون، سنڌ اندر انگريزن جي مضبوطيءَ جا بہ وڏا سبب هئا، هڪ مغل سلطنت جو ڪمزور ٿيڻ، ٻيو سنڌ جي حاڪمن جو ڪائن مرعوب ٿي ڪري، پنهنجي ملڪ اندر ڪين واپار ڪرڻ جي ڪلي اجازت ڏيڻ. انهن سببن ڪري فرنگي سنڌ اندر ويا پنهنجا پير مضبوط ڪندا، تانجو هنن آخر ۾ ٽالپرن سان زور زبردستيءَ من پسند ناجائز معاهدا ڪيا، جو خوشي ناخوشي ۾ ڪين سنڌ اندر واپار ڪرڻ جون سيئي سهوليتون ملي ويون، ۽ هو اندرئون ئي اندر منصوبا ٺاهيندا رهيا.

ان دوران انگريزن سياسي حربا هلائي پاڻ کي ايترو تہ طاقتور بنائي ڇڏيو هو جو انهن مان ٽالپر پنهنجي جان ڇڏائي نہ سگهيا، ۽ خود ميرن مان بہ ڪي اهڙا لالچي، ۽ غدار ماڻهو انگريزن کي ملي ويا، جن انگريزن سان پنهنجي وفاداريءَ جو ڪليو ثبوت ڏيندي، سنڌ کي غلام بنائڻ ۾ ڪڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. بهرحال انگرين کي سڀ کان

(۱) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲۴۴

www.maktabah.org

زياده فائدو، ميرَ برادري جي نااتفاقيءَ ۽ سياسي ناتجربي کاريءَ مان پهتو. (۱)

انگريزن کي سنڌ ۾ آڻڻ، ۽ ڏيهي حاڪمن ۽ انگريزن درميان دشمني وڌائڻ ۾ هندو عاملين جو به وڏو عمل دخل هيو. (۲)

ان ڏس ۾ محترمہ ڊاڪٽر قمر جهان مرزا لکي ٿي ته: "خود ٽالپرن جي دور ۾ غدار وڏيرا ۽ تعصبي هندو انگريزن جا مخبر هئا، انهن جي خواهش اها هئي ته ٽالپرن کان حڪومت کسي انگريزن کي ڏجي، چاڪاڻ ته انگريزن، هندن کي وڏن عهدن ۽ انعامن جي لالچ ڏني هئي. هندن ته هنن کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ گهٽيون مددون ڏنيون، اميدون پوريون ٿيون. (۳)

۽ آخر غداري ڪرڻ کان به ڪين مڙيا، دربار جون خفيہ ڳالهيون، انگريزن کي ٻڌائيندا رهيا، جن جي آڌار تي انگريزن ميرن کي جنگ ڪرڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ طرحين طرحين الزام مڙهيا، ۽ سنڌ ۾ اچڻ شرط، انگريزن هندن کي پنهنجو ڪيو، چاڪاڻ ته انگريز واپارين جي لباس ۾ هن ملڪ مان واقفيت پيدا ڪرڻ لاءِ، هندن سان دوستي رکڻ ضروري ڄاتو. (۴)

ديوان گدومل، منشي پرتاب راءِ، ديوان مشتاق رام، منشي خوشي رام، چوٿرام ۽ سيٺ نائون مل جا شرمناڪ ڪردار اهڙا آهن، جيڪي ڪڏهن به وساري نٿا سگهجن. ان ڪري سنڌ کي غلام بنائڻ واري بدترين عمل ۾، سنڌي حاڪمن جي سياسي ناتجربيڪاري کان زياد هندن جي غداري به شامل هئي، جنهن جي ڪري انگريز هتي آيا، ۽ هندن، ميرن ۽ انگريزن درميان جهيڙو جوٽائي ڪيترائي انسان ناحق خون ڪرائي ڇڏيائون.

انهن سيني ڳالهين کي ڄاڻائڻ بعد، هن هنڌ مختصر طور تي اهو چئي سگهجي ٿو ته، تڏهوڪي سنڌ جي اهڙين سياسي حالتن پٽاندر، حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمۃ اللہ تعالیٰ عليه جن پنهنجي تجربي ۽ ڪردار سان ديس واسين جي بهتر طورتي رهنمائي ڪندي، هڪ دوراندیش مدبر، سياستدان هجڻ جو ثبوت

(۱) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص۱۷۰
(۲) تاريخ تمدن سنڌ ص۵۸۹
(۳) حيدرآباد شهر ٽالپرن جي دور ۾ ص۹۴
(۴) تاريخ تمدن سنڌ ص۶۱۵

www.maktabah.org

فراهر ڪيو.

پاڻ بين الاقوامي طورتي نت نين بدلجندڙ حالتن کي مدنظر رکندي، ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي سياسي ڪشمڪش ۽ حصول اقتدار جي لڙاين کي، ملڪ وملت لاءِ هاڃيڪار ٿي سمجهيائون، جنهن جي خبر سندن مڪتوبات ۾ پهرئين خط مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿي.

پاڻ ملڪ وملت جي مضبوطي، آئين جي بالادستي ۽ خودمختياري جهڙن اصولن تي يقين رکندي، ان وقت جي هٿ ٿوڪي ٽالپر حڪومت کي دلي طور قبول نه ڪيائون. ان کان علاوه استحصالي قوتن سان سياسي ڳالهه ٻولهه ذريعي، مسئلن جي حل ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيائون، جنهن جي ثابتي، اسان کي شاه شجاع سان شڪارپور ۾ ملاقات ڪري، ڪيس واپس ڪرائڻ مان ملي ٿي.

ان کان علاوه کين اها به خبر هئي ته ٽالپر ملڪ جا فوجي آهن، جيڪي ملڪ جي بقا ۽ تحفظ ۽ خودمختياري قائم رکڻ لاءِ اخلاقي طورتي پابند آهن، ليڪن هنن پنهنجي ذميواري کي وساري، ملڪي سياست ۽ ملڪي امور ۾ هٿ چراند ڪندي، وڃي حڪومت حاصل ڪئي آهي، جيڪا هڪ قانوني قائم ٿيل حڪومت جي خلاف، بغاوت کان گهٽ ڪانهي، تنهن ڪري اهڙي غيريقيني صورتحال ۾ سندن ساٿ ڪونه ڏنائون. ان کان علاوه ميرن جو سنڌ جي وحدت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏڻ، ۽ پنهنجي پائرن ۾ حصا پتي ڪري ورهائڻ وارو عمل به کين پسند ڪونه هيو. ۽ پاڻ ڄاتائون ٿي ته ميرسنڌ جي خودمختياري جي حفاظت ڪرڻ جي اهڙي پوزيشن ۾ نه هئا. اڳ ۾ ته سنڌ کي صرف کابل کان خطرو هيو، ليڪن سندن دور ۾ هڪ پاسي پنجاب کان سک، حملي ڪرڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا هئا، ته ٻئي پاسي ايسٽ انڊيا جي تسلط، سنڌ کي هر حيثيت سان ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. پاڻ ميرن جي اهڙي ڪمزور حڪومت کي ايستائين هرگز هرگز تسليم نه ڪيائون، جيستائين ميرفتح علي باقاعده طور تي افغان حڪومت کان پرواني ونڊ ۾ ڪامياب نه ٿيو، ليڪن ميرن کي پرواني ملڻ بعد ڪڏهن به ان جي مخالفت ڪانه ڪيائون، بلڪ حڪومت کي عوام جي اهنجن دور ڪرڻ، ۽ مظلومن جي مدد ڪرڻ لاءِ حق گوئي کان ڪم ونڊندي، سندن تخت تائين ڪاهي وڃڻ ۾ به ڪڏهن هڪ محسوس ڪانه ڪيائون، ۽ سياسي طور تي سنڌ جي اميرن جي رهنمائي ڪندي، کين عوام سان پلاڻي ۽ خدمت ڪرڻ جي تلقين پڻ ڪندا رهيا.

www.maktabah.org

حضرت پير سائين روضي ڏٽي جن جي دور ۾ سنڌ جي معاشي حالت

هن وقت تائين سنڌ جي تاريخ، جيڪا به اسان تائين پهتي آهي ان جو سڄو دارومدار مؤرخن تي آهي. هُنن مخصوص انداز سان ماضي جي تاريخ (جنهن ۾ صرف سرمائيدار شامل آهن) شاندار نموني سان سينگاري سنواري پيش ڪئي آهي. يعني ان وقت جي بادشاهن، اميرن ۽ سندن منصبدارن جي ڪارنامن جا قصا، تخت نشينيءَ ۽ مشڪلاتن، گهرو لڙاين ۽ سازشن ڪان سواءِ، بادشاهه سلامت جي وقت، رونما ٿيندڙ واقعات، جن ۾ سڀ کان زياده اهميت جنگين ۽ خونريزي، قتل وغارت ۽ ڦرمار جي ڏيکاريل آهي. اميرن جي بهادري ۽ شجاعت جا قصيدا، اميرن، وزيرن، عهديدارن جي وفادارين ۽ خدمتن جو ذڪر خير، ۽ بادشاهه سلامت جي اقبال کي سلامت رکڻ لاءِ فوجي جرنيلن جون خدمتون، بادشاهه نامدار جي شخصيت ۽ خاندان کي روشن ڪرڻ لاءِ مخصوص سڏارن جو ذڪر، شاندار عمارتن ۽ شاهي محلات جي ٺٽ نانگر جي تصوير پيش ڪيل آهي.

دراصل ڏنو وڃي تہ اسان جي مؤرخن جي اها چاپلوسيءَ واري يڪطرفي چال آهي، ۽ ان وقت جي غريب، پورهيتن، ڏتڑيل عوام جي اصلي ۽ سچي حقيت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي.

ٻارهين صدي هجري جي شروعاتي ۽ اوائلي دور جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان به اسان کي ساڳيوئي جذبو ڪارفرما نظر اچي ٿو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن، امرين جي فياضي ۽ سخاوت جا داستان، جيڪي مخصوص طبقي ۽ منصب دارن تي بارش وانگر جاگيرن جي صورت، يا نقد انعام ڏيڻ جي صورت ۾ سامهون اچن ٿا، سي سڀ هڪ طرفا هئا، باقي اهي ماڻهو جيڪي ڌرتي جو سينو چيري، اَن ۽ ٻيو جنسون پيدا ڪندا هئا، يا پورهيو ۽ مزدوري ڪري، انهن امرين ۽ بادشاهن جي عياشيءَ جو سامان مهيا ڪندا هئا، تن جو ان وقت جي تاريخ ۾ ڪو به ذڪر ناهي.

حالانڪ ان وقت جي معاشي حالت، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن جي سرسامونديءَ ۾ بيان ڪيل هيٺئين بيت مان چٽي نظر اچي ٿي:

www.maktabah.org

اسان اڏارا، آٽي آونگ چاڙهيا
مُنهن ڏيئي مون آئيا، سمهان سيارا
اُيرن سيڪارا، پسئو ورپين جا

مٿئين بيت مان هڪ ته ان وقت جي ريت رسم جي خبر پوي ٿي. ٻيو ان وقت جي سنڌي عورت جي پنهنجي ڪانڌ لاءِ بي پناه محبت ۽ تڙپ جي سُڌ پوي ٿي. ٽيون لفظ "اڏارامان" ان وقت جي ڏٽڙيل عوام جي حالت جي پڻ چگي طرح پروڙ پوي ٿي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي عوام جي معاشي حالت ڪهڙي هئي؟!

اهڙي طرح ممتاز مرزا صاحب، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي مضمون ۾ ان دور جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي ته "ماڻهو پنهنجي معاش ۽ پيٽ پالڻ لاءِ ڪنهن حد تائين پريشان ۽ حيران هئا، ڏارين جون هلاڪون ۽ گهلون، ان کان سواءِ اهڙي اوندهه انڌوڪار، ۾ ڀٽائي بادشاهه پنهنجي وسايل پٽ تي پيار ۽ پريت، حق ۽ سچ جو جيڪو مچ ٻاريو هيو تنهن جي اردگرد ڪيئي ٽڪل ۽ منجهيل توڙي وقت جي سياري جا سٽيل ماڻهو اچي هٽ سيڪڙ لڳا. (۱)

مٿين بيت، ۽ مزار صاحب جي حوالي مان صاف ظاهر آهي ته، ان دور ۾ هتان جي عام ماڻهن جي معاشي حالت ڪهڙي هئي! چيو وڃي ٿو ته، ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ سکي ستابي هئي. جيئن ته سن ۱۱۵۲ھ مطابق ۱۷۴۰ع ۾ جڏهن نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي، ان وقت سنڌ جو حاڪم ميان نورمحمد ڪلهوڙو هيو، جنهن کان نادر شاهه هڪ ڪروڙ روپين جو خزانو ڦريو، ۽ مٽس سالياڻو ۲۰-لک روپيا ڏن (ڏل) مڙهي ويو. (۲)

ان مان ثابت آهي ته سنڌ جا حاڪم پنهنجي عياشي لاءِ غريب عوام کان ڏلون وصول ڪري، پنهنجو خزانو پريندا هئا، پر غريب عوام، ڏٽڙيل ۽ بدحالي ۾ هيو.

تاريخ تمدن سنڌ ۾ ذڪر آهي ته "حڪومت عوام کان جيتري ڏل وصول ڪندي هئي، ته اوترو رفاهي ڪمن تي خرچ ڪونه ڪندي هئي. جهڙوڪ رستا تعمير ڪرائڻ، يا مڪتب جاري ڪرڻ وغيره. البت بادشاهه جا خزانا پريا هئا. حاڪمن کي زر ۽ جواهرن گڏ ڪرڻ جو شوق هوندو هيو، جنهن مان شاهي حرمسراءِ ۾ عيش ۽ نشاط جون محفلون هر

(۱) روزنامه عبرت اخبار ۳۰ مئي ۱۹۹۰
(۲) تاريخ تمدن سنڌ ص۳۵۷

www.maktabah.org

وقت گرم رهنديون هيون. (۱)

اعجاز الحق قدوسي،پنهنجي ڪتاب "سنڌ ڪي تاريخي ڪهانيان" ۾ لکي ٿو: "ڪلهوڙن جو تعلق ڪڏهن مغلن سان ته ڪڏهن ايرانين سان، وري ڪڏهن افغانين سان هلندو آيو، جيڪي ڏن جي صورت ۾ لکين روپيا ڪائنس وصول ڪندا رهيا. (۲)

ان وقت جي حاڪمن جي، غريب عوام سان ڪابه همدردي ڪانه هئي، هو صرف عيش آرام سان گذارڻ جي فڪر ۾ هوندا هئا، جنهن ڪري عوام ۾ به حاڪمن جي لاءِ ڪابه خيرخواهي ڪانه هئي. اهوئي سبب هيو جو وقتاً فوقتاً ڌارين غيرملڪي فاتحن کي سنڌ مان هر پيري دولت جا انبار هٿ لڳندا هئا ۽ سويارا ٿي واپس ويندا هئا. ان جو مطلب اهو به نه آهي ته ڪو سنڌ وارن کي پنهنجي ملڪ سان محبت ۽ همدردي ڪانه هئي، بلڪ هُنن مسڪينن کي، پنهنجي ئي ملڪ جي مالڪن، پنهنجي بي توجهيءَ سان، بي دليو ڪري ڇڏيو هيو.

سنڌ جي هارين، ڪاسبين ۽ ڪارگرين ۽ پورهيتن کي صحيح اجورو نه ملڻ ڪري، ملڪي پيداوار متاثر ٿي. ارڙهين صدي عيسوي جي وچ ڌارين سنڌ جي ڪپڙي ناهڻ واري صنعت کي (خاص ڪري سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي جي صنعت) مقامي حڪمرانن جي عدم توجهيءَ سبب وڏو نقصان پهتو. ڊاڪٽر ڇبلاڻي ان جا سبب ڄاڻائيندي لکيو آهي ته "صوبي ۾ اندروني سياسي بدامني ۽ بي آرامي کان سواءِ ٻاهرين حملہ آورن جا حملا،سنڌ جي حاڪمن جي بدانتظامي، ڳريون ڏلون ۽ محصول، واپاري طبقي سان ناروا سلوڪ، مڪيہ ڪاڻ هئا." (۳)

ٻارهين صدي هجري ۾ مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ هاري زميندار جي زيراثر هيو، ۽ زميندار جو ظالماڻو رويو هاريءَ لاءِ هاڃيڪار هيو. هاريءَ جي ڪابہ حفاظت ڪانه هئي. سندس پگهر جي پورهئي مان يا سندس ميراث جو جيڪو چوپايو مال هوندو هيو،اهو وري ڪائنس ڌاڙيل ۽ ڦورو ڦري ويندا هئا. نہ غريبن جي گهر کي ڪو ڪوٽ يا ديوار هوندي هئي، ۽ نہ وري سندس ڪو پڪو گهر هوندو هيو. ڏينگرن جي لوڙهي اندر سندس ڪڪائين جهوپڙي هوندي هئي، جنهن جي حفاظت، اهو لوڙهو ڪري ئي نہ سگهندو

(۱) تاريخ تمدن سنڌ ص۴۴۴

(۲) "سنڌ ڪي تاريخي ڪهانيان"- اردو ص۲۴۴

(۳) سنڌ جي اقتصادي تاريخ "سنڌي" ص۱۲۲

www.maktabah.org

هيو. (۱)

ڊاڪٽر ڇبلاڻي صاحب ميڪبونالڊ جي حوالي سان ٻڌائي ٿوتہ "روهڙي ضلعي جو سڪر طبقو (شاهوڪار) نظر ڪونہ ٿو اچي، نہ ڪي منجهس پنهنجي اها حيثيت قائم ڪرڻ جي ڪا طاقت ٿي ڏسجي، جنهن تي مقامي ماڻهن کي فخر هوندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ، ضلعي اندر ڪي بہ، بہ اهڙا زميندار ملي نہ سگهندا، جيڪي هر مهيني ۾ هزار روپيہ خرچ ڪري سگهندا هجن. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ هو غربت ۾ گذارين ٿا." (۲)

تاريخ تمدن سنڌ ۾ رحيمداد خان مولائي شيدائي، ٽالپرن جي آمدني ۽ روانگي ٻڌائيندي لکيو آهي تہ "مير فتح علي خان جي اپت، ايڪونجاهہ لک روپيا هئي، خرچ ڪرڻ جو تفصيل هن طرح هيو:

۱- ڏهہ لک روپيا شاهي خزاني ۾ رکيا هئا.

۲- يارهن لک روپيا سرڪاري عملدارن ۽ ڪامورن کي پگهار ۽ جاگيردارن کي وظيفي طور ملندا هئا.

۳- اناويهہ لک ٽيويهہ هزار روپيہ، مير صاحب جي خانگي خرچ پکي لاءِ هئا.

۴- بہ لک روپيا، نادارن ۽ محتاجن کي حڪومت طرفان خيرات ڏبا هئا. (۳)

مٿين انگن اکرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ، مير فتح علي خان سرڪاري آمدني مان اڌ کان بہ وڌيڪ رقم ذاتي خرچ لاءِ صرف ڪندو هيو. باقي عوام جي صحت، خواہ تعليم وغيره لاءِ ڪوبہ بندوبست ڪونہ هيو. جيڪي ڏلون يا محصول عوام تي مڙهيل هوندا هئا، ۽ ڪنهن لاچاري سبب جي ڪري کو غريب وقت سر اهي ادا ڪري نہ سگهندو هيو، تہ سندس مال متاع ضبط ڪري بہ وصولي ڪئي ويندي هئي، پر جيڪڏهن مال متاع نہ هوندو هيو، تہ وري سرضبطي ڪري ان کي قيد ڪري ڇڏيندا هئا.

ميرن جا خاص عملدار، ڪاردار، اهلڪار، سزاولڪار ڪاراوا ۽ ڪوتوال هوندا هئا، جن جو عوام سان سخت گيريءَ وارو سلوڪ هوندو هيو. ملڪي معيشت جي واڌاري لاءِ ڪوبہ قدم ڪونہ کڻندا هئا. مقامي ماڻهن بجاءِ ڏارين ماڻهن کي اولين حيثيت ڏيندا هئا.

(۲) تاريخ تمدن سنڌ ص۴۴۹

(۳) سنڌ جي اقتصادي تاريخ، ص۱۵۰

(۴) "تاريخ تمدن سنڌ" ص۵۸۲۲

www.maktabah.org

حاڪمن، خاص ڪري تالپرن، درياهه جي ڪناري واريون زمينون جيڪي زرعي اپت ڏيڻ لاءِ ڪارگر هيون، سي سيئي شڪار گاهه ڪري ڇڏيون هيائون، باقي بيون ڪارگر زمينون جاگيرن جي صورت ۾ پنهنجي دل گهرين ماڻهن کي ڏيئي ڇڏيائون، جنهن ڪري عوام جي حالت بدتر ٿيندي ويئي.

بارهين صدي هجري ۾ ان کان ٿورو اڳ يا پوءِ وارو دور، سنڌي غريبن ۽ مسڪينن لاءِ انتهائي مشڪل ۽ ڏکيو دور رهيو آهي. خاص ڪري مير صاحب، جڏهن سياري جي موسم ۾ شڪار لاءِ نڪرندا هئا ته غريب عوام لاءِ نسورو ناحق ٿي ويندو هيو. جتي جتي ميرصاحب جي منزل ٿيندي هئي ته اتان جي آس پاس جا غريب ماڻهو زبردستي بيگر (وانگار) ۾ آندا ويندا هئا، جن کان شڪارگاهه جا لوڙها ڏيارڻ، ميرن صاحبن جي شڪار کيڏڻ لاءِ ڪڏا وغيره ناهڻ، ۽ لشڪرين جي وهڻن لاءِ گاهه، داڻو پاڻي آڻڻ، سياري جي چلهه لاءِ ڪاڻيون گڏ ڪرڻ، رهائش لاءِ منهه يا ڇپر ناهڻ وغيره جا ڪم بنا اجوري ڪرايا ويندا هئا. ان کان سواءِ تر جي زميندارن کان ڪڙپ، ڪڙيون، آنا، ڏونئرو، ٻڪر وغيره به مفت ۾ ورتا ويندا هئا، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو هيو ته عام ماڻهو جي معاشي حالت روز بروز بدتر ٿيندي ويئي، ۽ ملڪ ۾ خصوصاً اَنَ جي اٽاٽ ٿي ويئي، ۽ ماڻهو بکن ۾ پاهه پيا ٿيندا هئا. ان کان سواءِ معاشي بدحالي ۽ حڪمرانن جي بي توجهي سبب خصوصاً واپار کي ڪاپاڙي ڏک لڳو.

سنڌ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ان مان پورو پورو فائدو ونندي، مقامي واپارين کي معاشي بحران ۾ جڪڑي پنهنجا پير پختا ڪيا. نتيجي طور سنڌ جو غريب طبقو روز بروز غريب ٿيندو ويو، ۽ سامراجي ٽولو پنهنجي چالبازين ۽ حرفتن سان امير ترين بنجي ويو. آخرڪار سن ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن ميرن جو خاتمو آندو، ۽ سڄي سنڌ تي انگريزن جي حڪومت قائم ٿي ويئي.(۱)

(۱) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص۲۰۷

www.maktabah.org

باب چوٽون

فصل پهريون

مکتوبات شريف ۾ مذڪور صوفيانه اصطلاحات جو مختصر جائزو

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٺي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي مکتوبات شريف ۾ جيڪي صوفيانه اصطلاح آيل آهن.

انهن اصطلاحات جي تشريح ۽ وضاحت ۽ سندن ئي مکتوبات ۽ ملفوظات شريف جي روشنيءَ ۾ ڏجي ٿي، ته جيئن ان باري ۾ سندن مشرب ۽ راين کان آگاهي حاصل ڪري سگهجي. ان ڪري ضروري ڄاتو ويو ته خاص خاص صوفيانه اصطلاحات، جيڪي مکتوبات شريف ۾ تحرير فرمايائون، انهن جي نهايت ئي مختصر وضاحت قارئين لاءِ پيش ڪجي.

توڙي جو سندن ڪلام جي ڪماحقه، اپٽار ڪرڻ، مون ناچيز ۽ ڪم علم لاءِ ائين آهي جيئن تارازيءَ سان ڪوهه قاف جبل کي تورڻ، جيڪو مشڪل ۽ ڏکيو آهي. ساڳئي ريت مکتوبات ۾ ڪتب آندل صوفيانه اصطلاحات جي مطلب ۽ مقصد جي وضاحت ڪرڻ به ايتري ئي دشوار ڄاتم، ڇوته بادشاهن جي رازن جون ڳالهيون، بادشاهه ئي سمجهندا آهن. ان ڪري سندن همڪَبير شخصيت جي طرفان استعمال ٿيل صوفيانه اصطلاحات کي مِن وعَن مکتوبات ۽ ملفوظات شريف جي روشني ۾ بيان ڪيو وڃي، البته ڪٿي ڪٿي ان جي تائيد ۾ سندن خاص خليفي محمود نظاماڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي راين کي پڻ ان هنڌ جاءِ ڏني اٿئون، ته جيئن سندن خليفن جي عُلومرتبي جو پڻ اندازو ٿي سگهي.

روح متعلق سندن رايو:

حقيقت هن طرح آهي ته روح بابت تحرير ڪرڻ يا گفتگو ڪرڻ تمام دشوار

www.maktabah.org

ڳالهه آهي. پوءِ انهيءَ سبب کري علم وارن بزرگن روح جي وضاحت کرڻ کان خاموشي اختيار کئي. ليکن ان جي باوجود به بزرگن ۽ کن عالمن جدا جدا نموني روح جي وضاحت کئي آهي.

دراصل روح هک ربي امر آهي، جنهن بابت خدائي فرمان هن طرح آهي ته "ان (روح) بابت تمام ٿورڙن ماڻهن کي ڄاڻ ۽ سمجهه ڏني ويئي آهي." (القرآن)

هتي ان "روح" متعلق سنڌ جي کامل ولي الله حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن طرفان بيان کيل وضاحت، پڙهندڙن جي فائدي لاءِ پيش کجي ٿي.

پاڻ روح بابت فرمايو اٽائون ته "تحقيق قلب (دل) جي تعلق جي جاءِ، جنهن سان روحاني طبيبن (الله پاڪ جي کامل ٻانهن) جو واسطو هوندو آهي، ان کي روح چئبو آهي."(١)

پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته ياد رکو! اسان جڏهن به دل جي ڳالهه کيون ته اسان جي ان مان مراد، انسان جي حقيقت ئي هوندي آهي. جنهن کي روح ۽ نفس چيو ويندو آهي ۽ اها انساني حقيقت مدرک به آهي ته عالم ۽ عارف به (٢) يعني انساني حقيقت

(١) تفصيل لاءِ ڏسو مکتوب نمبر ١٦.

(٢) مدرک بابت حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن هن طرح وضاحت کئي آهي ته، جنهن ٻانهي پنهنجي نفس کي ٻانهپ ۽ بندگي واري صفت سان سجاتو، تنهن پنهنجي پيدا کندڙ کي ربوبيت واريءَ صفت سان سجاتو.

پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته "نفس جو اهو (اصل کان) دستور آهي، ته هو باطل دعوائون کندو آهي، ۽ ربوبيت واريون صفتون جيکي صرف ان ذات (يعني الله تبارک وتعاليٰ) لاءِ مخصوص آهن. جيئن عظمت، کبريائي، جباري، بيپرواهي ۽ قدرت وغيره، انهن کي پاڻ ۾ تصور کندو آهي، ۽ ٻانهو (يعني عاجزيءَ ۽ بيوسيءَ جي باوجود به) اهو تصور کندو آهي ته اهي صفتون منهنجيون آهن.

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه، عالم بابت سمجهاڻي هن طرح ڏني آهي ته "جڏهن ٻانهي جي نفس تي انوار الاهي جي تجليات سان هي ڳالهه واضح ٿي ويندي آهي ته، اصل ۾ منهنجي ٻانهپ ۽ بندگيءَ واريون وصفون ته عاجزي، مسکيني، فقيري، نوڙت ۽ نياز وغيره آهن. باقي ان کان سواءِ غرور، تکبر، وڏائي ۽ بيپرواهي واريون دعوائون باطل ۽ بيڪار آهن، پوءِ جڏهن ٻانهي تي اهڙي حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ۽ هو »

www.maktabah.org

کي ادراک، علم ۽ معرفت حاصل هوندي آهي.

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن روح جي حقيقت کي بيان کندي، مکتوبات شريف ۾ فرمايو آهي ته، جيئن ڪٽڪ کي پوکڻ وقت بج چوندا آهن ۽ جنهن وقت اهو بج ڦٽي سائو ٿيندو آهي، ته ان کي پوک يا فصل چوندا آهن، پر جڏهن ان کي لٽي وائري ڳاهي چندي ڦوڪي گهر ڪٽي اڇبو آهي، ته ان کي ڪٽڪ يعني اَنُ چئبو آهي. اهڙي طرح الله پاڪ جنهن وقت خلاقت جي بج کي آدم جي زمين تي پوکيو ٿي ته ان جو نالو روح رکيو هيائين، جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي ته مون ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو. (۱)

جڏهن اهو روح وري هڪ حالت کان بي حالت ڏانهن ڦريو ته ان جو نالو قلب رکيو ويو، جيئن حضرت رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو آهي ته، مؤمن جو قلب الله تعاليٰ جي قدرت وارين ۾ ان آگرين جي وچ ۾ هوندو آهي. (۲)

پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته جڏهن فصل جو ڦر (اَنُ) ڪٽي، گهر ڏانهن روانا ٿياته ان وقت نفس نالو رکيائونس، جيئن الله تبارڪ وتعاليٰ فرمايو آهي ته "اطمينان وارا نفس! تون پنهنجي رب ڏانهن اهڙي طرح واپس ٿيءُ جون تون ان کان راضي ۽ هو توکان راضي هجي. (۳)

اهڙي طرح خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي ملفوظات، سراج العاشقين جي صفحي ۲۰۵ ۾ فرمايو آهي ته "جڏهن انسان جي بدن تي روح جو غلبو ٿيندو آهي ته پوءِ سارو جسم چگن ڪمن، اطاعتن ۽ عبادتن ڏانهن مائل ٿي ويندو آهي.

حضرت پير سائين جن جي نظريئي موجب روح جو تعلق انساني جسم سان ته

» پنهنجي اصلي بندگيءَ وارين صفتن کي سجاڻي ونيو ٿو ته ان کان پوءِ ئي سمجهبو ته هاڻي هن بندي (پنهنجي نفس کي سجاڻڻ بعد) پنهنجي رب پاڪ کي سجاتو آهي.

عارف، بابت حضرت پير سائين جن فرمايو آهي ته جيڪو ٻانهو پنهنجي ذات ۽ حقيقت کي پنهنجي وجود جي سمورن جزن سان سجاڻندو ۽ سمورن وجودن کي پنهنجي ذات جي احاطي اندر (يعني صفتن سان) مشاهدو کندو ته کيس (ٻانهي کي) ان ئي نسبت (يعني صورت) سان خدا پاڪ کي تصور کندو.

(۱) سورة الحجرات آيت نمبر ۲۹

(۲) تفصيل لاءِ ڏسو مکتوب نمبر ۱۶

(۳) سورة الفجر آيت ۲۸

www.maktabah.org

هوندو آهي، بلڪ جسم کان وڌيڪ ان جو تعلق، دل سان به هوندو آهي، پوءِ جسماني گناهن ۽ غلاظتن سبب آهستي آهستي دل تي ڪٽ چڙهندي ويندي آهي، ۽ منجهائنس روحاني صفتون ختم ٿي ويندیون آهن، ۽ ان جي جاءِ تي شيطاني صفتون پيدا ٿي پونديون آهن. آخر هو غفلت جي اوڙاهه ۾ غرق ٿي ويندو آهي. پاڻ فرمايو اٿن ته روح جي ترقي شريعت پاڪ جي پابنديءَ کان سواءِ ممڪن نه آهي. (١)

حضرت پير سائين جن جي زندگي جو خاص جوهر، شريعت پاڪ جي پابندي هيو، جنهن جي تحت پنهنجي تعليم ۽ تبليغ جو سلسلو جاري رکيائون، ۽ پنهنجن مريدن، معتقدن ۽ پوئلڳن کي به ان جي تلقين ۽ نصيحت فرمايائون، ان ڪري پاڻ انسان جي اصلي حقيقت (روح) کي سينگارڻ لاءِ ،شريعت کي ضروري قرار ڏنائون.

نفس شناسيءَ جو علاج سندن نظر ۾:

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي مکتوبات ۽ ملفوظات شريف ۾، نفس شناسيءَ ذريعي جيڪو خودفراموشيءَ وارو درس ڏنو، ان جو مثال ۽ انداز ئي نرالو آهي. نفس جي سڃاڻڻ وارين حالتن، ۽ نفس متعلق سندن راين جو مختصر احوال پيش ڪجي ٿو.

نفس مطلق:

حضرت جن نفس مطلق جي وضاحت ڪندي فرمايو ته، هن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته جيئن معرفت الاهي جي حقيقت کي پهچڻ ڏکيو آهي، اهڙي طرح نفس کي به سمورين صفتن سان سڃاڻڻ ڏکيو آهي، ۽ ان جي سڃاڻپ، دل جي بصيرت کان سواءِ محال آهي، ۽ دل جي بصيرت رياضت يا عشق الاهيءَ کان سواءِ ڏکي آهي. (٢)

نفس جي لغوي معنيٰ، ساهه يا روح آهي. صوفيانه انداز ۾ حضرت پير سائين جن ان جي حقيقت بيان ڪندي فرمايو آهي ته "نفس جي حقيقت ۽ نفس جي معرفت جو درا مدار هن قول "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ" تي آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته نفس جي حقيقت صوفياءِ ڪرام وٽ بدن جي ظاهري جوڙجڪ

(١) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر ١٦

(٢) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر ١٦

www.maktabah.org

وارن عضون جي مجموعي جو نالو آهي، جنهن جو مطلب هي آهي ته اها حيواني قوت، جيڪا حيواني روح جي طبيعت ۾ شامل آهي. اهل شريعت ۽ تصوف جا چاڻو ان کي نفس مطلق چوندا آهن، ۽ ڪڏهن حڪيم ان کي نفس ناطق، ته وري ڪڏهن صرف نفس به چوندا آهن، ليڪن ان مان سندن مراد ان جي ذات ۽ حقيقت هوندي آهي. ڪن محققن ۽ مفڪرن جو چوڻ آهي ته نفس مان مراد قلب (دل) روح ۽ جان آهي.

حضرت جن، مڪتوبات شريف ۾ ڪيميائي سعادت جو حوالو ڏيندي وڌيڪ فرمايو آهي ته "انسان جي اندر ۾ هڪ چشمو هوندو آهي، جنهن کي نفس، دل، قلب ۽ جان چوندا آهن." سندن فرمان موجب نفس جي وڌيڪ تشريح روح جي عنوان ۾ اچي چڪي آهي.

نفس بابت صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام پنهنجا خيالات ظاهر ڪيا آهن، ۽ سيئي ان ڳالهه تي متفق آهن، ته خراب ڪمن ۽ بچڙين عادتن جو ظاهر ٿيڻ، نفس جي سببان هوندو آهي. ان ڪري نفس کي مطيع ۽ فرمانبردار بنائڻ لاءِ، انهن مختلف طريقا ٻڌايا آهن.

حضرت پير سائين جن نفس جي مخالفت ڪرڻ، ۽ نفس کي فرمانبردار بنائڻ لاءِ ملفوظات شريف ۾ اهڙاتہ نصيحت آموز مثال ۽ طريقا بيان فرمايا آهن، جيڪي سندن عارفانہ شخصيت ۽ عارف بالله هجڻ لاءِ دليل آهن. سندن ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي ته، جيڪو شخص پنهنجي سڏن جي پويان وڃي ٿو، ان جو مثال ان ڪتي وانگر آهي، جيڪو بددبودار ڏوندڙ جي پويان ڊوڙي ٿو، بلڪ ان کان بہ وڌيڪ بدتر آهي. پاڻ پنهنجي خليفي محمد حسين رحمة الله تعالىٰ عليه کي نصيحت ڪندي مڪتوب نمبر ۳ ۾ فرمايو اٿن ته: "اي پيارا! نفس جي اها عادت هوندي آهي جو جنهن وقت هو بار هيڻان هوندو اهي ته ڪانئس سڏون وسري ويندين آهن، ۽ آرام ۾ هوندو آهي، پر جنهن وقت مٿس بار نہ هوندو آهي ته ان مهل سڏن ۾ سرگرم هوندو آهي.

حضرت جن جي ان فرمودي جو مطلب هي آهي ته، نفس کي جنهن وقت اطاعت الاهي جي بار هيڻان ڪبو ته نفس مطمئنہ جي شڪل اختيار ڪندو ۽ جنهن وقت ان بار کان آجو هوندو ته سرڪشي ۽ نافرماني ۾ مشغول ٿي، نفس امارو بنجي ويندو.

گر كني يک آرزوئے خود تمام
از تو صد ابليس زايد والسلام

www.maktabah.org

يعني جيڪڏهن نفس جي هڪ سڌ پوري ڪندين تہ تومان سوين شيطان ڇمي پوندا.

حضرت جن جي ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي تہ پاڻ هڪ دفعي پنهنجي مريدن کي وعظ نصيحت ڪندي ارشاد فرمايائون تہ "اي عزيز! پنهنجي نفس کي قيد ڪري ڇڏ، ۽ ڪڏهن بہ سندس مراد تي ڪيس ڇڏي نہ ڏي، تہ جيئن سيئي سڌون وساري ڇڏي. (۱)

اهڙي طرح پاڻ ٻيو دفعو فرمايائون تہ "جنهن طالب کي دل ۾ باطل خيال پيا پون، ۽ انهن کان بچڻ ۽ غيرت ڪانہ ٿي اچيس، ۽ نہ وري انهن جي دفع ڪرڻ ۽ ڪيڏ جي ڪوشش وني ٿو، تہ انهيءَ جو مثال ڪنجر شخص وانگر آهي، جنهن جي زال جو ملهہ هڪ ٽڪو يا ٻہ ٽڪا هوندو آهي.

اهڙي طرح غيرالله جا خيال ڏاريا ماڻهو سمجهڻ گهرجن، تن کي پنهنجي اندر (دل واري گهر) ۾ ڇڏي ڏيڻ، ۽ دل کي انهن سان مشغول رکڻ جڻ پاڻ ڪنجر ٻڌڻ آهي. (۲)

اهڙي طرح پاڻ نفس کي مطيع ۽ فرمانبردار بنائڻ لاءِ پنهنجي، مڪتوبات ۾ هن طرح فرمايائون تہ "نفس کي اطاعت الاهي ۾ سرگرم رکجي، ۽ بک ذريعي سندس سرڪشي ختم ڪجي، ڇوتہ جڏهن پيٽ پريل هوندو تہ نفس بچڙاين ۽ نافرمانين لاءِ سرگرم هوندو، پر جيڪڏهن بکيو هوندو تہ سندس حيواني قوتون سرد هونديون آهن. (۳)

پاڻ پنهنجي مريدن کي جيڪا تلقين ۽ نصيحت فرمايائون، سا سموري نفس جي مخالفت تي مبني هئي، ڇوتہ نفس ۽ شيطان انسان جا ازلي دشمن آهن، پوءِ جيڪي انهن جي فرمانبرداري ڪندا، انهن جا روح مرده ٿي ويندا آهن.

مطمئنہ نفس بابت سندن نظريو:

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمۃ الله تعالیٰ عليه مطمئنہ نفس جي متعلق فرمايو آهي تہ "جڏهن نفس مان نفرت ۽ اختلاف جو ٻج بلڪل ختم ٿي ويندو آهي، ۽ جهڳڙالو مان بدلجي جڏهن دل جي سڪون ڏانهن موٽندو آهي، ۽ پاڻ کي حڪمن (چگاين) جو فرمانبردار ۽ تابع بنائيندو آهي، ۽ پرهيزگاري ڏانهن رغبت ڪندو آهي، ۽ شهوتن جي ڪري جيڪا پريشاني ٿيندي اٿس، اها بہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندي آهي، تڏهن اهڙي

(۱) ملفوظات شريف، مترجم جلد ٽيون، ص۱۰۳

(۲) ملفوظات شريف، مترجم جلد ٽيون، ص۸۹

(۳) مڪتوب ۱۶

صفت واري نفس کي "نفس مطمئن" چئبو آهي. اهڙو نفس انبياءُ عليهم السلام ۽ ولين جو هوندو آهي.

اهڙي طرح پاڻ نفس جون حالتون، ان بيمار ماڻهو وانگر بيان فرمايون اٿن، جيڪو ڪڏهن بيمار هوندو آهي ته ڪڏهن چگو ڀلو هوندو آهي وري ڪڏهن نه بيمار ۽ نه وري خوش هوندو آهي، پاڻ اهو مثال فرمائيندي بيان ڪيو اٿائون ته "نفس ڪڏهن امارو هوندو آهي ته ڪڏهن لوامو هوندو ته ڪنهن وقت مطمئنو هوندو آهي." (١)

حضرت پيرسائين جن جي فيض يافته خليفي ميان محمود نظاماڻي رحمة الله تعاليٰ عليه نفس مطمئن بابت پنهنجو رايو ڏيندي فرمايو آهي ته "نفس مطمئن جي معنيٰ هي آهي ته، نفس کي سيني فکرن ۽ خطرن کان آرام ۽ سکون هجي، پر امارو نفس اهو آهي جيڪو پاڻ کي براين کان نه روکيندو آهي نه وري ان تي پشيمان ٿيندو آهي، ۽ هميشه شهوت ۽ شيطاني ارادن تي ڪاربند هوندو آهي. ڏوهن ۽ بيفرمانين ڏانهن لاڙو هوندو اٿس. پاڻ فرمايائون ته اهڙي عادتن واري نفس کي "نفس امارو" چئبو آهي.

سندن مڪتوبات شريف ۾ ان اماري نفس جي باري ۾ فرمايائون ته "اهڙي نفس جي تابع تمام انساني قوتون هونديون آهن، ۽ اهو نفس منافقن ۽ ڪافرن جو هوندو آهي. (٢) ساڳئي طرح سندن خليفي ميان محمود رحمة الله تعاليٰ عليه ان باري ۾ فرمايو آهي ته "نفس امارو اهو آهي، جيڪو حرص ۽ خواهشن سان بچڻ جو امر ڪندڙ هجي. (٣)

حضرت پير سائين جن صرف براين ۽ بچڻ جي نشاندهي ڪرڻ کي ئي ڪافي نه سجهيو، بلڪ انهن کان بچڻ لاءِ پڻ اهڙا ته طريقا ۽ علاج تجويز فرمايائون، جيڪي هڪ عارف ۽ ڪامل کي ئي سونهين ٿا.

لوامي نفس جي سڃاڻپ:

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن نفس لوامي جي صفت بيان ڪندي ڄاڻايو آهي ته "جڏهن وجود جو معاملو دل جي حوالي هوندو آهي، ۽ نفس تابعداري ۽ فرمانبرداري واري رسي ۾ دل جو مطيع ۽ فرمانبردار ٿيندو آهي، ۽ امر

(١) مڪتوب نمبر ص١٦

(٢) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب ص١٦

(٣) سراج العاشقين، ص٦٥.

www.maktabah.org

ايجادي (يعني تقدير الاهي تي هر حال ۾ راضي رهي صبر کان ڪم وٺندو آهي) ۽ امر ايجابي (يعني الله پاڪ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري) ۾ سکون ۽ آرام لهندو آهي، ليڪن انهن ڳالهين جي باوجود به نفس ۾ سرڪشي ۽ انتها پسندي باقي هوندي اٿس.

جنهن ڪري اهڙو ٻانهو هميشه پاڻ کي ملامت ڪندو رهندو آهي، ۽ ان کان بچڻ لاءِ طريقا تلاش ڪندو آهي، ۽ اهڙي بندي کان جڏهن به ڪو خراب ڪم ٿي پوندو اٿس تہ هو گناهه تي پشيمان به جلد ٿيندو آهي، ۽ پاڻ کي ملامت ڪندو رهندو آهي، ۽ خواهشن کي برو سمجهندو آهي، ۽ شيطان تي لعنت ڪندو آهي. شهوتن سان دشمني رکندو آهي، ۽ نفساني لذتن کي ناپسند ڪندو آهي. برائيءَ ۽ گناهه کان جلد توبهه تائب ٿيندو آهي. اهڙو نفس عام مومنن ۽ ولين جو هوندو آهي. پاڻ وڌيڪ فرمايائون تہ "اهڙي نفس کي نفس لوامو چئبو آهي. (۱)

خليفي محمود نظاماڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه ان باري ۾ فرمايو آهي تہ "نفس لوامو اهو آهي تہ "جيڪو بچڻن ڪمن کڻڻ کان پوءِ پاڻ کي ملامت ڪري ٿو ۽ ان کان پوءِ حق سبحانه وتعاليٰ جي امر ۽ نهيءَ واري ڪمن تي مطيع ٿئي ٿو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن پل مان ڪو گناهه ڪري ٿو تہ فوراً توبه ڪري پاڻ کي ملامت ٿو ڪري. (۲)

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي زندگيءَ دوران ٻنهن ڪمن کي سامهون رکندي پنهنجي روحاني سفر کي جاري رکيو، هڪ اطاعت الاهي ۽ سنت نبوي جي پيروي، ٻيو نفس شناسي ۽ خودفراموشيءَ جي ذريعي شخصيت جي ڪردار جي تعمير وارو درس.

پاڻ انهن پنهي ڪمن تي اهڙو تہ مستحڪم رهيا، جو سندن پوري زندگيءَ دوران تر جيترو به ان کان پوئتي نہ هٽيا، بلڪ ان دائري اندر پنهنجي زندگي بسر ڪيائون ۽ پنهنجي مريدن ۽ پوئلڳن کي به ان طرح زندگي گذارڻ جي تلقين فرمايائون.

تزڪيہ نفس:

راهه سلوڪ ۾ نفساني پاڪائي تمام اهم ۽ ضروري آهي، جنهن بغير ڪو به ڪم جائز نہ ٿيندو، ۽ نہ وري ان جي اجوري ۽ لاپ ملڻ جي اميد رکي سگهجي ٿي. ان

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر ۱۶

(۲) سراج العاشقين ص ۶۵

www.maktabah.org

ڪري سڀ کان اول نفس جي پاڪائي جو اهتمام ڪرڻ تمام ضروري هوندو آهي، ۽ اهو ئي سبب آهي جو الله جي پيارن به سڀ کان اول نفس جي پاڪائي تي ڌيان ڏنو، ۽ ان کان پوءِ ئي مجاهدات ۽ مشاغلات ۾ پير پاتائون.

ان ڏس ۾ حضرت پير سائين جن فرمايو آهي ته "تزڪيه نفس مان مراد نفس جي پاڪائي آهي ۽ نفس جو تزڪيه ۽ تصفيه، ڪمال محنت کان سواءِ پيدا ٿيڻ محال آهي." (۱)

پاڻ نصيحت ڪندي ارشاد فرمايائون ته "انهن ٻنهي (تزڪيه ۽ تصفيه) کان پوئتي هٽڻ نه ٿو جڳائي، ۽ هميشه ڪوشش ۾ مصروف رهڻ کپي.

پاڻ فرمايائون ته الله تعاليٰ جو ذڪر نفس کي خراب وصفن کان پاڪ ڪرڻ ۾ خاص اثر رکي ٿو، ۽ اسان ان کي آزمائي ڏٺو آهي. پنهنجي ابتدائي تعليم واري دور کي ذڪر ڪندي فرمايائون ته "سلوڪ جي واٽ ۾ پير رکڻ کان پوءِ، جڏهن قادري طريقي موجب ڏاڍيان ذڪر ڪرڻ جو شغل جاري ڪيوسين ته ان ذڪر جي برڪت سان جان جي وار وار مان الله تعاليٰ جو ذڪر جاري ٿيڻ لڳو، ۽ ان مهل اسين سمجهڻ لڳاسين ته جڙ پوري جان، الله پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول ٿي وئي، ۽ ذڪر جي اثر سبب اندر صفا ۽ روشن ٿي ويو، ۽ نفس جي پاڪائي ۽ صفائي سبب، انوار الاهي جي بارش شروع ٿيڻ لڳي. سندن فرمان آهي ته "ذڪر ۾ مشغول رهڻ ڪري نفس مان خراب عادتون ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ اهي خراب عادتون ناپاڪ جانورن جي شڪلين ۾ به نڪرنديون رهنديون آهن، آخر اهڙي طرح قلب ۽ نفس جي صفائي ۽ پاڪائي ٿئي ٿي." (۲)

رضا جي حقيقت:

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن رضا ۽ تسليم جا اهي بحر بيڪران هئا، جن پنهنجي پوري زندگي رضا الاهي حاصل ڪرڻ کان سواءِ، هڪ وڪ به باهر کا نه رکي، ۽ هميشه هر ڪم کي خدا پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏڻ ئي ته سندن زندگيءَ جو مول متو هو.

حضرت جن رضا جي حقيقت بيان ڪندي فرمايائون ته "سڀ کان اول تدبير کي

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر ۲۲

(۲) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوبات ۲۲

www.maktabah.org

ڇڏي ڏيڻ گهرجي، ۽ آخري ڳالهه ته پنهنجو وجود وجائجي، يعني پنهنجي نفس جون سڀ رڻون ترڪ ڪري نفع حاصل ڪرڻ ۽ نقصان ٽارڻ لاءِ ڪجهه به نه ڪجي." وڌيڪ فرمايائون ته" رضا جو مقام ايمان وارن کي نصيب ٿيندو آهي، ۽ ايمان جي حقيقت هن طرح ٻڌائي اٿن ته "ايمان دل جي تصديق ۽ نيڪ عملن جي بجا آوري ۽ ان جي تڪميل جو نالو آهي." (۱)

سندن نظر ۾ رضا جو مقام سڀني مقامن کان مٿاهون آهي، ۽ رضا جي مرتبي مان مراد هي آهي ته ٻانهي کان خداوند تعاليٰ راضي هجي ۽ ان جو دارومدار هن تي آهي ته ٻانهو به الله تعاليٰ جي حڪم ڪيل ڪمن ۽ منع ڪيل ڪمن کي دل سان تسليم ڪري، انهن تي هر حال ۾ راضي رهي.

پاڻ فرمايائون ته، ٻانهي جي ان رضامندي ۾ هي شرط آهي ته سندس اهو تسليم ڪرڻ ۽ راضي رهڻ، الله تعاليٰ جي رضا خاطر هجي، جو ته عملن جو دارومدار نيت تي آهي. جيڪڏهن ٻانهي جي عبادت ۽ تسليم ۾ ڏيکاءُ جي نيت شامل هوندي ته ان جا عمل ضايع ۽ چٽ ٿي ويندا. ۽ جيڪڏهن ان ٻانهي جي نيت ۾ بهشت ۽ حورون حاصل ڪرڻ جي تمنا آهي ته ان جي عملن جو اجر ۽ بشارت ڪيس ملندي، ۽ اهو ابرارن ۾ شمار ڪيو ويندو، ۽ جيڪڏهن ان جي نيت الله تعاليٰ جي رضا طلبڻ آهي ته ان کي مخلص چئبو (۲) حضرت جن پنهنجي مڪتوب نمبر ۲۰ ۾ فرمايو آهي ته "جيڪو ڪم تقدير الاهي سان ٻانهي تي ظاهر ٿيندو، ان جا ٻه سبب هوندا آهن: ۱- سبب "خلقت يعني پيدا ڪرڻ جو هوندو ۽ اهو الله تبارڪ و تعاليٰ ڏانهن منسوب هوندو آهي. ۲- سبب، ڪسب (يعني ڪم ڪرڻ) جو هوندو، جيڪو بندي ڏانهن منسوب هوندو آهي. ان تي خلقت (پيدا ڪرڻ) سببان راضي رهڻ گهرجي، ۽ ڪسب سببان ان کان انڪار ڪرڻ گهرجي.

پاڻ وڌيڪ فرمايو اٿن ته "رضا جي حقيقت جدا جدا آهي. ملائڪ ارادي کان معصوم هوندا آهن. جيئن الله تعاليٰ فرمايو آهي ته "ملائڪن کي جيڪو حڪم ڪيو ويندو آهي. ان کي پورو ڪندا آهن. (القرآن) (۳)

نبي سڳورا نفس جي سڏن ۽ خواهشن کان معصوم آهن، ۽ ابدال ارادي کان

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر ۲
(۲) مڪتوب نمبر ۲۰
(۳) سورة تحريم آيت نمبر ٦

www.maktabah.org

محفوظ هوندا آهن، ۽ اولياءِ ڪرام نفس جي خواهش ۽ سڏن کان محفوظ هوندا آهن.

حضرت جن رضا جي وڏيڪ وضاحت ڪندي فرمايو ته "معصوم ان کي چئجي جنهن کان گناهه اصل ٿئي ئي نه، ۽ محفوظ اهو آهي، جنهن کان کنهن وقت گناهه ٿي پوي، ليڪن ان کي جلد تنبيهه ڪئي وجي ۽ هو ان گناهه کان ترت توبه تائب ٿئي.

پاڻ فرمايائون ته "ارادو ٻانهي جي خواهش کي چئبو آهي. پوءِ چاهي اها خواهش پنهنجي لاءِ ڪري يا ٻئي لاءِ ڪري. نفس جي سڏ اها آهي، جيڪا پنهنجي نفس لاءِ گهري، پوءِ جيڪڏهن انبياءِ سڳورا ارادي ڪرڻ کان به معصوم ٿيندا ته شفاعت جو دروازو بند ٿي ويندو، ۽ ابدال دعا گهرڻ کان خاموش هوندا آهن. پو ته انهن جي طريقي ۾ دعا گهرڻ گويا الله تبارڪ وتعاليٰ تي اعتراض ڪرڻ جي برابر هوندي آهي. پوءِ جيڪي دعا نه ٿا گهرن ته اهي به ولين جو هڪ قسم آهن، جن کي يقين آهي ته جيڪي به خدا تعاليٰ گهريو ان ۾ اسان جي چڱائي ۽ پلائي هوندي.

پاڻ حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جو ارشاد بيان ڪندي فرمايائون ته "اسين هرحال ۾ خوش آهيون، جيئن به صبح ڪيون، پو ته اسان يقين سان ڄاڻون ٿا ته جيڪي الله تعاليٰ جي ارادي سان پيدا ٿو ٿئي ان ۾ اسان جي پلائي آهي.

حضرت پير سائين روضي وارن فرمايو آهي ته "هڪ اهڙي به جماعت آهي، جنهن کي الله پاڪ جي عظمت، سوال ڪرڻ کان مانع آهي، جيئن قدسي حديث ۾ آهي ته "جيڪو شخص مون کان سوال ڪرڻ جي بجاءِ منهنجي ذڪر ۾ مشغول رهيو. ان کي سوال ڪرڻ وارن کان به وڏيڪ عطا ڪندس (الحديث) (۱) ان حديث پاڪ جو مطلب هي آهي ته يعني جيڪو شخص منهنجي (الله جل شانهٗ) عظمت جي يادگيري ۾ مشغول رهندو، ان لاءِ مٽيون انعام آهي.

ولين جي هڪ ٻي جماعت، جيڪي پنهنجي نفس جي بدگماني سبب سوال نه ڪندا آهن، ته متان سوال ڪيون ۽ ان ۾ نفساني خواهش شامل ٿي وجي، ۽ ان ۾ نفس جو ڪو غرض هجي. چاهي اهو دعا ۾ هجي يا عبادت ۾ هجي.

ان کان سواءِ ٻيا عارف اهڙا به آهن، جيڪي دعا ۽ سوال صرف حڪم جي تعميل واسطي ڪندا آهن. قبوليت جو انتظار کين اصل نه هوندو آهي. پاڻ فرمايائون ته جنهن وقت ڪامل مڪمل ٻانهو ان درجي کي پهچندو ۽ نفس جي اعتراض کان واقف

(۱) سنن ترمذي شريف، جلد ۲، ص ۱۱۶

www.maktabah.org

ٹيندو تہ اهڙي وقت ان جو هر عبادت وارو ڪم، عارفن جي ڪم وانگر ٿي پوندو، ۽ حقيقت ۾ انهن جو اختلاف ۽ غلطي به بين جي فرضي عبادت کان به پلي هوندي آهي. جيئن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جو قول مبارڪ آهي تہ "جيڪر مان رسول اڪرم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي سهو هجان ها. (۱)

حضرت پيرسائين جن جيئن تہ پاڻ به رضا جا صاحب هيا، ان ڪري هميشہ هن طرح فرمائيندا هئا تہ "زندگي گهرجي تہ ان مالڪ حقيقي جي رضا لاءِ گهرجي، ۽ جيڪڏهن موت گهرجي تہ به ان جي وصال لاءِ گهرجي. پاڻ وڌيڪ فرمايائون تہ "رضا کان وڌيڪ بهتر شيو ڪو به مقام ناهي. جنهن کي ڇڏي ان ڏانهن توجهہ ڪجي، ۽ اهو درجو اصحابن سڳورن لاءِ مخصوص ٿيل آهي.

رضا جي باري ۾ سندن مشرب انهن ماڻهن لاءِ هن طرح هيو، جيڪي چوندا آهن تہ "جيڪي ٻانها دعا گهرن ٿا، انهن رضا کي ڇڏي ڏنو آهي. اهڙن ماڻهن جي حق ۾ پاڻ فرمايائون تہ، حقيقت هن طرح آهي تہ "انهن ٻانهن جي دعا گهرڻ ئي رضا الاهي واسطي آهي. اهڙا ٻانها پنهنجي ارادي کي فنا ڪري الله پاڪ جي مرضي ۽ ارادي سان گهرن ٿا. پوءِ جيڪي ماڻهو ان درجي تي پهتل هوندا آهن، اهي رباني الهام ذريعي گهرندا آهن. (۲)

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمۃ الله تعالىٰ عليه جن جي نظريئي مطابق رضا جو مقام، هڪ اهڙو درجو آهي، جتي پهچڻ بعد، ٻانهو ظاهري اسبابن تان نظر بلڪل کٹي ڇڏيندو آهي، بلڪ بعض موقعن تي تہ الله تبارڪ تعالىٰ کي پنهنجي زبان سان عرض به نہ ڪندو آهي، تہ متان منهنجو اهو عرض ڪرڻ مولا پاڪ کي پسند نہ اچي، جيئن حضرت ابراهيم عليه السلام نمرود جي باهہ ۾ وڃڻ وقت جبرئيل عليه السلام کي فرمايو هيو تہ "منهنجو رب منهنجي حال کي وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو. پوءِ ڪيس پنهنجي جان بچائڻ خاطر ڇا لاءِ عرض ڪريان؟" اهڙي طرح حضرت امام حسين عليه السلام ڪربلا جي ميدان ۾ رضا تي راضي رهي، خدا پاڪ کان مصيبت دفع ٿيڻ جي دعا نہ گهري هئي. ان ڪري رضا، الله جي پيارن جو هڪ اهڙو مقام هوندو آهي، جتي پهچڻ بعد دعا گهرڻ به انهن وٽ اعتراض جي برابر هوندي آهي، ۽ ڏکئي وقت به دعا نہ گهرڻ ۽ رضا تي راضي رهڻ کي عبادت تصور ڪندا آهن.

(۲) تفصيل لاءِ پڙهو مڪتوب، نمبر ۲۰

(۳) تفصيل لاءِ پڙهو مڪتوب، نمبر ۲۰

www.maktabah.org

مبتدي:

صوفياءِ ڪرام جي اصطلاح ۾ مبتدي سلوڪ جي نئين پانڌيئڙي کي چئبو آهي. ان بابت حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي ته "مبتدي نفس جي مقصد کي چگي طرح نه سجاڻندو آهي، ۽ سندس دل ۾ خوف هوندو آهي ته ڪٿي مڪار نفس، اهڙي غلطي نه ڪرائي وجهي، جنهن جي ڪري (مبتدي) عتاب (الله پاڪ جي ناراضپي) هيٺ اچي وڃي، ۽ سندس ڪمائي (عبادت رياضت وغيره) ختم ٿي وڃي.

پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته "مبتدي نفس جي هر خواهش کي جبل وانگر تصور ڪندو آهي، ۽ نفس جي خواهش کان هر وقت ڪيس خوف هوندوآهي، ان خوف جي ڪري سوال ڪرڻ ڇڏي ٿو ڏئي. (١)

سندن ان فرمودي جو مطلب هي آهي ته، مبتدي نفساني خواهشن ۽ ان جي خرابين کان چگيءَ طرح واقف نه هوندو آهي، ۽ ان ئي سبب جي ڪري سوال ڪرڻ ۽ طلبڻ کان پرهيز ڪندو آهي، ته متان ڪٿي منهنجي سوال ۽ دعا گهرڻ ۾ نفساني خواهش ۽ غرض شامل نه ٿي وڃي، ۽ نفس جيڪو هميشه کان برائي جو حڪم ڪندو آهي، سو پُلائي گمراهه نه ڪري ڇڏي. ان ڪري مورڳو سوال ڪرڻ ۽ ڪنهن به شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ سندس دل مان خواهش ۽ تمنا ختم ٿي وڃي ٿي.

حضرت جن فرمايو آهي ته "اهڙا مبتدي سوال نه ڪرڻ جي ڪري مناجات واري لذت کان محروم هوندا آهن، يعني سوال نه ڪرڻ ڪري پنهنجي رب پاڪ جي تسبيح ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رهڻ ضروري نه سمجهندا آهن، پوءِ اهڙي وقت هو ذڪر الله جيڪو ولين ۽ صوفين جي قلب جي خاص خوراڪ آهي، ان کان محروم رهندا آهن.

پاڻ پنهنجي ملفوظات شريف ۾ ناقص مبتدي جو مثال ڏيندي فرمايائون ته "هڪ شينهن جو ٻچو، جيڪو ريڍ جي ڏڻ ۾ ننڍو ٿي وڌو ٿيو هو، ۽ پنهنجي شينهن واري اصليت وساري چڪو هيو، هڪ ڏينهن ان ريڍ واري شينهن سان جهنگل جي شينهن جي ملاقات ٿي. تڏهن جهنگلي شينهن، ريڍ واري شينهن کي چيو ته تون ته شينهن آهين، پوءِ ريڍ جي ڏڻ سان گڏ ڪيئن ٿو گهمين؟ تنهن تي ان شينهن جواب ڏنو ته مان گهيڙو آهيان. تڏهن جهنگلي شينهن ڪيس چيو ته مان گجگوڙ ٿو ڪيان ۽ تون به مون وانگر گجگوڙ ڪر.

(١) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر ١٦

www.maktabah.org

جيڪڏهن تون مون وانگر گجگوڙ ڪئي ته پوءِ تون شينهن آهين، نه ته گهيٽو آهين. پهريائين جهنگلي شينهن گجگوڙ ڪئي، ۽ ان کان پوءِ رڍن واري شينهن گجگوڙ ڪئي ته ٻئي برابر ٿيا. ان جي باجود به رڍن واري شينهن کي پنهنجي اصليت جو اعتبار نه آيو. ان کان پوءِ جهنگلي شينهن، رڍن واري شينهن کي چيو ته مان پڇ سان ٽڪاءُ ٿو ڪيان، تون به پڇ سان ٽڪاءُ ڪر. اهڙي طرح پهريائين جهنگلي شينهن پنهنجي پڇ سان ٽڪاءُ ڪيو. ان کان پوءِ رڍن واري شينهن به ساڳئي نموني پڇ مان ٽڪاءُ ڪيو، ۽ ٻئي برابر ٿيا. ليڪن هيو دفعو به رڍن واري شينهن کي، پنهنجي اصليت جو اعتبار نه آيو، آخر ۾ انهن رڍن واري شينهن کي جهنگلي شينهن چيو ته اڄ ته پاڻ گڏجي ٽپا ٽا ڏيون. جڏهن ٻنهي شينهن، پاڻ ۾ گڏجي ٽپا ڏنا ۽ ٻئي ٽپن ۾ هڪ جهڙا ٿيا، تڏهن ان رڍن واري شنيهن کي يقين ٿي ويو ۽ پنهنجي اصليت کي سڃاڻي ورتائين. ۽ جنهن وقت ان رڍن واري شينهن کي پنهنجي اصل حقيقت جي ڄاڻ حاصل ٿي، ته ان وقت جهنگلي شينهن سان گڏجي هڪ هڪ رڍ ماري جهنگل ڏانهن ڪٽي روانا ٿيا. (۱)

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن اهو مثيون مثال ڏيندي فرمايو ته "ناقص (مبتدي) کي پنهنجي نقص جي ڪري، رڍن واري شينهن وانگر سمجهڻ گهرجي. جيڪو پنهنجي اصليت کي وساري ڇڏي ٿو، پر جنهن وقت ڪامل (منتهي) سان سندس ملاقات ۽ صحبت نصيب ٿئي ٿي، ٿه اهو آهستي آهستي جهنگلي شينهن وانگر پنهنجي نفس کي سڃاڻي ٿو.

اهڙي طرح خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو آهي ته "مبتدي مريد بيمار مثل هوندو آهي. پوءِ جيڪڏهن ان بيمار، طبيب جي صلاح موجب ڪن شين جي ڪائڻ کان پاڻ کي جهليو، ۽ طبيب جي ڳالهه کي وزن ڏنائين ته پوءِ اهو بيمار مرض کان سگهو ئي صحتياب ٿئي ٿو، پر جيڪڏهن مريض طبيب جي ڳالهه کي بيهودو سمجهيو ۽ پنهنجي خواهشن وارين شين کي ڪائڻ لڳو، ته پوءِ يقيناً بيماري ان تي غلبو ڪندي. اهڙي طرح مبتدي طالب کي گهرجي ته، پنهنجي مرشد جي ڏسيل حڪمن تي استقامت سان عمل ڪري، ۽ ان جي ڏسيل ڳالهين کان منهن نه موڙي، نه ته سندس حال ان بيمار شخص جهڙو ٿيندو، جنهن پرهيز نه ڪئي، ۽ پٽ ڪيس سڏن، حرص، حسد، بغض ۽ ڪيني جهڙين بچڑين

(۱) مفوظات شريف مترجم، جلد ۵ ص ۲۴۵

www.maktabah.org

بيمارين کان ڇوٽڪارو نه ملندو. (١)

منتهي سندن نظر ۾:

منتهي، سلوڪ جي رستي تي هلندڙن مان اهو شخص هوندو آهي، جيڪو زهد ۽ عبادت ذريعي ان منزل تي پهچي ويندو آهي، جتان کان اڳتي وڪ رکڻ جي ضرورت کيس پيش نه ايندي آهي، ته اهڙي شخص جي باري ۾ حضرت جن فرمايو ته "منتهي نفس جي مقصدن کان واقف هوندو آهي، ۽ هو هر معاملي ۾ رب پاڪ جي رضا کي يقين سان جاڻندو آهي، ۽ جيڪو به عمل ڪندو آهي يا جيڪا به مٽس حالت گذرندي آهي، ته ان کي رضا الاهي سمجهي ان تي صبر و شڪر ڪندو آهي. اهڙي مضبوط ارادي ۽ يقين سبب بين کان به سوال ڪندو آهي.

حضرت جن مبتدي طالب ۽ منتهي طالب جو فرق واضح ڪندي فرمايو ته "منتهي طالب جي رضا، مبتدي طالب جي رضا کان بهتر ۽ ڪامل هوندي آهي، ۽ منتهي طالب باطن ۾ فنا في الله کان پوءِ بقا بالله جي درجي کي پهچي ويندو آهي. (٢)

خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمايو ته "منتهي فقير اهي آهن، جيڪي الله تعاليٰ جا ڪامل بانها ۽ واصل بالله آهن، انهن جي ڪامل هجڻ جي نشاني هي آهي ته انهن جي دل ماسوي الله کان، يعني مڙني تعلقات کان خالي هجي، ۽ اهل وعيال، مال، دنيا، غرض ته سيني تعلقاتن کان انهن جي دل آزاد هوندي آهي، انهن سيني شين جو هجڻ ۽ نه هجڻ، انهن وٽ هڪ جهڙو هوندو آهي. (٣)

حال بابت حضرت جن جو رايو:

حال هڪ روحاني ڪيفيت جو نالو آهي،جيڪا سالڪ جي دل تي وارد ٿيندي آهي. ان بابت حضرت پيرسائين روضي ڏٿي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو آهي ته "حال ان کي چوندا آهن، جو اهو ڦرندو رهي، ۽ طالب کڏهن کهڙي حال ۾ هجي، ته کڏهن

(١) سراج العاشقين ص ١٨٧
(٢) مڪتوب نمبر ٢٠
(٣) سراج العاشقين ص ٦٠

www.maktabah.org

ڪهڙي حال ۾ ، (۱) سنڌن راءِ موجب وقت، وجدءِ جذبو ۽ حال سان شامل آهن. (۲)

پاڻ فرمايائون ته "جنهن وقت ۾ انهي جي ڳالهائڻ، ٻڌڻ ڏسڻ ۽ هلڻ واري نسبت ۽ الله تعاليٰ پنهنجي طرفان فرمائيندو آهي، ته اها حالت ۽ سالڪ جي حال سان تعلق رکندڙ هوندي آهي. (۳) جنهن جو مطلب هي آهي ته، حال ۾ انهي جي خاص وصف جو نالو آهي، جيڪا سالڪ ۾ پيدا ٿيندي آهي.

مقام سنڌن نظر ۾ :

مقام بابت پاڻ فرمايو اٿن ته "مقام ان کي چئبو آهي جو طالب هميشہ ان تي فائز هجي. ۽ ان کي صاحب المقام ۽ چئبو آهي. (۴)

عارف جي منزل سنڌن نظر ۾ :

سلوڪ ۾ عرفان حاصل ڪرڻ، سالڪ جي آخري منزل هوندي آهي. جتي پهچڻ بعد ان جو اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، هر هڪ فعل خدا پاڪ جي رضا لاءِ هوندو آهي. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٿي رحمةَ الله تعاليٰ عليہ جن پاڻ ۽ پنهنجي وقت جا عارف هئا، ۽ عارف جي وضاحت ڪندي بيان فرمايائون ته "۽ انهو جنهن وقت الله تبارڪ وتعاليٰ جي معرفت حاصل ڪندو ته سندس هر قول، فعل، دعا ۽ سوال صرف الله پاڪ جي حڪم جي بجا آوري لاءِ هوندو آهي.

پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته "ڪامل ۽ انهو جنهن وقت عرفان حاصل ڪندو آهي ته پوءِ ان جو هر ڪم عبادت هوندو آهي. (۵)

سنڌن نظريئي موجب، عارف کي سوال ڪرڻ حرام هوندو آهي. پاڻ پنهنجي ۽ سيد علي مرتضيٰ شاهہ کي خط ۾ لکي موڪليو هيائون ته "عارفن کي سوال ڪرڻ جو ڪهڙو ڪم، ڇو ته عارفن جي ته هي عادت هوندي آهي جو هو، هي چوندا آهن ته اي

(۱) مڪتوب ۲۰
(۲) مڪتوب، نمبر ۲۲
(۳) مخزن فيضان، (اردو) ص ۳۹
(۴) مڪتوب نمبر ۲۰
(۵) مڪتوب نمبر ۲۰

www.maktabah.org

محبوب! جڏهن توکي منهنجو علم آهي تہ پوءِ سوال ڇو ڪيان؟ (۱)

پاڻ هڪ دفعو شڪارپور جي سفر ۾ هئا. ان دوران خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن کين عرض ڪيو تہ قبلا! عارف جي هڪ رڪعت سيني جهانن جي سڄي عبادت جي برابر آهي. تنهن تي پاڻ ارشاد فرمايائون تہ "ائين نہ آهي، بلڪ عارف جو هڪ دم سڄي جهانن جي سيني عبادتن کان بهتر آهي. وري خليفي کي فرمايائون تہ عارف جو هر هڪ دم هر وقت الله تعاليٰ جو مشاهدو ڪندو رهندو آهي. (۲)

سندن نظر ۾ عارف اهو آهي تہ، جيڪا به مٽس مصيبت اچي تہ اها الله تعاليٰ کان سمجهي، لطف اندوز ٿئي، ۽ معترف اهو آهي جو، جيڪڏهن هن دنيا ۾ ڪنهن کان ايذاءُ پهچيس تہ پهريائين ڏکوئجي، ڇوتہ ان وقت سندس نظر مخلوق تي هوندي آهي. ان کان پوءِ جڏهن سندس نظر مخلوق کان خالق تي پهچي، تڏهن ان کي فرحت سمجهي، ان تي خوش ٿئي.

پاڻ عارف ۽ معترف جو فرق هن طرح بيان فرمايائون تہ، معترف کي آب تنگ يعني (ٿوري ٿانو وارو) چئبو آهي ۽ (باقي) عارف درياءَ وانگر هوندو آهي. (۳)

۽ هن دنيا جا حادثات ۽ ڏک تڪليفون کيس ڪجهہ به نہ ڪري سگهندا آهن، ۽ نہ وري ان جي اطمينان ۾ حائل ٿيندیون آهن، بلڪ عارف هر شيءِ کان بي نياز ۽ بي پرواهہ هوندو آهي.

دريائے فراوان نہ شود تيرہ بسنگ
عارف کہ رنجيد تنگ آب است هنوز

يعني پرپور درياءُ ۾ هڪ پٿر پوڻ سان درياءُ ميرو نہ ٿيندو. اهو عارف جيڪو تڪليف سببان ڏکوئجي، اهو اجا تائين ٿوري پاڻيءَ وانگر آهي.

امر:

سمجهڻ گهرجي تہ امر الله تبارڪ وتعاليٰ جي حڪم ۽ ارادي کي چئبو آهي. حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن امر جا ٻہ قسم بيان فرمايا

(۱) مڪتوب نمبر ۷
(۲) ملفوظات شريف جلد ۵ ص ۲۴۳
(۳) ملفوظات شريف جلد ۵ ص ۲۴۷

www.maktabah.org

آهن: ۱- هڪ امر ايجابي ۲- ٻيو امر ايجادي. پاڻ ٻنهي جي جدا جدا وضاحت هن طرح فرمايائون ته "امر ايجابي مان مراد اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي، يعني الله تعاليٰ جي طرفان مليل ڪمن جي پيروي ڪرڻ ۽ منع ڪيل ڪمن کان رکجي پوڻ جو نالو امر ايجابي آهي، جنهن کي بين لفظن ۾ تسليم به چئبو آهي. امر ايجادي مان مراد، الله تعاليٰ جي تقدير آهي، جنهن جي خلاف ڪري سگهڻ ناممڪن آهي، ۽ تقدير تي راضي رهڻ ۽ صبر ڪرڻ ئي بهتر آهي(۱)

وجد:

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن وجد جي تعريف ڪندي بيان ڪيائون ته "وجد اها حالت آهي جنهن کي چپائڻ ضروري آهي، ليڪن وجد وارو ان کي ظاهر ڪري وجهي ٿو. سندن راءِ موجب وجد جا به وقت هوندا آهن(۲)

صدق دلي:

صدق دلي انسان جي هڪ اهڙي خوبيءَ کي چئبو آهي، جنهن ذريعي هو پنهنجي اعمال ۽ ڪردار کي سنواري سينگاري پيش ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪندو آهي.

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو آهي ته "صدق، سالڪ جو اهڙو مقام آهي، جيڪو ڪيس نفس سان مجاهدي ڪرڻ کان سواءِ حاصل نه ٿيندو آهي. جڏهن نفس جي خراب عادتن سبب انسان جو اندر ڪارو ٿي ويندو آهي، تہ اها ڪٽ ۽ ميراڻ، سچائي ۽ صدق کان سواءِ ختم ڪانه ٿيندي آهي.(۳)

حضرت جن جي ان فرمودي جو مطلب هيءُ آهي ته، نفس مان خراب عادتون ۽ دل مان بزايون، سواءِ صدق دل جي ختم ڪونه ٿيندين،ان ڪري ئي ته پاڻ پنهنجي تعليم ۽ تبليغ جو بنياد صدق دليءَ تي قائم ڪيائون.

زهد:

زهد ٻانهي جي اهڙي خاصيت کي چئبو آهي، جنهن جي ذريعي ڪيس قرب خداوندي حاصل ٿيندو آهي. زهد جي باري ۾ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله

(۱) ايضاً مڪتوب نمبر۲۳
(۲) مڪتوب نمبر ۲۳
(۳) مڪتوب نمبر ۱٦

www.maktabah.org

عليه جن فرمايو آهي تہ زهد الله پاڪ جي ٻانهن جي هڪ اهڙي خاصيت آهي جنهن ذريعي نفس جي اصلاح ٿيندي آهي. پاڻ اهڙي وقت ۾ نفس جي اصلاح واسطي علاج ٻڌايو اٿن، تہ نفس جڏهن سڌن جي پويان لڳڻ ۽ ڏينهن رات شهوت پرستي ۽ عيش آرام طلب ڪرڻ ۾ محو ٿي ويندو آهي تہ ان وقت نفس مان اها بيڻڙي عادت صرف زهد ذريعي ڪڍي سگهجي ٿي(۱)

منافق:

منافق بابت سندن رايو هن طرح آهي، پاڻ فرمايائون تہ "منافقي نفس جي خراب عادتن مان هڪ بدترين عادت آهي، جنهن کي مڪتوبات شريف ۾ بيان ڪندي فرمايائون تہ "نفس جا ظاهري افعال (ڪر) باطن جي موافق نہ هوندا آهن. ماڻهن جي سامهون ۽ پرپٽ هڪجهڙو نہ هوندو آهي. ماڻهن جي سامهون انهن سان سچائي جو اظهار ڪندو آهي، ليڪن انهن جي پر پٽ وري ان جي ابتڙ هوندو آهي." حضرت جن نفس مان منافقي کي دور ڪرڻ لاءِ وڌيڪ فرمايو تہ "نفس مان اهي خراب عادتون سواءِ سچائي جي ختم ڪونہ ٿيندين"(۲)

حضرت جن جي ملفوظات شريف ۾ مذڪور آهي، هڪ ڏينهن سندن ڪچهريءَ ۾ منافقن جو ذڪر هلي رهيو هيو ان وقت پاڻ ارشاد فرمايائون تہ منافقن ۾ ٻہ قسم آهن هڪڙا ظاهري منافق ٻيا باطني منافق. پاڻ پوءِ وضاحت ڪندي فرمايائون تہ ظاهري منافق اهي آهن جيڪي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سان گڏ نماز پڙهندا هئا. غنيمت جو مال ٻہ ونڊندا هئا. ظاهر ۾ تہ پاڻ کي مسلمان چورائيندا هئا، مگر اهي اندر ۾ ڪافر هئا. الله پاڪ اهڙن منافقن لاءِ فرمايو آهي تہ بيشڪ منافق دوزخ جي هيٺين تري ۾ هوندا.

ان کان پوءِ پاڻ باطني منافقن جي وضاحت ڪندي فرمايائون تہ باطني منافق اهي عارف آهن جن پاڻ کي احديت جي درياه ۾ ٻوڙي ڇڏيو، جنهن ڪري انهن جو نالو نشان ئي نہ رهيو ۽ عالم امر ۾ هن طرح چوندا آهن تہ(يعني شطحيات جا الفاظ زبان تي آڻن ٿا) وري جڏهن عالم خلق ۾ اچن ٿا تہ تڏهن وري هن طرح چون ٿا تہ تون خالق آهين ۽ مان مخلوق آهيان. تون مالڪ آهين ۽ مان ٻانهو آهيان، پاڻ ارشاد فرمايائون تہ

(۱) ڏسو مڪتوب نمبر ۱۶
(۲) ايضاً

www.maktabah.org

اهي باطني عارف منافق عبديت ۽ عبودت ۾ وار جيترو به فرق نه ٿا ڪن(۱)

ڪامل انسان

حضرت پير سائين سيد محمد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو آهي" ته ”بانهو جڏهن دل جي تعلق کي جهانن جي اسبابن کان چني ڈار ڪري مسبب الاسباب سان ڳنڊيندو، ته ان وقت اهو ڪامل ٿي ويندو ۽ واجب ۽ ممڪن جو جامع ٿي ويندو"(۱)

خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي، ته "ڪامل انسان اهو آهي جيڪو بشري صفتن کان بلڪل آجو ۽ آزاد هجي ۽ اهو فناءِ الفناءَ سان مشرف ٿي بقاءِ البقا سان لاڳو ٿئي، ۽ حقيقت ۾ ڪامل انسان جي ذات نبيءِ ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ذات مبارڪ آهي جيڪي افضل البشر آهن"(۲)

ناقص

ناقص انسان جي وصف بيان ڪندي حضرت پير سائين جن پنهنجي مڪتوب شريف ۾ فرمايو آهي" ته جيستائين انسان پنهي جهانن جي اسبابن سان ڳانڊاپو رکيو ايندو، تيستائين ناقص آهي ۽ عالم خلق ۾ شمار ٿيندو" (۳)

پاڻ ان باري ۾ فرمائيندا هئا ،ته "طالب کي گهرجي،ته سيني ڪمن کان دل جو تعلق ڇني، محبوب حقيقيءَ سان ڳنڊيي، ۽ هيڏي هوڏي لاڙو نه ڪري، ڇو ته ظاهري ڪمن اسبابن ۾ مشغول ٿيڻ ايمان جي ضعيفيءَ جو سبب آهي"(۴)

خوف ۽ حزن:

خوف ۽ حزن اهڙيون صفتون آهن، جن ذريعي بندو الله پاڪ جو قرب حاصل ڪندو آهي. بزرگان دين ۽ اولياءَ الله هميشه دل ۾ الله پاڪ جو خوف ۽ سندس ناراضپي کان بچڻ جي غم ۾ رهندا هئا.

(۱) مڪتوبات ۱۶
(۲) مڪتوب نمبر ۱۶
(۳) سراج العاشقين ص۶۷
(۴) ڏسو مڪتوب نمبر ۲۱
(۵) ملفوظات شريف جلد ۴ص۸۸

www.maktabah.org

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن فرمايو آهي تہ "خوف ۽ حزن جا جدا جدا قسم آهن. ڪن ٻانهن کي پوءِ ۽ غم دنيا جي تڪليفن جو ۽ مصيبتن جو هوندو آهي، ۽ ڪن کي وري آخرت جي سزا ۽ عذاب کان پوءِ غم هوندو آهي، پوءِ اهڙن ٻانهن کي ابرار چوندا آهن. ڪن ٻانهن کي مولیٰ پاڪ جي قرب حاصل ڪرڻ جو غم هوندو آهي. اهڙا ٻانها مقرب هوندا آهن، ۽ اهڙن بندن جي مسلڪ ۾ عذاب ۽ سزا جو غم ڪرڻ گناهہ آهي".

پاڻ وڌيڪ فرمايائون،تہ هڪ جماعت جو مسلڪ رضا کي طلبڻ هوندو آهي. انهن کي غم رضا جي وڃائڻ سببان ٿيندو آهي. جيڪڏهن محبوب جو رضامندو جدائي ۽ پري گذارڻ ۾ ڏسندا آهن،تہ ان تي ئي راضي رهندا آهن(۱)

هجري کہ بود مرادلبر، از وصل هزار بار خوشتر

يعني محبوب جي مرضي جيڪڏهن جدائي ۾ آهي ،تہ اها وصال کان هزار پيرا پلي آهي.

قرب:

اصل کان وٺي اڄ تائين، الله پاڪ جي ولين ڪاملن ۽ صوفين جو اهو مسلڪ رهيو آهي، جو کين الله پاڪ جي قرب حاصل ڪرڻ جي تمنا ۽ آرزو، دل ۾ ايتري حد تائين رهندي آئي آهي، جو انهي بي کيف قرب ماڻڻ خاطر وڏي کان وڏيون مصيبتون ۽ تڪليفون سر تي سهي الله پاڪ جي ويجهڑائي ۽ قرب حاصل ڪندا آهن.

حضرت پير سائين سيد روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن مڪتوبات شريف ۾ قرب خداوندي بابت فيلسوفيانہ انداز ۾ جامع بحث فرمايو آهي. پاڻ فرمايو اٿن تہ" الله پاڪ جو قرب جيڪو مخلوق کي حاصل آهي اهو قرب بي کيف (غير محسوس) آهي، ۽ مفاصلي وارو ناهي جو ان متعلق کا راءِ قائم ڪري سگهجي،تہ اهو قرب هيترو يا هيتري فاصلي تي فلاڻي ماڻهو کي ويجهو آهي، ۽ اهو ساري موجودات کي حاصل آهي. انبياءُ الله ۽ چرندڙ ۽ اڻ چرندڙ شين سيني کي هڪجهڙو حاصل آهي.

پاڻ ان قرب جي حقيقت بيان ڪندي فرمايائون،تہ "اهو قرب اصل کان وٺي اڄ تائين جيئن هيو تيئن قائم آهي. نہ وري وڌي ٽو ۽ نہ گهٽجي ٽو. حضرت پير سائين جن ٻانهي جي قرب بابت، جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ سان هوندو آهي ان جا

(۱) ڏسو مڪتوب نمبر۲۰

www.maktabah.org

چند قسم بيان فرمايا آهن، مثلاً قرب زمان، قرب نوافل ۽ قرب موهبي وغيره وغيره.

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جن مكتوبات شريف ۾ قرب جو بحث كندي فرمايو آهي، ته جاٽڻ گهرجي، ته الله پاڪ جو قرب پانهي كي مفاصلي جي ختم كرڻ سان حاصل ٿيندو آهي. ان جي وضاحت هن طرح كيائون ته "ياد ركڻ گهرجي، ته مقرب پانهو كڏهن سكڇي وقت پنهنجي خودي كان بيخبر ٿي ويندو آهي، ته پوءِ ان كي احكامن جي جاڻ ڪٿان ٿيندي، ڇوته حادث شيءِ جڏهن قديم شيءَ سان ملي ويندي، ته ان حادث شي جو ته نالو ۽ نشان ئي ميٽجي ويندو.

پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته، الله تعاليٰ جو قرب سيني سان هڪ جهڙو هوندو آهي، البته پانهي جون به حالتون هونديون آهن. هڪ حالت تجلي ۽ ٻيو حالت استتاري. الله پاڪ جي نيڪ پانهن جو مشاهدو كڏهن ظاهر ظهور هوندو آهي، ته كڏهن وري پردي ۾ هوندو آهي پوءِ جڏهن ان قرب واري وقت پانهو پنهنجي وجود كان بيخبر ۽ فنا هوندو آهي، ته احكامن جي حفاظت ۽ رعايت كيئن كندو. ليكن پردي جي حالت ۾ عقل ۽ سمجهه پنهنجي جاءِ تي هوندا آهن، ۽ انهن لاءِ عبادات ۽ معاملات جي جاڻ ضروري هوندي آهي، ۽ ان حالت ۾ انهن كي تعليم ڏيڻ به ضروري هوندي آهي اها تعليم كنهن وقت فرشتي جي ذريعي، ته كنهن وقت فرشتي كان سواءِ الهام ذريعي ڪئي ويندي آهي.

جلال ۽ جمال

جلال ۽ جمال خداوندي صفتون آهن، جن بابت حضرت پير سائين جن پنهنجي مكتوبات شريف ۾ فرمايو آهي، ته الله تبارك وتعاليٰ جون سموريون صفتون ٻن قسمن ۾ ورهايل آهن: ۱- جلالي ۲- جمالي، جلالي صفتن جو قسم، دوزخ، شرك، كفر ۽ گناهه وغيره آهن. جمالي صفتون بهشت، ايمان، معرفت ۽ نيڪ ڪر آهن. پاڻ (جاري قانون موجب) فرمايائون، ته هر شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽندي آهي. ان قانون موجب پوءِ جيكو به شخص ايمان واري شرط سان صالح عمل كندو جيكي جمال جي اثر سببان هوندا آهن، ته اهو شخص جنت ۾ ويندو ڇو جو جنت به صفت جمال جوئي اثر آهي پر جيكڏهن كو شخص گناهه شرك ۽ كفر كندو جيكي جلال جي اثر سببان آهن، ته اهو شخص دوزخ ۾ ويندو ڇو جو دوزخ به صفت جلالي جو ئي اثر آهي. پاڻ فرمايائون، ياد ركڻ گهرجي ته هن جهان ۾ پانهي كي جيكا به تكليف پهچي ٿي اها جلال جي ڪري

www.maktabah.org

آهي، ۽ جيڪو به نفعو ۽ انعام بندي کي ملي ٿو اهو جمال جي ڪري آهي.

سندن فرمان آهي، ته بندي کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي پاڪ ناالن مان هر هڪ نالي سان تعلق ۽ واسطو هوندو آهي. جلال سان هن ريت تعلق هوندو آهي جو ڪنهي کي جيڪا به تڪليف پهچي جنهن ۾ جلال جو اثر آهي ان کي نعمت شمار ڪري جيئن خداوندي فرمان آهي، ته عنقريب جنهن شي کي خراب سمجهو ٿا اها توهان لاءِ پلي هجي.

جهڙي طرح حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جڏهن ڪنهن نئين شي کي ڏسندا هئا، ته فڪرمند ٿيندا هئا. جيئن آسمان تي ڪنهن وقت ڪڪر ظاهر ٿيندا هئا، ته امت تي شفقت سببان غمگين ٿيندا هئا. جيستائين اهو ظاهر نه ٿيندو هيو، ته اهو ڪڪر جلال (غضب) يا جمال (رحمت) جو اثر آهي. جنهن وقت جمالي جي اثر جي ڪري رحمت جا آثار ڏسندا هئا، ته پنهنجي ضعيف امت تي شفقت سبب خوش ٿيندا هئا.

حضرت جن فرمايو، ته نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي خوف جلال واري صفت کان منهن موڙڻ يا انڪار ڪرڻ سببان نه ٿيندو هيو بلڪ امت جي ڪمزوريءَ جي ڪري کين فڪر هوندو هيو، ته متان ڪٽي ڪمزوري جي ڪري ان تڪليف ۽ آزمائش کي ڪٽي نه سگهن، ۽ بي صبري ۾ پئجي وڃن. حضرت جن مخدوم پير محمد کي لکيو هيو، ته جلاليت واري وصف جماليت کان مقدم آهي ڇو جو سالڪ جو سير پهريائين جلال واري وصف ۾ ٿيندو آهي، ۽ بعد ۾ جمال واري وصف ۾ ٿيندو اٽس ليڪن اهو ضروري ناهي بلڪ ڪڏهن ڪڏهن سالڪ جي تربيت جلال واري وصف سان ڪئي ويندي آهي، ته ڪنهن وقت سالڪ جي وري رڳو جمال واري وصف ذريعي تربيت ڪئي ويندي آهي، ۽ ڪڏهن وري سالڪ جي ٻنهي وصفن ذريعي تربيت ڪئي ويندي آهي. پاڻ فرمايائون، ته محققن جو چوڻ آهي، ته سالڪ جي تربيت جلال ۽ جمال واري ٻنهي وصفن سان ان وقت ٿيندي جڏهن اهو سالڪ (محبت ذاتي) جي حقيقت کي پهچندو.

خواطر

حضرت جن کان هڪ دفعو خليفي لقمان رحمةَ الله تعاليٰ عليه سوال ڪيو، ته حضرتا! فنا کان پوءِ به خطرا اچن ٿا؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون، ته خطرا پون ٿا ليڪن انهن کي خواطر رسول ڪري سڏيندا آهن، ۽ اهي خطرا ٻنهي قسمن جا ٿيندا آهن، هڪڙا جلالي ٻيا جمالي. پاڻ وضاحت ڪندي ارشاد فرمايائون، ته جمالي خطرا اهي آهن، جيڪي چگن ڪمن بابت دل ۾ خيال پون. جيئن ته نماز، روزو، محبت، صحبت ۽ ٻيا عبادت،

www.maktabah.org

سخاوت، ترڪ وغيره جا ڪر. جلالي خطرات انهن کي چئبو آهي جيڪي گذران جي ڪمن ۾ مباح شين بابت خيال پون. جيئن ته شادي ڪرڻ يا چگو ڪائڻ ۽ عمدا شربت پيئڻ ۽ مشروع ڪپڙا وغيره ڍڪڻ. پوءِ طالب کي ڪپي، ته جمالي خطرن ۾ ڪوشش ۽ عمل جو سعيو ڪري، ۽ جلالي خطرن کان منهن موڙي ڇڏي. ان دوران خليفي لقمان کين عرض ڪيو، ته حضرتا! پوءِ جلالي کي ته وڏي طاقت آهي. انهن کان ڪهڙي طرح نفي ڪري سگهبي؟ پاڻ کيس جواب ۾ فرمايائونس، ته هائو واقعي ائين ئي آهي، ليڪن اسين فرق ڪندا آهيون جو جمالي خطرات ۾ ڪوشش ڪندا آهيون، ۽ جلالي خطرات ۾ پاڻ کي الله تبارڪ وتعالىٰ جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون(۱)

توحيد

توحيد جي لغوي معنيٰ خدا پاڪ کي هڪ سمجهڻ آهي، جنهن جو مطلب هي آهي، ته پانهي کي يقين هڻن گهرجي، ته الله تعالىٰ جي ذات ۽ صفات ۾ ڪوبه شريڪ يا ثاني ناهي ۽ هو واحد، يڪتا آهي، ۽ ان جهڙيون خوبيون ٻي ڪنهن به ذات يا شي ۾ ناهن. اولياءَ الله يا صوفي بزرگن جي سموري زندگي توحيد الاهي جي تبليغ ۽ اشاعت ۾ گذري ٿي. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن پنهنجي مڪتوبات شريف ۾ فرمايو آهي، ته غير کان نسبتن کي ختم ڪري ڇڏڻ ئي توحيد آهي(۲)

هڪ دفعو حضرت جن سلطان العارفين بايزيد بسطامي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جونقل بيان ڪندي فرمايو ته " ڪنهن شخص حضرت شيخ صاحب کي عرض ڪيو، ته حضرتا! مون کي توحيد ۽ حقيقت سمجهايو. سلطان العارفين کيس جواب ڏنو، ته وڃ ۽ ڳڙ وڻي اچ پوءِ جڏهن اهو شخص ڳڙ وڻي آيو، ته کيس فرمايائون، ته ان ڳڙ مان ڪجهه حرام جانورن جون شڪليون ناهي ۽ ڪجهه حلال جانورن جون شڪليون ناهي ڏيکار. اهڙي طرح ان ماڻهو شيخ بايزيد رحمةَ الله تعالىٰ عليه جي حڪم موجب مختلف جانورن جون ڪجهه شڪليون ناهيون. ان کان پوءِ شيخ کيس فرمايو، ته حلال جانورن جون شڪليون هڪ طرف رک ۽ حرام جانورن جون شڪلون ٻي طرف رک ۽ پنهنجو منهن ٻي طرف ڪر. ان کان پوءِ

---

(۱) ملفوظات شريف جلد پهريون ص۱۷۲

(۲) ڏسو مڪتوب نمبر۹

www.maktabah.org

حضرت بايزيد بسطامي انهن حلال ۽ حرام جانورن جي شڪلين کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ڇڏيو، ۽ ان شخص کي فرمايائون، ته هاڻي هن ڳڙ مان حلال ۽ حرام جانورن جون شڪليون جدا جدا ڪري ڏيکار. اهڙي طرح اهو ماڻهو حيران ۽ خاموش ٿي ويو. تڏهن شيخ صاحب فرمايو، ته هذه التوحيد يعني اها ئي توحيد آهي(۱)

پاڻ فرمائيندا هئا، ته طالب کي گهرجي، ته دنياوي ظاهري ۽ باطني تعلقات کان ڪنجي وجي. ائين نه ٿئي جو کنهن وقت الله پاڪ سان تعلق هجي، ۽ کنهن وقت دنياوي اسبابن ۾ مشغول هجي، ۽ پاڻ اڪثر ڪري هي بيت پڙهندا هئا:

ڏينهان گهاري ڏم سين راتيان ميهار جي لاءِ
پهه پاري تيلاڻهن ٻڌي سهٽي (۲)

فقر

فقر ۽ فقيري حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم کان وٺي شروع ٿي ان سنت رسول تي اصحابن، تابعين ۽ تبع تابعين کان پوءِ اولياءِ الله تعاليٰ اهڙو ته عمل ڪري ڏيکاريو، جو انساني عقل حيران رهجي ٿو وڃي، ته هن اسباب ۽ سازو سامان جي دنيا ۾، دنيا ۽ ان جي هر شي سان عدم دلچسپي ولين، بزرگن ۽ ڪاملن جي زندگيءَ جو اهم حصو رهيو آهي. حضرت پير سائين هڪ دفعو فرمايو ته الله پاڪ جل شانه' پنهنجي فضل سان اسان کي توفيق ڏني آهي، جو جيڪر سموري جماعت کي ٻوڙ ٻلاءُ ڪري عملي ماني پيا کارايون. پر انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جي سچن طالبن ۽ پيٽ پالڻ وارن ماڻهن جو فرق ظاهر نه ٿي سگهندو، تنهن ڪري فقر فاقن تي قناعت ڪئي ويئي، ڇو ته حديث ۾ وارد ٿيل آهي، ته اَلْجُوْعُ طَعَامُ اللهِ يعني بک الله تعاليٰ جو طعام آهي، ۽ ٻيو ته فاقن ڪرڻ ۾ حضرت پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي متابعت به آهي، تنهن ڪري بک کي بهتر ڄاتو ويو(۳)

پاڻ فقيري جو اهڙو ته انوکو مثال قائم ڪيائون، جو بر صغير جي ڪنهن ولي ۾ ملڻ مشڪل هوندو. سندن ئي شعر مان فقيري جو عجيب مثال سامهون نظر اچي ٿي. پاڻ فرمايو اٿائون:

(۱) مخزن فيضان ص۵۳
(۲) ايضًا ص۳۹
(۳) ملفوظات شريف مترجم جلد اول ص۷۹

www.maktabah.org

فقير چئجي تن کي، جن کي سين ريءَ سري
پربهه پير نه وجڻو، نه ڪنهن گهر گهُري
هو جو ماني ڪاڙ مري، سو سامي گر نه سامهون(۱)

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فقر اختياري جو اهڙو ته سهڻو مثال پيش ڪيو،جو هر شيءِ خدا پاڪ جي درگاهه مان ميسر هجڻ جي باوجود الفقر فخري جو پورو پورو عملي نمونو پيش ڪري ڈيکاريائون ۽ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن به هميشه اها دعا گهرندا هئا،ته اي ڈٹي تعاليٰ مون کي مسڪين ڪري جيار، ۽ مسڪين ڪري مار ۽ آخر مسڪينن مان ئي اٹارجان.

حضور صلي الله عليه وسلم جن پالٹهار کي باڏائي مسڪيني ۽ فقيري طلب ڪندا رهيا. ٻئي طرف سندن اهو به فرمان هوندو هيو، جيڪڏهن آئون چاهيان،ته احد جبل سون جو ٿي پوي. اهو سڀ ڪجهه صرف ان ڪري اختيار ڪيائون،ته جيئن ايمان وارن لاءِ سندن عمل حجت ٿئي.

اهڙي طرح حضرت پير سائين جن جي سوانح مان معلوم ٿئي ٿو،ته روزانو هزارن جي تعداد ۾ روپيا گڏ ٿيندا هئا، ليڪن اهي سڀ اتي جو اتي مسڪينن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا.

علم

حضرت پير سائين رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن علم جا به قسم بيان فرمايا آهن: ۱- علم قلبي ۲- علم لساني. پاڻ فرمايائون،ته علم قلبيءَ مان مراد اهو علم آهي، جيڪو علم عام انسانن کي نفع ڏيندڙ آهي، ۽ علم لساني مان مراد اهو علم آهي، جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان حضرت آدم عليه السلام جي اولاد تي حجت طور آيل آهي، ۽ اهو علم زبان تي هوندو آهي، ان ڪري ان علم کي ڪسبي ۽ علم حصولي پڻ چئبو آهي، ۽ قلبي علم کي علم لدني، علم حضوري ۽ علم وجداني به چئبو آهي.

پاڻ فرمايائون ته علم حصولي اهو علم آهي، جيڪو حواسن ذريعي حاصل ٿئي ۽ علم حضوري اهو علم آهي، جيڪو حواسن کان سواءِ دل ۾ القاءُ ٿيندو آهي.

(۱) حضرت روضي ڈٹي جو ڪلام ص۲۹

www.maktabah.org

حضرت جن علم جي باري ۾، وڌيڪ وضاحت ڪندي فرمايو، ته علم لسانيءَ مان مراد شريعت پاڪ آهي، جنهن جو ماڻهن کي ظاهر ڪري ٻڌائڻ علم وارن جي مٿان واجب آهي، پوءِ جيڪي اهي (علم وارا) ماڻهن کي نه ٻڌائيندا، ته عذاب هيٺ ايندا جيئن حديث مبارڪ ۾ آهي: خبردار! قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي اڳيان تمام بيڙي درجي تي اهو عالم هوندو جيڪو پنهنجي علم مان بين کي فائدو نه پهچائيندو (۱)

حضرت پير سائين جن کي به الله تعاليٰ علم لدني مان ايترو ته گهڻي انداز مان حصو عنايت فرمايو هيو، جنهن جو انداز سندن علمي نقطن جي بيان ڪرڻ مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. پاڻ قلبي علم بابت فرمايائون، ته دل واري علم مان ڪجهه اهڙو به علم آهي، جنهن جي طالبن کي ضرورت هوندي آهي، ۽ ان جو انهن تي ظاهر ڪرڻ لازمي هوندو آهي. ليڪن نااهلن کان به ان جو لڪائڻ لازم هوندو آهي.

حضرت جن جي ان فرمودي جو مطلب هي آهي، ته اهل علم سان علم جي ڳالهه ڪرڻ ضروري هوندي آهي، ۽ وري نا اهل ۽ جاهل سان علم جي ڳالهه ڪرڻ ظلم جي برابر هوندي آهي، تنهن ڪري اهل اڳيان ظاهر ڪرڻ، ۽ نا اهل اڳيان علم جو ڇپائڻ واجب هوندو آهي.

پاڻ وڌيڪ فرمايائون ته قلبي علم اهو آهي، جيڪو طريقت واروعلم آهي. مٿين حقيقت کي معلوم ڪرڻ بعد اها ڳالهه آشڪار ٿئي ٿي، ته الله پاڪ جي پيارن جي نزديڪ علم به قسم آهي. هڪ علم ظاهري ٻيو لدني. ظاهري علم ظاهري حواسن ذريعي قلب تي وارد ٿيندو آهي، ۽ باطني علم الهام ذريعي حاصل ٿيندو آهي. پوءِ جيڪو شخص صرف ظاهري علم تي پروسو ڪري باطني علم کان بي پرواهه ٿيو ان جو قلب ۽ دل ڪڏهن به منور ۽ روشن ٿي نه سگهندو. قلب، دل ۽ دماغ جي روشني باطني علم سان حاصل ٿيندي آهي، تنهن ڪري ئي ته پاڻ فرمايائون، ته جيڪي ظاهري اکر پڙهيا سي راهه طلب ۾ مانع ٿيندا هئا.

انهيءَ ڪري ڪن جو چوڻ آهي، ته اَلْعِلْمُ حِجَابٌ اَكْبَرُ يعني سمجهه ۽ علم ئي ته وڏي رڪاوٽ هوندا آهن.

چند خواني حكمت يونانيان
حكمت ايمان راهم بخوان

يعني: يونان جا ڪيترا به علم پلي پڙهه، ليڪن ان سان گڏ ايمان حاصل ٿيڻ وارو

(۱) سنن دارمي شريف جلد اول ص۸۲

www.maktabah.org

علم بہ ضرورو پڑھ.

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمة الله تعاليٰ عليه جن جو مقصد اهو هيو، تہ ظاهري علم بہ تڏهن فائدو ڏيندو، جڏهن باطني علم حاصل ٿيندو. باقي باطني بصيرت کان سواءِ ظاهري بصارت کهڙي کم جي؟! جيئن الله تبارک وتعاليٰ کافرن لاءِ فرمايو، تہ اي رسول کريم (صلي الله عليه وسلم)اهي کافر توکي ڏسن ٿا،حالانڪ روزمره جي زندگي ۾ ڪيترائي دفعا ساڻن حضور جن جي ملاقات ٿيندي هئي. ليڪن خدائي فرمان جو مطلب اهو هيو، تہ اهي اندر جي باطني اکين سان ڪين ڏسندا هئا. ائين ئي ابو جهل جو مثال سمجهڻ گهرجي. جيڪو حضرت نبي کريم ﷺ جن کي محمد بن عبدالله کري پڪاريندو هيو. پر جيڪڏهن محمد رسول الله ﷺ چوي ها ،تہ ايمان جي دولت نصيب ٿئيس ها. ليڪن باطني بصيرت نہ هئڻ سبب ايمان جي دولت کان محروم رهيو. ان کري ئي اولياءَ الله فرمائيندا آهن ،تہ ظاهر باطن جو حجاب آهي. پوءِ جيڪو ظاهر ۾ ڦاسي پيو. اهو باطن تائين رسائي حاصل کري نہ سگهندو، ان کري ظاهري حالت کي پروڙي باطني حالت جو ادراڪ ڪرڻ ضروري آهي. ورنہ ظاهري حالت ڄاڻڻ سان ڪوبہ فائدو حاصل ٿي نہ سگهندو.

پاڻ پنهنجي مڪتوبات شريف ۾ فرمايائون ،تہ قلبي علم جي معنيٰ هي آهي ،تہ اهو حقيقت ۽ معرفت جي اسرارن وارو علم آهي، جيڪو دلين ذريعي دلين ۾ رابطي ۽ نسبت سان حاصل ٿيندو آهي(۱)

شريعت

حضرت پير سائين روضي ڏٹي جن شريعت پاڪ جي ڄاڻ رکڻ، ۽ معلومات حاصل ڪرڻ ۽ مٿس عمل ڪرڻ کي اولين حيثيت ڏيندا هئا. طريقت جي رستي ۾، سڀ کان زياده جنهن طريقي کي اختيار فرمايائون اهو شرعي طريقو ۽ رستو هيو جنهن جي برڪت ۽ فيض سان خدا پاڪ کين معرفت جي ماڳ تي رسايو.

دراصل شريعت جي لغوي معنيٰ طريقو آهي، ۽ الله تبارک وتعاليٰ جي طرفان مقرر ڪيل احڪامن جي پيروي ڪرڻ کي شريعت پاڪ چيو وڃي ٿو. شرعي اصطلاح ۾ شريعت خدا پاڪ جي ان رستي کي ڪوئيو وڃي ٿو جيڪو پنهنجي بانهن لاءِ عبادات ۽ معاملات ۾، حضرت نبي کريم صلي الله عليه وسلم جي دين مطابق بانهن

(۱) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر۲۰

www.maktabah.org

جي آساني لاءِ مقرر فرمايو اٿس.

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي مکتوبات شريف ۾ شريعت بابت فرمايو آهي ،ته شريعت پاڪ جو ظاهر ڪرڻ علم وارن مٿان واجب آهي. پوءِ جيڪڏهن کنهن علم واري کان ان شريعت پاڪ جي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ٿيندي ،ته قيامت جي ڏينهن ان کان ان جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي ۽ مٿس عذاب ڪيو ويندو.

پاڻ شريعت جي علم کي، علم لساني پڻ ڪوٿيو آهي، جيڪو خدا پاڪ طرفان آدم جي اولاد تي حجت ۽ دليل طور قائم ڪيل آهي، ۽ زبان تي هوندو آهي. سندن خيال موجب اهڙو علم جيڪو ڪوشش ۽ عمل ذريعي حاصل ڪري سگهجي ان کي شريعت پاڪ چئبو آهي(۱)

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي زندگيءَ دوران شريعت پاڪ کي سڀ شيءِ کان مقدم ۽ اولين حيثيت قرار ڏيندي فرمايو ،ته شريعت مٿي جو تاج آهي، جنهن کان سواءِ ڪوبه انسان ڪاميابي ۽ فلاح حاصل نه ٿو ڪري سگهي.

خلاف پيغمبر کسي ره گزيد
که هرگز بمنزل نخواهد رسيد
محال است سعدي که راه صفا
توان رفت جز در پئه مصطفيٰ

طريقت:

طريقت جي لغوي معنيٰ رستو يا ڍنگ آهي. صوفيانه اصطلاحات ۾ طريقت مان مراد اهڙي علم جي جاڻ کي چئبو آهي، جنهن ذريعي انساني اصلاح ۽ صفائي ٿي سگهي. طريقت جو علم ۽ جاڻ رکڻ سلوڪ جي رستي تي هلندڙن لاءِ تمام ضروري آهي. حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو آهي،ته طريقت اهڙو علم آهي، جنهن جي طالبن کي ضرورت پوندي آهي،۽ طريقت جي واقف ۽ جاڻوءَ تي لازم آهي ،ته طالبن کي ان طريقت جي علم کان واقف ڪري ۽ مٿس اهو به لازم آهي ،ته هو نااهل جيڪي طريقت کي طلب نه ڪن، انهن کي ان علم کان واقف نه ڪري.

سندن راءِ موجب طريقت جو علم طالبن کان لکائڻ خيانت جي مثال

(۱) ڏسو تفصيل لاءِ مکتوب نمبر ۲۰

www.maktabah.org

آهي، ۽ نااهل ماڻهن کي ٻڌائڻ ان طريقت جو زيان ڪرڻ آهي. (۱)

پاڻ فرمائيندا هئا، ته سلوڪ جو نئون پانڌيئڙو جڏهن راهه طلب ۾ پير رکندو آهي، ته ڪيس تمام گهڻيون تڪليفون ۽ مشقتون درپيش ايندڙيون آهن ۽ هو جڏهن راهه طريقت ۾ قدم رکندو آهي، ته مٽس انوار ۽ تجليون نازل ٿيندڙيون آهن، جنهن ڪري هو خوش ٿي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ۽ مجاهدات ۽ رياضت ۾ گذاريندو آهي. ليڪن ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي، ته اچانڪ ڪجهه ڏينهن لاءِ اهي قلبي ڪيفيتون ۽ تجليون بند ٿي ويندڙيون آهن. پاڻ اهڙي سلوڪ جي طالب لاءِ فرمايو اٿن، ته ان کي دل برداشته ٿيڻ نه گهرجي، بلڪ همت ۽ مردانگيءَ سان مولىٰ پاڪ جي طلب ۾ اهڙو ته مثال قائم ڪري، جو مٽس انوار الاهي نازل ٿيڻ شروع ٿي وڃن ۽ ڪيس دل جي روشني ۽ قلبي صفائي حاصل ٿي وڃي.

پاڻ فرمايائون ته پوءِ جيڪو سچو صادق، سچو عاشق هوندو اهو جلد پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ويندو. باقي سڏڙيو ٽڪجي هميشه لاءِ محروم رهجي ويندو.

پاڻ اهڙي طالب لاءِ علاج تجويز ڪندي فرمايو اٿن، ته اهڙي سالڪ کي گهرجي، ته پنهنجي مرشد سان رابطو رکي، جو ته اُن طريقت جي راهه ۾ نفس ۽ شيطان کي پلاڻڻ لاءِ پنهنجا حيلا هلائيندا، ۽ خطرات ايندا، ليڪن انهن ٻنهي ٻگالهين جي خاتمي ۽ خطرات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪامل مرشد سان ڪمال درجي جو رابطو هجڻ ضروري آهي. ڇوته راه طريقت جو سالڪ ڪنهن وقت ڪهڙي حال ۾ ته ڪنهن وقت ڪهڙي حال ۾ هوندو آهي، ۽ ڪنهن وقت حالت تجلي ۾ هوندو، ۽ ڪنهن وقت حالت استتار ۾ هوندو آهي. جيئن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن تي وحي لڳاتار هڪ جهڙو نه ايندو هيو. اهڙي طرح سالڪ تي به سلوڪ جي رستي ۾ قلبي واردات گهٽبي ۽ وڌندي آهي. پوءِ ٻانهي کي مجاهدات ۽ رياضت ۽ عبادت ۾ سستي ڪرڻ نه گهرجي ڇوته عبادت ڪرڻ شريعت آهي، ۽ عبادت سان محبت رکڻ طريقت آهي.

حقيقت

سلوڪ جي رستي ۾ سالڪ کي حقيقت جي منزل تائين رسائي حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي. ايستائين ٻانهي کي حق پاڪ (الله تعالىٰ) جو جلوو ڏسڻ ۾ نه

(۱) مڪتوب نمبر ۲۰

www.maktabah.org

ايندو، جيستائين ہانهو حقيقت تائين رسائي حاصل ڪري نہ وٺندو. ان ڪري سالڪ لاءِ ضروري آهي تہ ان منزل ڪي ماڻڻ خاطر پنهنجي وجود جي پاڪائي ۽ صفائي جو خاص خيال رکي، الله پاڪ جي طلب ۾ حيران ۽ پريشان رهي، خدا پاڪ جي جلوي جو مشاهدو ڪري. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ حقيقت تائين پهچڻ الله پاڪ جي رضامنديءَ عنايت کان سواءِ ناممڪن آهي.

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو آهي تہ حقيقت جي ڄاڻ ۽ علم پنهنجي مرشد سان رابطي ۽ نسبت ذريعي حاصل ٿيندي آهي. وڌيڪ فرمايائون تہ حقيقت جو علم ڇپائڻ ضروري آهي(۱)

معرفت

معرفت جي لغوي معنيٰ سڃاڻپ آهي، ۽ صوفيانہ اصطلاح ۾ معرفت اهڙي ماڳ ۽ مقام کي چئبو آهي، جنهن هنڌ تي صوفيءَ جا ست ئي طبق روشن ٿي ويندا آهن،۽ ڪيس الله پاڪ جي جلون جو مشاهدو ڪرڻ آسان ٿي پوندو آهي،۽ پوءِ هو الله پاڪ جو قرب حاصل ڪري معرفت ماڻيندو آهي. حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو آهي تہ معرفت جو علم اسرارن وارو علم آهي جيڪو طالبن کي دلين ذريعي منتقل ٿي ميسر ٿيندو آهي،۽ اهو معرفت وارو علم سواءِ سچي اعتقاد ۽ پڪي يقين جي حاصل ٿي نہ سگهندو.

پاڻ وڌيڪ فرمايائون تہ اهو علم ڪتابن پڙهڻ سان نہ، بلڪ دل ذريعي ئي حاصل ٿيندو آهي،۽ ان وقت طالب جي دل و دماغ تي اسرار الاهيءَ جي بارش شروع ٿي ويندي آهي،۽ معرفت الهام وسيلي حاصل ٿيندي آهي، جنهن جو هو (طالب) مشاهدو ڪري دل جو اطمينان ۽ حق اليقين حاصل ڪري وٺندو آهي(۲)

معرفت الله تبارڪ وتعاليٰ جي حقيقي سڃاڻپ،۽ حق سان پنهنجي تعلق جوڙڻ جو نالو آهي، معرفت کان سواءِ الله وارا پنهنجي زندگي بي معنيٰ سمجهندا آهن،۽ اها معرفت پاڻ کي فنا ڪرڻ،۽ حق سان بقادار تعلق جوڙڻ بعد حاصل ٿيندي آهي.

خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي ملفوظات ۾ بيان ڪيو آهي تہ صوفين جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ پاڻ سڳورن جي متابعت کان سواءِ معرفت حاصل

(۱) ڏسو مڪتوب نمبر۲۰

(۲) تفصيل لاءِ ڏسو مڪتوب نمبر۲۰

www.maktabah.org

ڪانہ ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ "اي رسول! اوهين ماڻهن کي چؤ تہ جيڪڏهن توهان خدا پاڪ جي محبت چاهيو ٿا تہ پوءِ منهنجي پيروي ڪيو تہ خدا توهان کي دوست رکندو. ان مان معلوم ٿيو تہ سنڊن متابعت جي ڇاڻ قلبي بصيرت کان سواءِ حاصل نہ ٿيندي.

خليفي محمود وڏيڪ فرمايو آهي، تہ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جا جيڪي قول ۽ فعل آهن،۽ جيڪي حال ۽ سر پڻ آهن، سي سيئي هن طرح آهن تہ سنڊن قول شريعت ۽ فعل سنڊن طريقت آهي،۽ حال سنڊن حقيقت آهي،۽ سر سنڊن معرفت آهي. پوءِ قول جو تعلق زبان سان آهي،۽ فعل جو تعلق ظاهري علمن سان،۽ حال جو تعلق باطن جي احوالن سان آهي،۽ معرفت جو تعلق اسرارن سان آهي، جيڪي زبان سان پڌرا نٿا ٿي سگهن. پوءِ سنڊن قول ۾ متابعت هي آهي تہ شريعت جي خلاف زبان مان حرف بہ نہ ڪڍجي، جهڙوڪ ڪوڙ ڳالهائڻ،۽ گلا ڪرڻ،۽ پي ڪا بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪرڻ جنهن سان مسلمانن کي ايذاءَ ۽ رنج وغيره رسي، ۽ سنڊن فعل جي متابعت هي آهي، تہ پنهنجي ظاهر کي سنڊن فعلن مطابق سينگاري ۽ سنت ۽ ادب وارن ڪمن کي ترڪ نہ ڪري. پوءِ جيترو مقدار متابعت مان ترڪ ۽ گهٽ ڪندو تہ ايتري قدر دين ۽ ايمان ۾ نقصان ٿيندس(١)

(١) سراج العاشقين ص٣٨

www.maktabah.org

فصل ٻيو

ملفوظات ۽ مڪتوبات جي اهميت

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه سنڌ جو اهو ڪامل اڪمل ولي الله آهي، جيڪو راه سلوڪ جي سيني ظاهري توڙي باطني علمن جي بصيرت رکندڙ بزرگ هيو. سندن سموري ملفوظات شريف جا اقوال طريقت تي مشتمل اهو اڻ ڪٽ علمي خزانو آهن جنهن ۾ طريقت ۽ حقيقت جي طالبن ۽ راهه سلوڪ جي پانڌيئڙن، مريدن، معتقدن جي رهنمائي، ۽ هدايت لاءِ تصوف جي موضوع تي اسرار، رموز وارا ارشادات بيان ٿيل آهن، جيڪي حضرت جن پنهنجي حضر، سفر ۽ وعظ و نصيحت جي محفلن ڪان سواءِ عام ڪڇهرين ۽ مخلوق جي ميڙاکن ۾ بيان فرمايا هئائون، جن کي سندن خاص خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه نظاماڻي ڪڙيئي گهنور واري سن ۱۲۴۸ھ دوران لکي گڏ ڪيو.

حقيقت ۾ سندن ملفوظات شريف مبتدي مريدن جي رشد و هدايت واسطي اهو دستاويزي ثبوت آهي، جنهن ۾ قرآني آيات، احاديث نبوي، اڳين صوفين بزرگن جا احوال، معتبر تفسيرن جي حوالن سان، ۽ تشريحات تي مشتمل هڪ بي بها علمي خزانو آهي، جن کي پاڻ بيان ڪري پنهنجي مبتدي مريدن جي تربيت ۽ سير سلوڪ جي اصلاح واسطي اهڙيون ته نصيحتون فرمايون، جن جي روشنيءَ ۾ سلوڪ جون منزلون طي ڪرڻ ڪين آسان ٿيون.

ان ضرورت جي پيش نظر، خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن سندن صوفيانه مجاهدات، زهد، عبادت ۽ رياضت، صبر و شڪر اخلاق، صدق دلي ڪان سواءِ حضرت جن جي سهڻن اخلاقن، مقامات ۽ ڪرامات جي بيان کي لکي گڏ ڪيو ته جيئن سندن مريد ۽ معتقد ان جي رهنمائي ۾ پنهنجي سير سلوڪ جا مرحلا آساني سان طي ڪري معرفت جي ماڳ رسن.

سندن ملفوظات جي مطالعي مان ڪمال درجي جو اتباع شريعت معلوم ٿئي ٿو. حضرت جن جي پوري زندگي ترويج شريعت، ۽ اتباع سنت نبوي صلي الله عليه وسلم جي پورائي ۾ صرف ٿي. ملفوظات شريف ۽ مڪتوبات شريف ۾ پاڻ جنهن

www.maktabah.org

شدت سان اتباع شريعت تي زور ڏنائون. ان جي خبر مطالعي بعد معلوم ٿئي ٿي. سندن هر هڪ قول ۽ فرمان، شرعي حد کان تجاوز کندڙن لاءِ اهڙي تہ روک ۽ جهٽڪ آهي، جو لنگ کانڌارجيو وڃن .پاڻ جنهن تصوف ۽ تعليم جا علمبردار رهيا، اها عين شريعت هئي.

سندن ۴۶ مکتوبات جيڪي فارسي ٻوليءَ ۾ تحرير فرمايائون، سي سيئي ذوق، محبت ۽ قلبي ڪيف سان معمور آهن. انهن مکتوبن جي مطالعي مان حضرت جن جي باطني عروج، ۽ باطني صفات و محويت جو پتو پوي ٿو.

سندن اهي مکتوب برصغير هند پاڪ ۾، مکتوبات مجدد الف ثاني،۽ مکتوبات شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ وانگر تصوف جي دنيا ۾ پنهجو مٽ پاڻ آهن. سندن مکتوبات ۽ ملفوظات ۾ ناچيز راقم کي جيڪا وصف امتياز نظر آئي آهي، سا هيءَ آهي تہ مکتوبات شريف جو انداز عالمانہ آهي، ۽ پوءِ جيڪڏهن سندن علمي مقام جو مطالعو ڪرڻ مقصود هجي تہ، سندن مکتوبات جو مطالعو ڪيو وڃي، پر جيڪڏهن حضرت جن جي وعظ ونصيحت ۽ صدق دليءَ ۾ انداز بيان ۽ اعلاءِ ڪلمةَ الحق جو اندازو ڪرڻ مقصود هجي، تہ پوءِ سندن ملفوظات جو مطالعو ڪجي.

سندن مکتوبن کي ڏسي، حضرت جن جي تبحر علميءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي!! پاڻ تفسير، حديث ۽ فقهہ جي معاملي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. جهڙي طرح کين انهن علمن تي پورو پورو عبور حاصل هيو، اهڙي ريت طريقت جي اسرار و رموز جا عارف ڪامل ۽ بحر بيڪران هئا. سندن اهي مکتوبات تصوف جي تاريخ ۾ اهم مقام رکن ٿا. شريعت ۽ طريقت جو اهڙو تہ سهڻو ميلاپ آهن، جو هڪ کي ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي. منجهن هڪ ئي جلوو ڪار فرما آهي تہ ٻانهي جو رشتو الله تعاليٰ سان ڪهڙي طرح جوڙيو،۽ مضبوط ڪيو وڃي. اهي مکتوب، صرف صوفيانہ رموز ۽ اشارات نہ آهن، بلڪ قرآن، تفسير، حديث، اسماءُ الرجال، سيرت، تاريخ ۽ فقهہ بہ منجهن شامل آهي، جنهن جي مطالعي بعد سندن اعليٰ ۽ بي پناهہ تبحر علمي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مطلب تہ حضرت جن جا اهي مکاتيب، تصوف جي بلند ۽ اعليٰ موضوع تي جامع ۽ مدلل تصنيف آهي، جنهن ۾ تصوف، طريقت ۽ شريعت پاڪ جي اهم پهلوئن کي زير بحث آڻي، پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي علي الاعلان واضح ڪري ٻڌايو اٿن تہ شريعت جي تابعداري،۽ سنت نبوي جي پيروي کان بغير قرب خداوندي جون منزلون حاصل ڪرڻ آسان نہ آهن، بلڪ ناممڪن ۽ محال آهن. پاڻ بار بار اهو واضح فرمايو اٿن تہ شريعت پاڪ ۽

www.maktabah.org

سنت نبوي ئي اصل ۾ راه طريقت آهن. هن هنڌ ان ڳالهه جي به وضاحت ڪرڻ نهايت ضروري سمجهان ٿو ته خاص ڪري حضرت جن جي ملفوظات شريف جهڙي طرح باطني بصيرت رکندڙ طالبن لاءِ عرفان شناسيءَ جو هڪ عظيم ۽ لازوال دستاويز آهي، اهڙي طرح ظاهري تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن لاءِ پڻ هڪ وڏو علمي خزانو آهي. منجهس تصوف ،علم و عرفان، شريعت، طريقت حقيقت ۽ معرفت جا خزانا آهن، ته ساڳي ئي هنڌ تي جيالاجيڪل، علم الاثار ، علم البلدان ۽ عمرانيات جي شاگردن لاءِ پڻ منجهس وڏو ذخيرو موجود آهي. ان ڪري ان چوڻ ۾ ڪا به زيادتي ڪانه ٿيندي ته جهڙي طرح حضرت جن جي ملفوظات تصوف جو هڪ اعليٰ شاهڪار آهي، ساڳي ريت ڪيس سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ ۾ پڻ اهم مقام حاصل آهي.

سندن ملفوظات ۾ سنڌ جي ڪيترن سياسي واقعن جا اشارا بيان ٿيل آهن. ان کان سواءِ ڪيترن ڳوٺن، هنڌن ۽ ماڳن جي جغرافيائي صورتحال ڄاڻايل آهي، منجهس سماجي صورتحال جا حوالا ملن ٿا ،۽ سنڌ جي ادبي،تاريخ جي سلسلي ۾ معروف شاعرن جا شعر ۽ بيت ملن ٿا، جيڪي حجت ۽ دليل طور تي ڪتب آندا ائٽن. ان باري ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، پنج گنج ڪتاب جي پيش لفظ ۾ هن طرح لکيو آهي ته"جن عالمن، فاضلن رسالي جي ڏکين لفظن، اصطلاحن يا فقرن جي معنيٰ کان اڳتي وک وڌائي، بيتن جي ثابت ستن ۽ سڃن بيتن، واين جي مصرعن يا سڃين واين جي مفهوم ۽ معنيٰ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، تن مان سڀ کان پهريون غالبًا حضرت پير سائين محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه هو، جن ملفوظات ۾ مختلف معنوي نڪات تي شاهه جا بيت شاهدي طور آندا آهن. انهيءَ لحاظ سان پاڻ پٽائي صاحب کي ويجهي ۾ ويجها عالم ۽ ولي هئا، جن پٽائي صاحب جي بيتن ۾ سمايل معنيٰ کي مثال طور آندو (۱)

انهن مٿين حقيقتن کي ڄاڻڻ بعد معلوم ٿو ٿئي ته حضرت روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي همه گير شخصيت، سنڌ ۽ سنڌ وارن جي هر طرح ديني، دنيوي، سياسي، سماجي ۽ ادبي طور تي اهڙي ته خدمت ڪئي، جيڪا صدين تائين وسرڻ جوڳي نه آهي، جنهن جو بيان ملفوظات جي جامع گڏ ڪرڻ وقت، سوين سال اڳ مقدمي ۾ بيان ڪري، هر قسم جي سيڪڙائپ حاصل ڪندڙ شاگردن جو توجهه ان طرف ڇڪايو آهي ته، هي ملفوظات حضرت جن جي ارشادات جو اهڙو ته علمي شهه پارو آهي جنهن مان هر هڪ

(۱) پنج گنج ص۲

www.maktabah.org

نئون شاگرد پنهنجي پنهنجي ذوق ۽ شوق مطابق حظ حاصل ڪري سگهي ٿو. ان ڪري حضرت جن جي ملفوظات ۽ مڪتوبات شريف جهڙي طرح حق جي طالبن لاءِ مشعل راهه جي حيثيت رکي ٿي، تہ ساڳي ريت سنڌ جي تاريخي مقامن جي اصلي جاءِ وقوع متعين ڪرڻ، ۽ پراڻن سياسي، سماجي ۽ معاشي واقعن کي قلمبند ڪرڻ کان علاوه، سنڌ ۽ سنڌين جي ثقافتي، ديني ۽ روحاني تاريخ جي ترتيب ڏيڻ ۾ پڻ وڏي اهميت رکي ٿي.

ملفوظات شريف تي هڪ اجمالي نظر

ملفوظات حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏني رحمةَ الله تعاليٰ عليه تصوف جو اهو علمي شاهڪار آهي، جنهن کي حضرت جن وعظ و نصيحت ۽ ارشاد و تبليغ دوران، ارشادات ۽ مقولات ذريعي بيان فرمائي، هدايت جي طالبن لاءِ سلسليوار هڪ دستاويز جي صورت ۾ ڇڏيو، ۽ انهن فرمودات کي خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه، سندن وفات جي پندرهن سالن کان پوءِ، محنت ۽ مشقت سان سموهي سهيڙي ۱۲۴۸ھ دوران ڪتابي صورت ۾ آندو.

خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي علمي ڪاوش، تصوف جي تاريخ ۾ اهم حيثيت ۽ حامل آهي پاڻ ان نيڪ ڪم کي پنهنجي جهانن جي سعادت حاصل ڪرڻ جي نيت سان، جيڪي ڪجهه ڪيس ياد هيو، يا معتبر راوين کان حاصل ٿيس، ان کي غنيمت سمجهي محفوظ ڪري ڇڏيائين.

خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن روايت جي اصول کي مد نظر رکندي، انهن تقاضائن کي پوري ڪرڻ ۽ نيائڻ جي پربور ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي درايت جي معيار ۽ اصول مطابق هئڻ گهرجن، ان باري ۾ هو فرمائي ٿو تہ "جيڪو نقل جي لفظن سان معتبر راوين کان ٻڌو ويو سو انهن ساڳين لفظن سان هتي لکيو ويو"(۱)

اهڙي طرح خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن، سندن ملفوظات کي رموز الحقائق جي نالي سان موسوم ڪري، موجوده سٽاءِ کي ترتيب ڏنو، ۽ منجهس سورهن باب ۽ بياسي فصلن کان سواءِ هڪ مقدمو ۽ هڪ خاتمو پڻ آندو آهي.

ملفوظات شريف جي ڇهن ئي حصن ۾ (۱۹۱۱) روايتن کا علاوه، چار مڪتوب ۽ ڪجهه وظائف ۽ اوراد شامل آهن، منجهس روايتن کندڙ راوين جو تعداد هڪ سؤ اٺانوي (۱۹۸) آهي. پهرين نمبر تي خليفي محمود رحمةَ الله تعاليٰ عليه جون

(۱) ملفوظات شريف مترجم جلد اول ص۱۰

www.maktabah.org

روايتون آهن، جيڪي جملي ڏهه سؤ ٽيانوي(۱۰۹۳) آهن، هي نمبر تي خليفي لقمان رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي روايتن جو تعداد (۱۷۴) آهي، ۽ ٽين نمبر تي خليفي اميد علي جي روايتن جو تعداد اٺاسي(۷۹) آهي، اهڙي ريت باقي روايتون مختلف راوين کان بيان ٿيل آهن، جن مان هڪ غير مسلم راويءَ جو نالو پڻ اچي ٿو، جنهن مان خليفي صاحب جن جي رواداريءَ جو پتو پوي ٿو ۽ پاڻ خُذْ مَا صَفَا وَدَعْ مَا كَدَرَ تي عمل ڪندي لَا تَنْظُرْ اِلٰى مَنْ قَالَ وَلٰكِنِ انْظُرْ مَا قَالَ تي سختيءَ سان عمل پيرا رهيا آهن.

خليفي صاحب رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ملفوظات شريف جو ستاءُ ذڪر لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي پلائي ۽ تعريف بيان ڪرڻ کان شروع ڪندي، عملن جي نيت بابت طلب علم، شريعت نماز ۽ دعائن وغيره کان سواءِ روزو مطابعت عزيمت ۽ رخصت وعظ و نصيحت، سچ جي تعريف ۽ ڪوڙ جي مذمت، رياءُ ۽ ڏيکاءُ سخاوت صفت جلال ۽ جمال بي ادبي کان تنبيهه بد صحبت کان پرهيز خوف ۽ اميد رکڻ، توبهه ۽ استغفار ڪرڻ الله پاڪ جي طالبن ۽ مرشد جي صحبت اختيار ڪرڻ، ذڪر جي شغلن ۾ مشغول رهڻ قبض ۽ بسط جي بيان ڪرڻ، خواب ۽ واقعات جي بيان ڪرڻ الله پاڪ جي طلب رکڻ، غفلت ڇڏڻ، نفس جي مخالفت ڪرڻ، ويساهه ۽ اعتقاد درست رکڻ، اوليائن جي سجاڻ ڪرڻ مرشدن سان رابطو ڪرڻ، دنيا ۽ دنيا وارن کان نفرت ڪرڻ، ۽ ترڪ ڪرڻ، الله پاڪ تي توڪل ڪرڻ، تدبير کي ڇڏو ڪرڻ، غير الله کان بيزاري ڏيکارڻ، طلب خدا ۾ ڪمرت بسته رهڻ، ۽ مرشد جي مريد سان شفقت ۽ ڪشش بيان ڪرڻ، خدا پاڪ جي پنهنجي ٻانهن تي مهرباني ڪرڻ جذب ۽ عشق محبت بيقراري سڪون بي خودي ۽ استغراق توحيد ۽ ڪفر حقيقي، فنا ۽ بقا حقيقت محمدي ڪعبت الله جي تعظيم ۽ عزت بيان ڪرڻ، عروج ۽ نزول جي وضاحت، حقيقي اسلام جي بيان ۽ معجزن تصرفن ڪرامتن جي بيان کان سواءِ الله پاڪ جي ديدار، نفس شناسيءَ ذريعي عرفان حاصل ڪرڻ، لدني علم جي وضاحت ۽ اسرار بيان ڪرڻ، فقر قناعت فتوحات قضا ۽ قدر، خدمت خلق، مسڪينن تي رحم ڪرڻ حڪمت ۽ دانائي، سخاوت ۽ مروت، خوش خلقي ۽ ڪسر نفسي اوراد وضائف ظاهري باطني عالمن جي بيان، ڪامل ۽ ناقص جي بيان ڪرڻ، عقل انساني ۽ عقل حيواني، سعادت ازلي ۽ شقاوت ازلي، انبياءِ ڪرام جي مناقب ۽ پلائي کان سواءِ اصحابه ڪرام جي مناقب ۽ شفاعت، ۽ گناهن جي معافي ۽ خوش خبري، ۽ حضرت جن جي وصيتن ۽ اوليائن جي مناقبن سان گڏوگڏ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي مناقب ۽ وصال شريف جو منجهس بيان ڪيو آهي.

www.maktabah.org

ملفوظات شريف ۾ مذڪور متين ستاءَ کي ذهن ۾ رکندي اها ڳالهه صاف ظاهر ٿي ٿئي ته، حضرت جن جي ملفوظات شريف تصوف ۽ سلوڪ جو اهو تاريخي دستاويزي ثبوت آهي جنهن جي گهري اڀياس ڪرڻ سان حقيقي وات حاصل ڪرڻ، ۽ سچن طالبن کي منزل تائين رسائي آسان ٿيو پوي:

سي پوجارا پر ٿيا، سمند سيوبو جن
آندائون عميق مان، جوتيون جواهرن
لڏائون لطيف چوي، لائون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو ان جو

مڪتوبات شريف هڪ نظر ۾

مڪتوبات شريف حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏني رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي علمي تحقيق جو هڪ اهڙو نچوڙ آهي جنهن ۾ سياست حقيقي وات جو ڏس، دل جي صفائيءَ جو طريقو، حاجت ۽ مشڪل روائيءَ جو بيان، رياضت ۽ زهد و عبادت جي تلقين، وعظ، نصيحت، عرفان خداوندي جي نشاندهي شرعي مسئلا، راه طلب جي تلقين، قرآن پاڪ جو ترجمو ۽ تفسير، ياد الاهي، ذڪر فڪر، نفس شناسي ۽ ان جا قسم، وحدت شهودي ۽ فراق، اقسام علم، قلب سليم جي وضاحت، احاديث نبوي جي تشريح ۽ وضاحت، حقيقت محمدي جو بيان، جلال ۽ جمال جي صفتن جو ذڪر، مهر نبوت جي وضاحت، معراج ۽ ديدار الاهي، صبر جي تلقين، مريد ۽ مرشد جو بيان، صبر ۽ شڪر، قضا ۽ قدر، عشق الاهي، تحريص ذڪر، صوفيانه اصلاحات جي تشريح، ۽ ميلاد جي بيان جو ذڪر آهي.

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جا اهي ۴۶ مڪتوب، مختلف خليفن، مريدن، معتقدن ۽ سائلن جي جواب ۾ تحرير فرمايل آهن، جيڪي پنهنجي سر پاڻ انتهائي مصروفيت ۽ ڏينهن رات جي سفر مسافريءَ ۽ حضر دوران مخلوق خداونديءَ کي تبليغ وارشاد، ۽ ماڻهن جي پلائي ۽ سماجي ڪمن ڪارين جي باوجود لکيائون.

اهي جملہ مڪتوب يارنهن (۱۱) ماڻهن طرف لکيل آهن باقي انهن مان ٽي خط نامعلوم ماڻهن طرف لکيل پائجن ٿا.

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي مڪتوبات

www.maktabah.org

شريف سندن عليءِ مقام جو اهڙو عمدو نمونو آهي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي پاڻ نثر نويسيءَ انشاپردازيءَ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هٿايو. ۽ مڪتوبات شريف جو پهريون خط ان جو چٽو مثال ۽ کليل دليل آهي، جيڪو استعارن ۽ ڪنايون جي رنگين عبارت سان سينگاريل آهي. هر هڪ مڪتوب شريف جي شروعات حمد و ثنا سان ڪئي اٿن. ان کان پوءِ مڪتوب اليه طرفان ڪيل سوال جي جواب بابت تحرير فرمايل آهي، جنهن ۾ ڪين انتهائي سهڻ لقب القابن سان ڇاڻائيندي، پنهنجي عاجزيءَ ۽ انڪساري جو اظهار فرمايو اٿن. اهڙي طرح انهن مڪتوبن ۾ قرآن حديث فقهه تصوف، تاريخ ۽ سياست جا عنصر پڻ شامل آهن، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته حضرت جن ظاهري توڙي باطني، عقلي توڙي نقلي علمن تي پوري دسترس رکندڙ عالم اجل ۽ فاضل بي بدل بزرگ هئا، حضرت جن صرف ذاتي زهد، عبادت ۽ شغل مشغولين کي ڪافي نه سمجهيو، بلڪ پنهنجي مجلسي خطاب ۽ خطن ذريعي عام انساني پلاڻيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا. حضرت جن جا اهي مڪتوب هر حيثيت سان جامع صفات جو مجموعو آهن، ۽ انشاءَ ۽ خط نويسيءَ جي فن جو نادر نمونو پڻ آهن، انهن ۴۶ مڪتوبن مان ۴۱ مڪتوب، ڪڙيئي گهنور واري اصلي نسخي تان ساڳي صورت ۾ ڦوٽو ڪيرائي، آخر ۾ شامل ڪيا ويا آهن. باقي چئن مڪتوبن کي ڪمپوز ڪرايو ويو آهي ته جيئن اصل مڪتوبات شريف محفوظ ٿئي.

مڪتوبات جا موضوع

مڪتوبات شريف حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعاليٰ عليه جيڪا ۴۶ خطن تي مشتمل آهي مذڪور مڪتوب جملي يارهن(۱۱) ماڻهن ڈانهن لکيل آهن ۽ به خط نامعلوم ماڻهن طرف آهن. موضوع جي مناسبت سان انهن جو تفصيل هن ريت آهي.

مڪتوب نمبر	مڪتوب اليه	موضوع
مڪتوب نمبر ۱	خليفي محمد حسين مهيسر ڈانهن	سياسي خط آهي
مڪتوب نمبر ۲	خليفي محمد حسين مهيسر ڈانهن	حقيقي واٽ جي ڏس ۾
مڪتوب نمبر ۳	خليفي محمد حسين مهيسر ڈانهن	دل جي صفائي(تصفيه قلب) بابت
مڪتوب نمبر ۴	خليفي محمد حسين مهيسر ڈانهن	حاجت ۽ مشڪل روائي جي ڏس ۾
مڪتوب نمبر ۵	خليفي محمد حسين مهيسر ڈانهن	رياضت ۽ زهد جي تلقين بابت

www.maktabah.org

مکتوب نمبر ٦	سندن پاءُ ميان مرتضيٰ علي شاهه ڈانهن	وعظ ۽ نصيحت جي باري ۾
مکتوب نمبر ۷	سندن پاءُ ميان مرتضيٰ علي شاهه ڈانهن	عرفان جي باري ۾
مکتوب نمبر ۸	محمد صالح طالب علم ڈانهن	شرعي مسئلي بابت
مکتوب نمبر ۹	مير مبارڪ خان تالپر ڈانهن	فارسي شعر جي سمجهاڻيءَ بابت
مکتوب نمبر ۱۰	ميان احمد نصرپوري ڈانهن	راهه طلب ۾ شوق رکڻ بابت
مکتوب نمبر ۱۱	مخدوم احمد نصرپوري ڈانهن	آيتن جي ترجمي ۽ تفسير بابت
مکتوب نمبر ۱۲	خليفي غلام محمد لکڙي واري ڈانهن	ياد الٰهي ۽ ذڪر بابت
مکتوب نمبر ۱۳	ففير غلام علي کٹياڻ ڈانهن	فارسي شعر جي وضاحت بابت
مکتوب نمبر ۱۴	فقير غلام علي کٹياڻ ڈانهن	فارسي شعر جي وضاحت بابت
مکتوب نمبر ۱۵	فقير غلام علي کٹياڻ ڈانهن	فارسي شعر جي وضاحت بابت
مکتوب نمبر ۱٦	فقير غلام علي کٹياڻ ڈانهن	نفس جي قسمن بابت
مکتوب نمبر ۱۷	ميان عبدالحميد ديهه کوکرن واري ڈانهن	فراق ۽ وحدت شهودي بابت
مکتوب نمبر ۱۸	نامعلوم ماڻهو ڈانهن	مثنوي جي شعر بابت
مکتوب نمبر ۱۹	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	آيت جي تفسير بابت
مکتوب نمبر ۲۰	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	علم جي قسمن بابت
مکتوب نمبر ۲۱	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	قرآني آيت جي تفسير بابت
مکتوب نمبر ۲۲	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	قلب سليم بابت
مکتوب نمبر ۲۳	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	حديث شريف جي وضاحت ۾
مکتوب نمبر ۲۴	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	حقيقت محمدي جي باري ۾
مکتوب نمبر ۲۵	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	فقهي مسئلن بابت
مکتوب نمبر ۲٦	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	مختلف قرآني آيتن جي تفسير بابت
مکتوب نمبر ۲۷	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	آيت جي معنيٰ ۽ مطلب بابت
مکتوب نمبر ۲۸	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	آيت جي معنيٰ ۽ مطلب بابت
مکتوب نمبر ۲۹	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	حديث پاڪ جي باري ۾
مکتوب نمبر ۳۰	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	جلال ۽ جمال بابت
مکتوب نمبر ۳۱	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	مهر نبوت بابت
مکتوب نمبر ۳۲	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	سنڌي بيت جي معنيٰ ۽ مطلب بابت
مکتوب نمبر ۳۳	مخدوم پير محمد ڈيپارجائي ڈانهن	معراج ۽ الله تعاليٰ جي ديدار بابت
مکتوب نمبر ۳۴	قاضي عبدالرحمٰن کونهرائي ڈانهن	صبر جي تلقين بابت

www.maktabah.org

مڪتوب نمبر ۳۵	نامعلوم ماڻهو ڏانهن	آيت جي معنيٰ ۽ مطلب بابت
مڪتوب نمبر ۳۶	قاضي عبدالرحمٰن ڪونهرائي ڏانهن	مريد جي مرشد سان بيعت بابت
مڪتوب نمبر ۳۷	قاضي عبدالرحمٰن ڪونهرائي ڏانهن	تڪليف وقت شڪر ۽ صبر جي تلقين بابت
مڪتوب نمبر ۳۸	قاضي عبدالرحمٰن ڪونهرائي ڏانهن	قضا ۽ قدر تي راضي رهڻ بابت
مڪتوب نمبر ۳۹	قاضي عبدالرحمٰن ڪونهرائي ڏانهن	عشق الاهيءَ سان محبت رکڻ بابت
مڪتوب نمبر ۴۰	خليفي غلام محمد لکڙيءَ واري ڏانهن	تحريص ذڪر بابت
مڪتوب نمبر ۴۱	خليفي محمد عليم ڏڏر واري ڏانهن	جمع جي نماز بابت
مڪتوب نمبر ۴۲	خليفي محمد عليم ڏڏر واري ڏانهن	تحريص ذڪر بابت
مڪتوب نمبر ۴۳	خليفي محمد عليم ڏڏر واري ڏانهن	محفوظ جي وضاحت بابت
مڪتوب نمبر ۴۴	خليفي محمد حسين ڏانهن	ميلاد بابت
مڪتوب نمبر ۴۵	خليفي محمد حسين ڏانهن	جمع نماز قضا ٿيڻ بابت
مڪتوب نمبر ۴۶	خليفي محمد حسين ڏانهن	عيد نماز بعد مصافحي ڪرڻ بابت

اهڙي طرح متين خطن جي ورهاست هن طرح آهي:

(۱) خليفي محمد حسين ڏانهن جملي عدد ۸ خط لکيل آهن

(۲) سيد مرتضيٰ علي شاهه ڏانهن ۲ خط لکيل آهن

(۳) محمد صالح طالبعلم ڏانهن ۱ خط لکيل آهي

(۴) مير مبارڪ خان ٽالپر ڏانهن ۱ خط لکيل آهي

(۵) ميان احمد نصرپوري ڏانهن ۲ خط لکيل آهن

(۶) خليفي غلام محمد لکڙيءَ واري ڏانهن ۲ خط لکيل آهن

(۷) غلام علي ڪٽياڻ ڏانهن ۴ خط لکيل آهن

(۸) ميان عبدالحميد ڪوڪرن واري ڏانهن ۱ خط لکيل آهي

(۹) مخدوم پير محمد ڏيپارجائي ڏانهن ۱۵ خط لکيل آهن

(۱۰) قاضي عبدالرحمٰن ڪونهرائي ڏانهن ۵ خط لکيل آهن

(۱۱) خليفي محمد عليم ڏڏر واري ڏانهن ۳ خط لکيل آهن.

باقي سندن به مڪتوب نامعلوم ماڻهن طرف لکيل آهن، جن جو پتو پڌجي نه سگهيو ته ڪنهن ڏانهن لکيائون.

www.maktabah.org

فصل ٽيون

مکتوبات حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي جو مختصر تعارف:

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن، مکتوبات شريف لکي سنڌ ۽ سنڌين تي مٿن وڏو احسان کيو آهي. سندن اها تصنيف اسلامي تصوف جو هڪ عظيم شاهڪار آهي، جنهن ۾ علمي، روحاني ۽ ادبي طور تي اهي واهڙ وهائيا اٿن، جيکي تصوف جي تاريخ ۾ اهم مقام رکن ٿا.

مکتوبات شريف جا قلمي نسخا جيکي مختلف هنڌن تان ميسر ٿي سگهيا، انهن ۾ ۴۶ خط درج آهن. جيکي پنهنجن مريدن، خليفن ۽ دوستن ڈانهن تحرير فرمايائون. سندن اهي جملي ۴۶ خط ۱۱ ماڻهن ڈانهن لکيل آهن، جن کي خليفي محمود نظاماڻي رحمةَ الله تعاليٰ عليه ڪڙيئي گهنور واري گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ جوڙي تيار کيو.

حضرت جن جا سمورا خط اسرار، رموز، تصوف ۽ طريقت جي تعليم و تشريح ۽ فقهي مسئلن جي وضاحت تي مبني آهن. سندن مريدن،معتقدن ۽ خليفن کائن مسئلن معلوم ڪرڻ لاءِ لکيو، پاڻ کين مدلل ۽ مفصل جواب تحرير فرمايائون. جيکي صوفياڻي نثر ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ظاهر ۾ ته انهن جو نالو خط (مکتوبات) آهي ليکن حقيقت ۾ اهي تمام وڏا دستاويز آهن. جن ۾ قرآن، حديث، تاريخ، تصوف ۽ فقهي ڪتابن جا حوالا ۽ مسئلا بيان ٿيل آهن. گڏوگڏ منجهن فارسي،عربي ۽ سنڌي بزرگن جا بيت پڻ ڈنل آهن. جيکي مسئلي جي وضاحت کندي پنهنجي بيان جي تائيد ۾ لکيا اٿن.

قلمي نسخن جو تذکرو

فارسي مکتوبات جا جيکي ۴ خطي بياض ميسر ٿي سگهيا، انهن جو تعارف ۽ تذکرو هن طرح آهي:

(۱) نسخو پيرجهنجو

www.maktabah.org

اهو نسخو پيرجهنڊو لائبريري مان مليو، ان بياض ۾ جملي ۴۶ خط آهن، ۽ ۱۲۰ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن تي ڪاتب وغيره جو ڪو به نالو درج ٿيل ڪونهي ۽ نه وري ڪتابت جو سن يا سال ڪٿي لکيل آهي. ڪتابت خوشخط ۽ سائيز ۴ +۷، سٽون ۱۹ ڪاغذ هلڪو بادامي رنگ جو آئس.

معلوم ائين ٿو ٿئي ته مذڪوره نسخو شايد اصل تان نقل ڪيل آهي، جو منجهس ڪافي هنڌن تي ڪاتب کان غلطيون سرزد ٿيل معلوم ٿين ٿيون. ان خطي بياض کي ترجمي ڪرڻ دوران اساس بنائي زير بحث رکيو، ويو باقي ٻين نسخن کي امدادي ڪتابن طور ڪتب آندو ويو.

(۲) ٻيو نسخو سنڌيالاجي لائبريري

هي بياض اسان کي سنڌيالاجي لائبريري مان مليو. جيڪو شروع ۾ مرحوم پير حسام الدين شاهه راشدي جي ملڪيت هيو ۽ ان کان سنڌيالاجي کي مليو. هي نسخو ويجهي دور جو لکيل معلوم ٿئي ٿو. غلطين جي لحاظ سان ڪجهه قدر وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿو. منجهس ۴۱ مڪتوب آهن. ڪاغذ سفيد سائيز ۵ + ۹ - سٽون ۱۸ ۽ ۱۰۵ صفحن تي مشتمل آهي.

(۳) ٽيون نسخو محمد خان جمالي

اهو نسخو خليفي محمد خان جمالي جو لکيل، مولوي تاج محمد جمالي کان مليو. مذڪور نسخو نامڪمل آهي. منجهس ۵ خط ۵۱ صفحا ۽ سائيز ۵ +۷ سٽون ۱۳ آهن، ڪتابت سادي، ڪاغذ هلڪو بادامي رنگ جو آهي.

(۴) چوٿون نسخو ڪڙيو ڳهنور:

اسان کي ڪڙيئي ڳهنور مان هڪ فقير کان مليو. جيڪو تمام آڳاٽي دور جو لکيل معلوم ٿئي ٿو. منڊ ۾ خطن جي فهرست لکيل آهي جيڪا اڏوهيءَ سبب ڪاڇي وئي آهي. جملي ۹۲ صفحا ۽ سٽون ۱۷ سائيز ۵ +۹ آئس. ڪتابت تمام اعليٰ قسم جي ۽ ڪاغذ پراڻي دور جو ٽلهو بادامي رنگ جهڙو آهي. هي نسخو صحت جي اعتبار سان اصح معلوم ٿئي ٿو. منجهس ۱۴ خط آهن ۽ ان ئي نسخه تان فوٽو ڪيدرائي متن تيار ڪيو ويو آهي.

مڪتوبات جي ترجمي ڪرڻ وقت طريقه ڪار

مڪتوبات شريف جي ترجمي ڪرڻ دوران، جن ڳالهين کي مد نظر رکيو ويو سي هن ريت آهن:

www.maktabah.org

(الف) مکتوبات شريف جي متن جي لغوي معنيٰ کي اهميت ڏني ويئي ۽ لفظ بلفظ ترجمو ڪيو ويو.

(ب) مکتوبات ۾ مذڪور حوالن کي اصل ڪتابن سان ملائي ڏٺو ويو، جتي غلطيءَ جو احساس ٿيو، اتي غلطي درست ڪري ترجمو ڪيو ويو ۽ ڪتابت جي غلطين کي درست ڪرڻ کان پوءِ اصل عبارتن ۽ حوالہ جات جو متن موجب ترجمو ڪيو ويو.

(ت) مکتوبات شريف جي دستياب سيني نسخن کي ملائي صاحب مکتوب جي اصل ۽ حقيقي مراد معلوم ڪرڻ ۽ صحيح مسئلي تائين پهچڻ لاءِ انتهائي محنت ۽ جفاڪشي کان ڪم ورتو ويو.

(ٿ) حضرت مصنف رحمةُ الله تعالىٰ عليه جن موضوع ۽ موقعي جي مناسبت سان، مضمون ۽ بيان کي سينگارڻ واسطي جيڪي عربي ۽ فارسي شعر استعمال فرمايا آهن، انهن جو ترجمو نثر ۾ ڪيو ويو، جيئن اصل معنيٰ برقرار رهي سگهي، ۽ ترجمي ڪرڻ دوران انداز بيان دلڪش ۽ دلچسپ بنائڻ لاءِ الفاظ سولا ۽ عام استعمال ٿيندڙ ڪتب آندا ويا. جيئن مضمون جي رواني ۽ تسلسل برقرار رهي سگهي.

مکتوبات شريف جي ترجمي ڪرڻ دوران جن مشڪل مرحلن مان پار پوٽو پيو انهن جو به ذڪر ڪرڻ دلچسپي کان خالي ناهي. خاص ڪري ترجمي ڪرڻ دوران جيڪو مشڪل مرحلو سامهون هيو سو مکتوبات شريف ۾ مذڪور اصل ڪتابن جي حوالہ جات جو دستياب ٿيڻ هيو. جن لاءِ تمام وڏي جاکوڑ ۽ ڪوشش ڪرڻي پيئي. مثلاً تفسير عرائس البيان يا تفسير لطائف واشارات قشيري کان سواءِ تصوف جا ٻيا ڪتاب جيڪي تمام گهڻي ڪوشش بعد مليا. ان کان وڌيڪ منجهائيندڙ مسئلو اهو هيو جو مکتوبات شريف ۾ ڪافي هنڌن تي ڪتابن جا حوالا ته ڏنل هئا، ليڪن نشاندهي ٿيل ڪانہ هئي ۽ خبر نہ ٿي پئي ته مذڪوره حوالو اصل ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙي ڪتاب جو آهي؟ ليڪن جوينده يابنده جي مثال موجب ڳولا بعد اصل ڪتاب تائين پهچڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي ۽ مذڪوره حوالہ جات جو ترجمو انتهائي ذمہ داريءَ سان ڪيو ويو.

مکتوبات سان لاڳاپيل مضمونن جو ذڪر

هر تحقيقي ڪم نہ صرف عالمن ۽ محققن لاءِ هوندو آهي، بلڪ اديبن، شاگردن ۽ عام ماڻهن جي معلومات ۽ دلچسپي لاءِ گڏ ڪيل مواد هوندو آهي. پوءِ پڙهندڙن جي مرضي تي ڇڏيل هوندو آهي ته هو پنهنجي منشاءَ مرضي موجب جيڪو وٽين

www.maktabah.org

سو پڙهن ۽ پروڙين، ان کري مون پنهنجي وس آهر کوشش کري هن تحقيقي کتاب ۾ هر قسم جي ماڻهن لاءِ معلومات فراهم کرڻ جي پوري کوشش ڪئي ته جيئن هو پنهنجي مرضي موجب حظ حاصل کري سگهن.

اهڙي طرح تاريخ سان واسطو رکندڙ شاگردن لاءِ تاريخي معلوماتي ڇاڻ فراهم ڪئي ويئي آهي. سياست سان واسطو رکندڙ شوقينن لاءِ گذريل دور جي سياسي چڪرين کي بيان کرڻ جي کوشش ڪئي ويئي آهي، ته جيئن کين خبر پئجي سگهي ته ماضي ۾ اسان جي حڪمرانن جي سياسي غلطين سبب سنڌ ۽ سنڌ واسين کي کهڙيون عقوبتون ڏسٽيون پيون. ان سان گڏوگڏ اقتصاديات جي شاگردن لاءِ ان دور جي معاشي بحران جا سبب بيان ڪندي انهن اسبابن ۽ عواملن جي نشاندهي ڪئي اٿم، جن سببن کري گذريل دور ۾ سنڌ جي اقتصادي حالت ابتر ٿي ۽ سنڌ جي آمدني وڌڻ جي بجاءِ گهٽجي ويئي ۽ سنڌ مالي بحران ۾ داخل ٿي ويئي هئي.

ان کان سواءِ هن تحقيقي کتاب کي وڌيڪ دلچسپ بنائڻ خاطر مذهبي، روحاني، ادبي، سياسي، اقتصادي ۽ تاريخي مواد کي گڏ کري پيش کرڻ جي کوشش ڪئي ويئي آهي، ته جيئن هن باغ مان هر هڪ پنهنجي پسند جا گل چونڊي پنهجي دل ۽ دماغ کي معطر کري سگهي، ۽ مون عاجز گهٽ علم کي پنهنجي نيڪ دعائن ۾ ياد کري.

مکتوبات ۾ تصوف جو اپياس

جيئن ته مکتوبات شريف تصوف جو شاهڪار آهي، ۽ منجهس جيڪي به ڪجهه مواد آهي سو سمورو تصوف تي اعليٰ قسم جو گڏ ڪيل بي بها خزانو آهي، ان کري ضروري ڄاتو ويو ته صاحب تصنيف جي نظريئي تحت مشهور صوفيانه اصطلاحات کي جدا باب جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي. پوءِ ان ضرورت جي پيش نظر سندن راين ۽ نظرين کان عام ماڻهن کي واقفيت ڪرائڻ خاطر تصوف جي اهڙي نموني وضاحت ڪئي ويئي ته جيئن عام پڙهندڙ ان موضوع سان لاڳاپيل ڳالهين کان سواءِ عام معلومات به حاصل کري سگهن.

نتيجي تائين رسائي

منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ خوشيءَ جوباعث اهو آهي جو سندن مکتوبات شريف جي ترجمي کرڻ، ۽ حضرت جن جي سوانح حيات تي لکڻ دوران اصلي حقيقت

www.maktabah.org

معلوم ٿي، جنهن جي متعلق ڪن مؤرخن يڪطرفو فيصلو ڪري تاريخ ۾ تحقيق سان وڏي جُٽ ۾ تعدي ڪري ڇڏيائون، جنهن جي چندچاڻ پنهنجي جاءِ تي ڪيئي ويئي آهي.

تحقيقي تجزيو

مون حضرت جن جي زندگي مبارڪ جي هر پهلوءَ کي چگيءَ طرح پرکي پروڙي ڏٺو آهي ۽ مون کي ڪنهن به هنڌ تي سندن اعليٰ شخصيت جي باري ۾ ذري برابر اهو محسوس نه ٿيو ته سندن قول ۽ فعل سنت پاڪ جي دائري کان ٻاهر رهيو هجي، بلڪ سندن همه گير شخصيت ۾ اهي مڙئي خوبيون ڏسڻ ۾ آيون، جيڪي هڪ اعليٰ ۽ بي داغ قابل تقليد شخصيت ۾ هڻن گهرجن، ان ڪري مون پنهنجي مقالي ۾ گذريل دور جي تحريرن جو تجزيو ڪندي، انهن سيني ڳالهين کي ظاهر ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي ادبي دنيا ۾ اهميت رکن ٿيون، ۽ ان دوران مون کي چگي طرح معلوم ٿيو ته حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏڻي رحمةُ الله تعاليٰ عليه جن جي پوري زندگي سنت رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جو اهڙو ته مثالي نمونو هئي جو عقل حيران رهجيو وڃي ٿو، ته هڪ انسان کي سنت پاڪ تي ايتري قدر استقامت يقيناً تائيد ايزدي کان سواءِ ڪڏهن به حاصل ٿي نه ٿي سگهي.

سندن زندگي جو هر لمحو ۽ شغل مشغوليون سنت پاڪ جو آئيني دار مثال هيون. ان ڏس ۾ صحيح حقيقت جيڪا پروسي سان اسان تائين پهتي آهي سا هن ريت آهي ته گذريل تحريرون جيڪي حضرت جن ڏانهن منسوب ڪيون ويون آهن، سي يا ته لاعلمي جي ڪري ضبط تحرير ۾ اچي ويون، يا وري ڪٽي هيئن چئجي ته سندن مقبوليت، عام پذيرائي ۽ همعصري جي ڪري منافرت ۾ تبديل ٿي ڪري مخاصمت جي حد تائين ظاهر ٿيون. پر جيڪڏهن ساڻيا ليڪ حضرات ماضي جي پوري ڇاڻ رکندا هجن ها ته اها ايڏي تاريخي غلطي ۽ زيادتي ڪائن ڪڏهن به نه ٿئي ها، جنهن کي مستقبل جو مؤرخ خيانت تصور ڪندو، ڇو ته تاريخي تحقيق جو اهو اهر اصول رهيو آهي ته ڪنهن به تاريخي تحقيق جي تجزيئي ڪرڻ وقت، پس منظر کي جانچڻ تمام ضروري هوندو آهي. ان ڪري هن هنڌ پروسي سان چئي سگهجي ٿو ته حضرت جن جي ملفوظات ۽ مڪتوبات جي مطالع مان ڪابه اهڙي ثابتي يا شاهدي نه ٿي ملي جنهن جي نتيجي ۾ اها راءِ قائم ڪري سگهجي ته حضرت جن جو اهڙن مفروضي واقعن يا حقيقتن سان پري جو به ڪو واسطو هجي.

www.maktabah.org

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي سوانح نگاري لاءِ سندن ملفوظات کان وڌيڪ ٻيو کوبہ ماخذ قابل قبول نٿو ٿي سگهي جيکو تحقيق کندڙن لاءِ هڪ دستاويزي ثبوت طور ڪم ڏئي سگهي. ان ڪري ابتدائي مواد سندن ملفوظات آهي. باقي ٻين مورخن جي تذکره کي جيکڏهن ثانوي مواد ڪٽي مججي، تہ بہ تحقيقي سٹاءَ ۾ ان کي ابتدائي مواد کان گهٽو گهٽ اهميت حاصل هوندي.

مکتوبات شريف تاريخ جي روشنيءَ ۾

مکتوبات شريف کي خليفي محمود نظاماٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه،سيهڙي سموهي گڏ ڪيو. اهو چائيتاليهہ(۴۶) خطن جو مجموعو تاريخي اعتبار سان وڏي اهميت جو حامل آهي. منجهس علم، ادب، تاريخ،تصوف جو تمام وڏو ذخيرو موجود آهي. انهن خطن مان پهريون خط سياسي آهي. جيکو خليفہ محمد حسين مهيسر ويٹل ناڑيءَ واري جي جواب ۾ لکيائون. خليفي محمد حسين مهيسر کائن ان وقت سنڌ اندر رونما ٿيندڙ تبديليءَ جي پيش نظر آئندي بابت پڇا ڪئي، ۽ اهو ڄاڻڻ چاهيو تہ،ان جو اثر اڄڪلهي ڪهڙو ٿيندو؟ پاڻ خليفي صاحب کي جواب لکي موڪليائون، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ کين ميرن جي فتح ۽ حڪومت هٿ ڪرڻ ناپسند هئي، ۽ سندن طبيعت جو لاڙو ڪلهوڙن جي طرف هيو. ان مذکوره خط ۾ ميان عبد النبيءَ کي روح ۽ تيمور شاهہ کي سلطانِ قضا ۽ مير فتح علي خان کي نفس اماري سان تشبيه ڏني اٿن.

حضرت جن جو اهو خط انشاءَ پردازيءَ ۾ پنهنجو مٹ پاڻ آهي، جنهن ۾ اشارا ۽ ڪنايا استعمال فرمايا اٿن. ان کان سواءِ سندن رغبت ڪلهوڙن طرف ۽ ميرن کان نفرت جو سبب بہ سياسي طور تي واضح هيو، جنهن جو ذڪر گذريل بابن ۾ ڪيو ويو آهي.

www.maktabah.org

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَحْدَهٗ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى مَنْ لَّا نَبِيَّ بَعْدَهٗ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ*

امّا بعد! هيءُ خط شريف قبلہ انام شيخ الاسلام، قطب الاقطاب، فرد الاحباب، جامع علوم حقاني، منبع غوامض يزداني، پيرن جي پير، زماني جي يگانہ، سند الاحد، سيد المجدد، حضرت پير سائين محمد راشد سيد لكياري المعروف پير سائين روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه وعلىٰ جميع احبابهٖ جا آهن.

www.maktabah.org

خط مبارک ۱

قدوة العارفين،

خليفي محمد حسين رحمة الله.

تعالیٰ عليه ڏانهن لکيو ويو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ هَدٰنَا لِهٰذَا وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِیَ لَوْ لَا اَنْ هَدٰنَا اللّٰهُ لَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی صَاحِبِ الْمَقَامِ الْمَحْمُوْدِ اِلٰی یَوْمِ الْمَوْعُوْدِ كَمَا هُوَ اَهْلَهٗ.

(ترجمو) سڀ ساراهه ۽ واکاڻ خاص الله تعالیٰ جي لاءِ آهي، جنهن اسان کي هي هدايت واري واٽ ڏيکاري ۽ جي هو اسان کي هدايت واري واٽ نه ڏيکاري ها تہ هوند، اسين هدايت نہ لهون ها. بيشڪ اسان جي پالٹهار جا (سڀ) رسول سچ سان آيا آهن. صلاتون ۽ سلام مقام محمود جي صاحب تي، قيامت تائين هجن، جيئن جو هو ان مقام جو اهل آهي. هي خط ان فقير جو آهي، جيکو پنهنجي غني کريم جو محتاج آهي، جيکو پياري مخلص محمد حسين ڏانهن لکجي ٿو (شال الله تعالیٰ ان کي غير کان بچائي ۽ اخلاص ۽ خير وارن ڪمن سان مشغول رکي- آمين)

اوهان مخلص پياري جو خط هيڏانهن جي حالات معلوم ڪرڻ متعلق پهتو ۽ خوشي حاصل ٿي!! اي دوست هتان جي حقيقت هن ريت آهي جو قضا جي بادشاهه (تيمور شاهه) ميان روح(ميان عبد النبيءَ)کي سندّ جي بدن جي ولايت (حڪومت لاءِ) روانو ڪيو، جنهن ڪجهه ڏينهن حڪومت هلائي (پر) سندن ۽ حرص جي پٹيان لڳي، جڏهن فتح عليءَ جو نفس بالغ ٿيو، تڏهن مصر جي ملڪ جي بادشاهه (فرعون) وانگر پاڻ پائڻ ۾ لڳي ويو. ان گدو (مل) ڪافر کي وري عقل معاش جي وزارت ڏيئي چڏي آهي ۽ ميان روح (ميان عبد النبي) کي معزول ڪري ديره جات ڏانهن گوشہ نشين بنائي رهايو آهي. فتح عليءَ جي نفس اهو ظلم جو ڪر ڪيو آهي، جو تہ اهو (نفس) بچڙائيءَ جو ئي امر ڪندڙ آهي، ان حد تائين جوماڻهن جي دلين ۾ جيکو ايمان جو خزانو هيو، تنهن کي

www.maktabah.org

بہ لٽي ڇڏيو اٿس. (پوءِ) ميان روح (ميان عبد النبي) عاجزيءَ ۽ نيازمنديءَ سان قمردين (شيخ) جي ذريعي جيڪو بادشاھ (تيمور شاھ) جو پيارو آھي، بادشاھ کي مدد جي اپيل ڪئي آھي. پوءِ سلطنت جي بادشاھ (تيمور شاھ) ھڪ سرڪش ماڻھو ھٿ ڏمڪيءَ وارو خط (مير فتح عليءَ کي) لکي موڪليو آھي تہ جيڪڏھن عبادت واري دولت (مال) ۽ فرمانبرداريءَ واري دِل ادا ڪندين تہ چڱو، ۽ جيڪڏھن انڪار ڪندين تہ مَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا (۱) جي مصداق ٿيندين (پر) فتح علي خان جو نفس شيطان سيرت پائرن جي مشوري سان بادشاھ کان باغي ٿي سنڌ جي بدن کي شھوت پرست پائرن (ميرن) ۾ حصا حصا ڪري ورھائي ڇڏيو، جيئن تہ ھاڻي سخت سرد موسم جا ڏينھن- جيڪي معرفت جي لشکر جي آمد جا ڏينھن آھن، تن ۾ قضا جي بادشاھ (تيمور شاھ) عشق جي حاڪم احمد خان نورزئي کي معرفت جي لشکر جو سپہ سالار مقرر ڪيو آھي. اميد اٿم جو بھار واري موسم جي منڊ ۾ پنھنجي وطن سنڌ بدن ۾ پھچي ويندو، اميد پوري ٿي ويندي، جو جنگ ڪري، روح (ميان عبد النبي) کي پنھنجي تخت تي ويھارينڊو ۽ باغي نفس (مير فتح علي) کي اطمينان جي زنجيرن ۾ قيد ڪندو ۽ آدم (ڪلھوڙي جي اولاد) جن ڏانھن ڪيس ڪشش آھي (انھن کي) سنڌ واري ناسوت جي ديه مان ڪڍار جي شھرستان لاھوت ڏانھن معراج ڪرائيندو.

پيارا! مون کي (مير) سھراب يا ان جي ھمجنس وارن جي رُڄ مان ڪو بہ ڊپ ڪونہ آھي. البتہ بدبخت ۽ چپ وانگر ويراني ڳولينڊڙ نفس بي دين (جو خوف اٿم) بمصداق فرمان خداوندي تہ جيڪا بہ برائي توکان ٿي اھا نفس جي طرفان پاڻ ۽ جو ڪجھ بہ حق سبحانہ وتعاليٰ جي نظر ڪرم سان اسان کي حاصل ٿئي ٿو، اھو سمورو اسان لاءِ چڱو آھي (جيئن ارشاد آھي) جيڪا چڱائي حاصل ٿئي سا الله تعاليٰ طرفان سمجھہ. اي الله جا ٻانھا! جيڪا بہ دنيا جي شيءِ ڪسجي وڃي تنھن تي افسوس نہ ڪر ۽ جو ڪجھ بہ دنيا جي نعمتن مان حاصل ٿئي، ان تي خوش نہ ٿيءُ. بيشڪ آخرت پلي ۽ جٽادار آھي.

فارسي بيت:

سپـــــردم بتـــــو مـــــايۂ خـــــويـــــش را
تـــــو دانـــــي حســـــاب کـــــم وبيـــــش را

مون پنھنجي موڙي تنھنجي حوالي ڪري ڇڏي آھي. ٿوري گھٽي جو تون حساب ڇاڪ.

(۱) پ۲۴ سورة حٰمٓ سجده آيت ۴۶

www.maktabah.org

سنڌي بيت:

سدا سورنهون، گونڊروجن گذري
اهكايون عاقل چوي، پركا كارڙپون
چنگا ائين چون ته در نه متجي دوست جو

فارسي غزل ع ۱

اي دل مكن بهرستم ايـن نفيرازو
چونزجانباوستدل مگيرازو

اي دل! دلربا جي ظلم سببان ان كان نفرت نه كر، جڏهن جو دل آهي ئي ان جي ته پوءِ ان كان نه كس.

آن دوست گربتيركند قصدكشتنت
سرپيش آر روءِ مگردان بهتيرازو

جيكڏهن اهو دوست توكي تير سان كهڻ جو ارادو كري، ته سر سندس اڳيان ستجاءِ ۽ ان جي تير كان منهن نه موڙ.

ازبارناگزيرنشايدگريختن
زان كس بود گريزكه داري گريزازو

جنهن دوست كان سواءِ سري نه ٿي، ان كان پڄڻ نه ٿو جڳائي (البته) جنهن جي صحبت كان پڄڻ ضروري آهي ان كان پڄ پري.

چون جان طلب كندكه جان بدين قدر
فرصت مكن فداكن ومنت پذيرازو

جڏهن محبوب توكان جان گهري ته پوءِ جان جي قيمتي هجڻ باوجود دير نه كر. فدا ٿي وڃ ۽ ان جو احسان پاءِ.

جان كه داغ عشق ندارد كجا برند
گربايدت كه زنده بماني بميرازو

جيكا دل عشق جو داغ نه ٿي ركي ان كي كيڏانهن كبو، جيكڏهن جيئرو رهڻ گهرين ٿو ته ان وٽ وڃي مر.

www.maktabah.org

فارسي غزل ع۱

اي بـــه تيـــغ ابتـــلاءِ خـــون محبـــان ريختـــه
آبـــروءِ عـــاشقـــان خـــود فـــراوان ريختـــه

اي يار آزمائش واري تلوار سان عشق جو خون وهايو اٿئي ۽ پنهنجي عاشقن جي کافي بيعزتي کئي اٿئي.

دلبـــران هـــر گـــز نـــريـــزنـــد آبـــروءِ عـــاشقـــان
دلبـــر مـــا خـــون عـــاشـــق صـــد هـــزاران ريختـــه

معشوق کڏهن به عاشقن جي بيعزتي نه ڪندا آهن پر اسان جي محبوب ته لکن عاشقن جو رت وهايو آهي.

طـــرفـــه تـــر کـــز بهـــر قتلـــش منتظـــر صـــد جـــان فشـــان
جـــان بکـــف بنهـــاد اشـــک از چشـــم گـــريـــان ريختـــه

گهٽي عجب جي ڳالهه اها آهي جو ان جي هٿان قتل ٿيڻ لاءِ سوين جانيون شوق سان منتظر آهن سر تري تي رکي ڳوڙها ڳاڙي روئي رهيون آهن.

نـــي بـــرائـــي آنکـــه جان عـــاشقـــان فـــانـــي شـــونـــد
بلکـــه صـــد جـــان بقـــا بـــر جـــان ايشـــان ريختـــه

ان لاءِ پاڻ کي نٿا مارين ته جو عاشقن جون جانيون فنا ٿيندیون، بلکه انهن جي جان کي سوين بقا واريون جانيون ملي وڃن ٿيون.

اي دوست!! ان محبوب حقيقي جل شانه' جي رحمت بي علت، غيبي پردن جي پويان پڳل دل وارن ۽ سڙيل جگر وارن عاشقن لاءِ هن طرح خوشخبري موڪلي آهي ته آءٌ پڳل دلين ۽ ڏنل قبرن (گم نام قبرن) وارن وٽ آهيان.

فارسي رباعي:

بـــر مـــن زوصـــل دربستـــه مـــي دارد دوســـت
جـــان را بفـــراق خستـــه مـــي دارد دوســـت
زيـــن پـــس مکـــن دل شکستگـــي بـــر دريـــار
کيـــن دوســـت دل شکستـــه مـــي دارد دوســـت

(يعني) مون لاءِ وصل جو دروازو دوست بند ڪري ڇڏيو آهي. جان کي فراق

www.maktabah.org

سان زخمي ڪري ڇڏيو اٿس. پوءِ به يار جي دروازي کان دل شڪسته نه ٿي، جو اهو دوست دل شڪسته وارن کي ئي دوست رکندو آهي. هاڻي بس تو کريان جو سياڻن لاءِ ايترو ڪافي آهي. توهان جي دوستن کي سلام پهچن.

خط مبارک ۲

خليفي ميان محمد حسين

ساکن ناڑي ڏانهن لکيو ويو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون ان الله تعاليٰ جي لاءِ جنهن اسان کي هن (دين اسلام) جي هدايت فرمائي آهي. اسان هدايت حاصل ڪري نه سگهون ها. جيڪڏهن اسان کي الله تعاليٰ هدايت نه فرمائي ها.

تحقيق الله تعاليٰ جا سڀ رسول (عليهم السلام) سچ سان آيا آهن، ۽ اسان تي ايمان واري نعمت جو انعام فرمايائين ۽ پنهنجي معرفت ۽ يقين واري نعمت سان اسان کي مشرف فرمايائين ۽ پنهنجي محبت واري وڻ جو ميوو اسان کي چکايائين. جيڪو جنتي ميون کان به زياده لذيذ ۽ مٺو آهي. لکين صلاتن ۽ سلامن جو هديو، بلڪ ان کان وڌيڪ بيشمار اسان جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي روح مبارڪ کي پهچي. اهو سردار، جنهن جو اسم مبارڪ وصال جي طالبن اجايل عاشقن لاءِ آب حيات جهڙو آهي، ۽ پڻ لکين رحمتون سندس آل اطهار ۽ صحابه ڪرام تي نازل هجن، جيڪي معرفت واري واٽ ڏيکارڻ لاءِ مهندار ۽ گمراهن ۽ سرڪشن کي سنئين راهه ڏيکارڻ لاءِ هادي آهن.

امابعد! السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته' جو تحفو ان فقير جو آهي، جيڪو پنهنجي غني ڪريم جو محتاج آهي، بطرف ميان محمد حسين. جيڪو گهڻي شوق سان الله تعاليٰ ڏانهن مشتاق ۽ اڻ ڪٽندڙ فيضن جي حصول لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ آهي (شال الله تعاليٰ ان جي ظاهر خواهه باطن کي نيڪ ڪري)

www.maktabah.org

ان خوبين جي خزاني واري جو خط مبارک وقت تي موصول ٿيو ۽ دل کي گهڻي خوشي حاصل ٿي. هر حال ۾ الله تعالیٰ جو حمد سونهين ٿو.

(هي) خط هن مضمون تي مشتمل آهي جو اوهان اسان ڈانهن شوق محبت جو اظهار فرمائيندي، حقيقي واٽ جي طلب لاءِ دعا جي درخواست ڪئي آهي.

پيارا! اوهان کي ان نيڪ ارادي جي مبارڪ هجي. حضور انور صلي الله تعالیٰ عليه وسلم جو فرمان آهي: لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ نَفْسِهٖ وَمَالِهٖ وَوَلَدِهٖ وَوَالِدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ (۱)

يعني توهان مان کوبه تيستائين مومن نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين آءٌ هن کي پنهنجي جان، مال، اولاد، پيءُ ماءُ ۽ سيني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نه هجان. ان حديث مان ثابت آهي ته محبت الاهي ۽ نبي ڪريم صلي الله تعالیٰ عليه وسلم جن سان محبت ۽ عشق رکڻ جا جيڪي آداب آهن، اهي پنهجي مرشد لاءِ لازم آهن، چاڪاڻ ته مرشد به حق تعالیٰ ڈانهن پهچڻ جو وسيلو آهي، جيئن ارشاد آهي مرشد پنهنجي قوم ۾ ان طرح آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾ ۽ پڻ- حُبَّكَ وَحُبَّ مَنْ يُّحِبُّكَ (۲) وارا الفاظ جيڪي حديث ۾ آيل آهن، تن مان مراد رسول اڪرم صلي الله تعالیٰ عليه وسلم ۽ مرشد آهن. (يعني) توکان تنهنجي محبت جو سوال ڪريان ٿو ۽ انهن سان محبت ڪرڻ جو، جيڪي توسان محبت رکن ٿا.

اي دوست! ان دل واري شوق کي گهٽو وڌائڻ گهرجي، ته جيئن محبت زياده ٿئي، جيئن حديث شريف ۾ اچي ٿو:

زُرْغِبًا تَزْدِدْ حُبًّا (۳) يعني دير سان زيارت ڪرڻ اچ ته محبت وڌندي.

دوائي درد دل اي دوست دردست
بحمد للهِ که آن داريم دردست

(يعني) اي دوست دل جي بيماري جي دوا الحمد لله جو هٿ ۾ آهي.

سنڌي بيت

مِلان مان نه بلوچ، ور ڈئي، ڈونگر ڈوريان،
جا لائق لوچ، سان محبت مون ئي ڪئي.

(۱) بخاري شريف جلد اول ص۷ ايضاً، شفا شريف ص۱۵ جلد ثاني
(۲) مشڪواة شريف ص۲۱۹
(۳) ڪنزالعمال جلد ۹ ص۳۰ ايضاً ترغيب جلد ثالث۳ ص۳٦٦- ايضًا الڪامل لابن عدي جلد ثاني ص۴۸۴

www.maktabah.org

پيارا!! قلب الله تعاليٰ جو عرش آهي. ان ڏانهن پهچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، چاکاڻ ته ان ڏانهن پهچڻ واري وات جو پنڌ هزار ورهين جو آهي. الله سبحانه، وتعاليٰ فرمايو آهي تَعْرُجُ الْمَلَائِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةً (۱)

ترجمو: ملائڪ ۽ روح الامين (جبرئيل عليه السلام) ان جي بارگاهه ڏانهن عروج ڪن ٿا. ان ڏينهن ۾ جنهن جي پنڌ جو مقدار پنجاهه هزار سالن جو آهي.

البته جن جي دستگيري خداوند ڪريم جو فضل فرمائيندو آهي، اهي پنهنجي مطلوب کي جلد پهچن ٿا، ۽ بيا جيڪي ان نعمت عظميٰ کي دير سان حاصل ڪن ٿا، ان ۾ طالب جي استعداد (قابليت) جي ڪوتاهي سمجهڻ نه گهرجي، بلڪ دير سان آيل نعمت دير تائين هلندي آهي.

پيارا! بندي جو ڪم، صرف حڪمن جي بجاآوري آهي. مقصد جو حصول ان جي ذميداري نه آهي، جيئن هود سورة جي آيت ڪريمه ۾ آهي: فَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ (۲) يعني اي محبوب (ﷺ) جيئن توکي حڪم مليو آهي، ان تي قائم رهه.

محبوب ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم فرمايو آهي ته مون کي هود سورت پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي (۳) يعني ان حڪم جي سبب ڪمزور ٿي پيو آهيان.

فارسي نظم:

بندهٔ همان به که ز تقصير خويش
عذر بدرگاهٔ خدا آورد

يعني: بانهو اهو پلو آهي، جيڪو پنهنجي ڪوتاهين جو اقرار ڪري خدا جي درگاهه ۾ معافي جو طلبگار ٿئي.

ورنه سزا وار خداوندیش
کس نتواند که بجا آورد

چاکاڻ ته خدا تعاليٰ جي آڏو ڪنهن کي به مجال نه آهي جو ان جي عبادت جو حق ادا ڪري سگهي.

تنهن ڪري محبت واري ميدان جي شهسوارن لاءِ پهريان لازم آهي ته پنهنجي ارادي واري چيلهه کي همت ۽ چستي سان مضبوط ٻڌي، پنهنجي منڻ کي محبوب حقيقي جي ذڪر واري ارادي جي ميدان جي گلي بنائين. (پوءِ) جنهن به طرف

---

(۱) سورة المعارج آيت ۴

(۲) سورة هود آيت ۱۱۲

(۲) مشڪواة شريف ص۴۵۰

www.maktabah.org

کان محبوب حقيقي جي چشم پوشي (لاپرواهي) واري چمات لڳين تہ هرگز انکار نہ کن، نہ کي ڏکن جي ڇڪتاڻ ۽ غمن جي لشکر جي پرواھ کن.

بيت:-

توڙي نہ ليکين، تہ بہ ريءَ کيچين کاڏي وجان
ڪسوٽي ڪکراھہ جي، ڇکايوچو کين
پرانهين پرکين، نہ تہ آءُ کاکوڙي سڃٽين.

۽ پڻ وسوسن کان جيکي ان واٽ ۾ شيطان جا کنڊا آهن تن کان بچڻ واسطي پنهنجي دامن کي مضبوط ارادي سان جهلجي.

بهرکاريکہ همت بستہ گردد
اگر خاري بود گلدستہ گردد

جنهن بہ ڪر ۾ همٽ کبي تہ پوءِ جيکڏهن کنڊا هوندا تہ بہ گلدستو ٿي پوندو.

اي دوست!! نصيحتون تہ تمام گهڻيون آهن، پر ڇا ڪجي عمر جو وقت تمام تنگ آهي.

مرشد بفور خيز کہ وقت است سيف قاطع
هر چند رفت،رفتہ چون برق هست لامع

(يعني) اي مرشد جلدي اٽ جو وقت ڪپيندڙ تلوار جي مثال آهي، جيترو ويو، سو ويو، ڪنوڻ چمڪندڙ وانگر جلد ويندڙ آهي.

سمجهدار مرد لاءِ هڪ حرف بہ ڪافي آهي، بس ٿو ڪريان جو سياڻن لاءِ ايترو بہ گهڻو آهي. وصلي الله تعاليٰ عليٰ اشرف رسل الله وآله وسلم.

خط مبارک ٣

پناھ فضائل خليفي محمد حسين جي جواب ۾ لکيو ويو رحمة الله تعاليٰ عليه

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون ان الله تعاليٰ جي لاءِ، جنهن اسان کي هن (دين اسلام) جي

www.maktabah.org

هدايت فرمائي آهي. اسان هدايت نہ حاصل ڪري سگهون ها، جيڪڏهن اسان کي الله تعاليٰ هدايت نہ فرمائي ها. بيشڪ الله تعاليٰ جا سڀ رسول (عليهم السلام) سچ سان آيا آهن ۽ صلاتون سلام ان رسول تي جيڪو الله پاڪ جي مڙني مرسلن مان وڌيڪ شرف وارو آهي ۽ اهو اسان لاءِ حق ۽ هدايت حاصل ڪرڻ واسطي وسيلو آهي.

امابعد! السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته' جو تحفو درويشن جي ادنيٰ خادم، بلڪ انهن جي قدمن جي خاڪ طرفان، ديني پاءُ ۽ زخمي قلب جي تسڪين، يعني محمد حسين ڏانهن موڪليو وجي ٿو. شال الله تعاليٰ ان کي پنهنجي حمايت جي پناهه ۾ محفوظ رکي.

اي پيارا! جدائي وارو درد دل کي گهٽي صفائي بخشيندو آهي، تنهن ڪري اوهان ان صفائي ڏانهن متوجهه رهجو، چاڪاڻ تہ ان صفائي ۾ الله سبحانه' تعاليٰ جي ذڪر جو بج خوب چٽبو آهي.

گر درد عشق را بقيامت جزا دهند
ما غير درد عشق نخواهم جزاءِ درد

(يعني) جيڪڏهن قيامت ۾ عشق جي درد جو بدلو ڏنائون تہ اسين عشق جي درد کان سواءِ ٻئي کنهن درد جو عيوض نہ گهرنداسون.

متاب از عشق رو گرچه مجازي است
که آن بهر حقيقت کار سازي است

عشق کان منهن نہ موڙ، توڙي مجازي هجي، چاڪاڻ تہ اهو حقيقي عشق جو ڪارساز آهي.

خدا تعاليٰ جي خاص عاشقن مان سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم به آهن جيڪي خدا تعاليٰ کان عشق، محبت لاءِ هن طرح سوال ڪندا هئا. اي الله! توکان تنهنجي محبت جو سوالي آهيان ۽ انهن جي محبت به گهران ٿو، جيڪي توسان محبت ڪن ٿا ۽ ٻڌ اهڙي عمل جي به محبت گهران ٿو جيڪو تنهنجي محبت ڏانهن قريب ڪري. (۱) هت هڪ راز آهي جيڪو (عام جي آڏو) چوڻ جهڙو ناهي.

رباعي

سريست در اين سينه که گفتن نتوانيم
دريست دراين بحر که سفتن نتوانيم
مشکل هم آنست که ما مشکل خود را
گفتن نتوانيم نهفتن نتوانيم

(۱) مشڪواة شريف ص۷۲

www.maktabah.org

(يعني) هن سيني ۾ هڪ راز آهي، جيڪو چئي نٿا سگهون. هن سموند ۾ هڪ اهڙو تہ موتي آهي جيڪو پوئي نہ ٿا سگهون. ڏکيائي تہ اها آهي جو اسان پنهنجي مشڪل کي ٻڌائي بہ نٿا سگهون ۽ لکائي بہ نٿا سگهون.

اي دوست! فراق واري سراڻ بہ عجيب سراڻ آهي. جڏهن (جدائي) وڏي ويندي آهي تہ (شوق جي گهٽائي سبب) دل مان ميراڻ ۽ گندگي ختم ٿي ويندي آهي۽ ان مان معنوي وصال ضرور حاصل ٿي پوندو آهي ۽ اميد آهي تہ ڪنهن ڏينهن صوري وصال (ظاهر وارو وصال بہ) حاصل ٿيندو. هن حال جي حقيقت جو تفصيل هن ڪاغذ ۾ ماپي نہ ٿو سگهي.

اوهان رياضت ۽ شب بيداري بابت لکيو آهي. اي دوست! جيڪڏهن رياضت غيراختياري حاصل نہ ٿي ٿئي تہ اختياري بہ بهتر آهي، چاڪاڻ تہ جيستائين محنت نہ ڪندين تہ لذت نہ چکندين، تنهن ڪري شب بيداري ۾ گهٽي ڪوشش ڪندا رهو جو ان ۾ تمام گهٽو اثر آهي.

صمت وجوع وسحر عزلت ذكر مدام
ناتمامان جهان را بكند تمام

(يعني) خاموشي، بک، شب بيداري، گوشہ نشيني ۽ هميشہ ذڪر ڪرڻ هن جهان جي ناقصن کي ڪامل ڪن ٿا.

بلڪ (شب بيداري کي) فرض عين سمجهن ٿا. اي ادا! جڏهن درد ۽ سوز جو غلبو ٿيندو آهي تڏهن طالب جي وجود ۾ مٽيون پنج ئي شيون (خاموشي، بک، شب بيداري، گوشہ نشيني، هميشہ ذڪر ڪرڻ) از خود پيدا ٿي پونديون آهن.

تنت را دل كن ودل درد گردان
كہ زينان كيميا سازند مردان

يعني تون جسم کي دل بناءِ ۽ دل کي درد وارو ڪر، چاڪاڻ تہ ان مان ئي خدا وارا ڪيميا ناهيندا آهن.

اي دوست! مرده دل جو علاج چئن شين ۾ آهي. ۱- ماٺهن سان تعلق چڏڻ ۲- حرص چڏڻ ۳- دنيا جو زيب زينت ترڪ ڪرڻ ۴- شهوت کي چڏي ڏيڻ. انهن چئني شين جي تشريح هن ڪاغذ ۾ ماپي ڪانہ سگهندي.

پيارا! شرح شمائل (ڪتاب) ۾ آهي تہ سرور ڪائنات صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي اها روش هوندي هئي جو پاڻ هر سال مڪ شريف کان ٻاهر نڪري ۽ غار

www.maktabah.org

حرا ۾ وڃي خلوت نشين ٿي الله تعالىٰ جي عبادت ڪندا هئا. پوءِ جڏهن ڪين اتي هڪ مهينو خلوت ۾ گذرندو هيوتہ مڪي شريف واپس تشريف وٺي ايندا هيا (۱)

اهو عمل سندن چاليهن سالن تائين اهڙي طرح رهيو، ڪي چون ٿاتہ ان مدت دوران سرور ڪائنات افضل الصلاة واشرف السلام جي عبادت قلبي توجہ واري هوندي هئي. جڏهن ايڪتاليهين سالن جا ٿياتہ پاڻ نبوت سان مشرف ٿيا ۽ متن ذڪر ۽ عبادت فرض ٿيو، جيئن اِقْرَاْ بِسْمِ رَبِّکَ الَّذِيْ خَلَقَ (۲) (آيت جي آخر تائين) واري حڪم مان ظاهر آهي، پوءِ جڏهن (سندن نبوت جا) ٻي سال پورا ٿيا تہ رسالت جي پوشاڪ پهرائون، جيئن: يٰاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ* قُمْ فَاَنْذِرْ* (۳) واري آيت ۾ ڪين امر ٿيو تہ: اي ڪمبل ڍڪيندڙ تون اٿ، پوءِ (ماڻهن کي) ڊيڄار.

رسالت ملڻ کان پوءِ پنهنجن اصحابن سڳورن سان الفت ۽ انس ٿي رکيائون تہ کين، وَاصْبِرْ نَفْسَکَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدَاةِ وَالْعَشِيِّ (۴) واري آيت ۾ امر ٿيو تہ پاڻ کي انهن سان مانوس رک، جيڪي صبح شام پنهنجي رب کي پڪارندا آهن.

بيت

جوڳين جاڳي لوءِ، سامين ساجهر ڇڏيو
تن کي لنگ لاڳوٽا، جن سان ڪونہ قبيلو
تن جو هت هي حيلو، پر هت ڪر گرؤ گڏيا

شعر

بندۂ عشق شدي ترک نسب کن جامي
کہ در اين راهہ فلان ابن فلان چيزي نيست

(يعني) اي جامي جڏهن عشق جو غلام ٿيو آهين تہ پوءِ نسب نہ ڳڻاءِ، ڇاڪاڻ تہ عشق واري واٽ ۾ فلاڻو پٽ فلاڻي ذات واري جي ڪابہ حيثيت نہ آهي.

نظر

تونئہ واقف زدرد دلبران
عشق آسان نيست مشڪل کارها

---

(۱) جمع الوسائل في شرح الشمائل ص۶۵ جلد ثاني
(۲) سورة العلق آيت ۱
(۳) سورة المدثر آيت ۱، ۲
(۴) سورة الكهف آيت ۲۸

www.maktabah.org

(يعني) تون محبوبن جي ايذائن ڏيڻ کان واقف ناهين، عشق کرڻ سولو کم نہ آهي، ڏاڍو مشڪل آهي.

بوالهوس گر روبر آرد در رهش
مي خلد درپايهايش خارها

ڪو ستڙيو جيڪڏهن ان واٽ ۾ منهن وجهندو تہ سندس پير ڪنڊن سان پيا ڇلبا.

جاءِ آسايش نديدم اي دلا
باليقين دان شعلهائي نارها

اي دل! مون ڪنهن هنڌ بہ سک آرام نہ ڏٺو آهي، يقين سان ڄاڻ تہ عشق باهہ جون ڇيون آهن.

دم زدن درراهہ عشق اي يارنيست
پاره شو در راهہ عشق اي پارها

اي يار! عشق جي واٽ ۾ ٻڌاڪ هڻڻ جو کم نہ آهي. عشق جي راهہ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿيءُ.

اوهان رضا جي حقيقت بابت معلوم ڪيو آهي، تنهن لاءِ عرض آهي تہ: هن فقير کي ڪهڙي طاقت آهي جو الله تعاليٰ جي صفتن جي باري ۾ گفتگو هلائي، تنهن هوندي بہ پنهنجي ناقص سمجهہ آهر مجمل طرح کي قدر لکان ٿو، جڏهن تہ ان جو تفصيل ڪيترن جلدن ۾ بہ نہ ماپندو.

اي دوست! رضا جي پهرئين منزل تدبير کي ڇڏي ڏيڻ آهي، ۽ آخري حد پنهنجي وجود (هستي کي) وڃائڻ آهي. جيئن پاڻ ڪريمن ﷺ جو ارشاد آهي: مُوْتُوْا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوْا (مرڻ کان اڳ مرو) يعني مرڻ کان اڳي پاڻ کي مئل ڄاڻو! پر جيئن تہ ايمان جي حقيقت، دل جي تصديق آهي، ۽ نيڪ عملن جي بجاآوري، ان جي تڪميل آهي.

سمجهڻ گهرجي تہ هن حديث جو مطلب هي آهي تہ پنهنجي وجود مان هٽڻ واري نسبت کي کپي ڇڏجي، ۽ ان جو کمال هن ۾ آهي تہ نفس جون سڀ رٿون ترڪ ڪري، نفع حاصل ڪرڻ ۽ نقصان ٽارڻ، ٻنهي لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪجي (جو جيئن ارشاد آهي) لَايُحَرِّكُ شَيْءٌ اِلَّا بِاِذْنِ اللهِ (يعني) ڪابہ شيءِ الله پاڪ جي اذن کان سواءِ ڪانہ چرندي آهي- بس ٿو ڪريان جو سياڻن لاءِ ايترو ڪافي آهي.

اسان جي طرفان ملان عبدالستار جي خدمت ۾ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ

www.maktabah.org

پهچائيندا ۽ کيس چوندا تہ اوهان خط ۾ لکيو هيوتہ دل مان دنيا جي محبت ختم ٿي ويئي آهي، پر غفلت نٿي وڃي.

پيارا! دنيا جي محبت صرف مال تائين منحصر نہ آهي، بلڪ هن دنيا ۾ جيڪي بہ نفس لاءِ آهي، مثلاً آرام طلبي، دنيا وارن سان ميل ميلاپ، حرص، پاڻ سينگارڻ، شهوت، هين تي فخر ۽ فوقيت وغيره، اهي سڀ شيون دنيا ۾ شامل آهن.

سرور ڪائنات ﷺ هميشہ فرمائيندا هئاتہ دنيا مؤمن لاءِ قيدخانو ۽ ڪافر لاءِ جنت آهي. (١) ۽ ٻئي هنڌ فرمائين تا تہ دنيا ۾ ائين گذار جڏڪ تون مسافر آهين يا واٽهڙو آهين ۽ پاڻ کي قبرن وارن ۾ شمار ڪر. (٢)

پيارا! پرديس ۾ مسافر جو ڪير همدرد ۽ انيس ٿيندو ۽ قيدي کي قيد خاني ۾ ڪهڙو سک ۽ آرام نصيب ٿيندو؟؟

اي دوست! غفلت جو سبب پيٽ پري ڪائڻ آهي، جڏهن پيٽ پرجي ويندو آهي تہ ٻيا عضوا بڪارا رهجي ويندا آهن ۽ جڏهن پيٽ بکارو هوندو آهي تہ ٻيا عضوا ڏاول هوندا آهن.

پيارا! نفس جي اها عادت آهي جو جڏهن بار جي هيٺان هوندو آهي تہ سڏون وسري ويندين اٽس ۽ آرام ۾ هوندو آهي، پر جيڪڏهن مٿس بار نہ هوندو آهي تہ سڏن ۾ سرگرم هوندو آهي. بس ٿو ڪريان جو سياڻن لاءِ ايترو ڪافي آهي.

خط مبارڪ چوٽون

جامع العلوم ميان محمد حسين رحمة الله تعالىٰ عليه طرف لکيو ويو

حقيقتن ۽ معرفت جا واقف، يقين واري وات جا طالب، معرفت واري شراب جا پيئندڙ، ميان محمد حسين (الله تعالىٰ ان جي عمر وڌائي ۽ توفيق عطا فرمائي)

مسنون سلامن ۽ نيڪ دعائن کان بعد راز کي جيڪو الهام جهڙو آهي، ظاهر ڪيو ٿو وڃي تہ هت جا احوال الله تعالىٰ جي عنايت سان ڏڻي تعالىٰ جي

(١) مسلم شريف ج ثاني ص٤٠٧

(٢) بخاري شريف جلد ثاني ص٩٤٩

www.maktabah.org

بيشمار تعريف جو سبب آهن. اوهان جهڙن مضبوط يقين رکندڙ عقيدتمندن جي سلامتي درگاهه الاهي مان هميشه گهرندڙ آهيون. مطلب ته اوهان مشڪل ڪشائي لاءِ دعا جو عرض ڪيو هيو، تنهن لاءِ (لکجي ٿو ته) هن آيت شريف، سَلَامٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ (١) جو هڪ لک پيرو پڙهندا ته انشاءالله تعاليٰ سڀ مشڪلاتون آسان ٿي ويندينون ۽ فقير پڻ (اوهان لاءِ) نيڪ دعائن ۾ مشغول آهي. (اميد ته) الله تعاليٰ (اوهان جا) ظاهري ۽ باطني مقصد پورا فرمائيندو. وڌيڪ شال اوهان سان (الله تعاليٰ جي) توفيق گڏ هجي.

خط پنجون

جناب خليفي حضرت ميان محمد حسين طرف لکيو ويو

اما بعد! هي خط ان فقير جو آهي، جيڪو بي پرواهه ۽ سخي رب جو محتاج آهي، جيڪو پياري مخلص، محمد حسين ڏانهن آهي. شال الله تعاليٰ ان جي اخلاق کي، سندس جسماني خلقت وانگر سهڻو ڪري.

اي دوست! هن پياري حياتي جي گهڙين کي غنيمت ڄاڻي رياضت ۾ گهٽي محنت ڪريو، ڇاڪاڻ ته آرام عاشقن تي هردم حرام آهي.

راهه طلب منزل آرام ندارد
شد همسفر ريگ روان قافله باد

(يعني) رباني راهه جي منزل جو طالب، آرام نه ڪندو آهي، هوا جي قافلي سان همسفر ٿي، واري ۾ به هلي پوندي آهي. زياده توهان تي سلام ۽ توهان جي پاڙي وارن تي.

(١) سورة يٰسٓ- آيت ٥٨

www.maktabah.org

خط مبارڪ ڇهون

حضرت جن جي ننديي پاءُ ميان مرتضيٰ علي شاهه صاحب جي جواب ۾ لکيو ويو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ واکاڻ، الله تعاليٰ لاءِ آهي ۽ صلواتون، سلام ان جي رسول ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم تي هجن

امابعد! سلامن ۽ رحمتن جي تحفي کان پوءِ هي خط، ان فقير طرفان آهي جيڪو بيپرواهه ۽ سخي رب جو محتاج آهي. يعني پنهنجي پياري پاءُ ميان مرتضيٰ علي شاهه، جيڪو معنوي خوبين جو مالڪ آهي. ان طرف آهي. شال الله تعاليٰ ان جي عمر کي ڪمالات حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگهو فرمائي.

اوهان لکيو هو ته مئل شخص جيئرن جي وس آهي. جيڪڏهن اهي ان کي دفن ڪندا ته ٺيڪ، نه ته لاش خراب ٿي ويندو.

پيارا! مئلن جا به قسم آهن: ۱- هڪ حقيقي (معنوي) موت سان مئل ۲- ٻيو ظاهري صورت واري موت سان مئل، جنهن جو حال ظاهر آهي، جو ان جي مرڻ جو تعلق جسم ۽ بدن سان هوندو آهي. پهرئين قسم معنوي (حقيقي) موت مان مراد هي آهي جو نفس کي خواهشن ۽ مرادن کي ڇڏي ڏيڻ سان اطمينان حاصل ٿئي. پوءِ جڏهن کنهن کي حق تعاليٰ جي ارادي واري بيماري ٿيندي، جيڪا تمام سودمند آهي ته ان بيمار جي، درگاهه خداوندي جا مقرب، وقت بوقت عيادت (طبع پرسي) ڪن ٿا ۽ چوندا اٿس ته لاباس طهور- خوف نه ڪر اها به پاڪ ڪندڙ آهي. يعني اها محبت ۽ دوستي واري بيماري دل کي خطرات کان پاڪ ڪندڙ آهي. ان جو ٻيو نالو خِلْوٌ مُّتَخَيِّلَةٌ آهي. (يعني دماغ جو خطرات کان خالي هجڻ)

آتش عشق ارنسوزد نيستان وهم غير
در زمين دل نروید سبزه گلزار يار

(يعني) عشق جي باهه جيڪڏهن غير جي خيالن جي ڪانن کي نه ساڙيندي ته پوءِ دل واري زمين ۾ يار جي باغ جي ساوڪ ڪانه ڦٽندي.

www.maktabah.org

جڏهن حقيقي موت واري کي سکرات ويجهي ٿيندي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته مٿس سکر ۽ عشق جو غلبو ٿيندو آهي ته پوءِ مذڪور قريب ان کي شهادت جي ڪلمي جي تلقين ڪن ٿا ۽ جيستائين ان ۾ هستيءَ جو دم ۽ اختياري چرپر هوندي ته اهي قريب ان تي تصرف جو هٿ نه رکندا آهن ۽ چوندا آهن ته اڃان کي پساهه اٿس، اگرچه هو پاڻ هيئن چوندو آهي:

رمقي پيش نه مانده، است ز بيمار غمت
قدمي رنج کن اي دوست که درمي گذرد

يعني تنهنجي غم جي بيمار کي پويون پساهه نه رهيو آهي. اي دوست! هاڻي ته اچ، جو مرڻ وارو آهي.

با تو ميگفتم که عشقت ناگهان
خواهدم کشت ازغم واين آن غم است

مون توکي چيو ٿي ته تنهنجي عشق جو غم مون کي اوچتو ماري وجهندو بس مون کي ته ان جو ئي غم آهي.

پيش زين باور نمي بودت زمن
گرهمي گفتم که کارم درهم است

توکي مون تي هن کان اڳ ۾ پروسو نه ٿي آيو، مون چيو هو ته منهنجو معاملو بگڙيو پيو آهي.

وقت آن آيد که رحم آيد ترا
بردلم چون واپسينم اين دم است

ڪاش اهو وقت اچي جو توکي منهنجي دل تي رحم اچي، جڏهن ته منهنجو هي آخري دم آهي.

غرض ته جڏهن حقيقي موت وارو (هن فاني جهان جي) سيني خواهشن جي ڏيتي ليتي کان خاموش ٿي، پنهنجي موهوم هستي وساري ڇڏيندو آهي تڏهن، يَاۤاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ارْجِعِيۡۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً (١) وارو غيبي سڏ ۽ لاربي وارو پڙلاءُ ٻڌي ٿو ته اي اطمينان وارا نفس! پنهنجي رب ڏانهن خوشي خوشي موٽ.

(١) سورة الفجر آيت ٢٧

www.maktabah.org

بيا بيا كه مرا آرزوئي تست آخر
نشاط من بتماشائي روئي تست آخر

اڇ اڇ جو مون کي آخري تمنا تنهنجي ملڻ جي آهي. منهنجي خوشي تنهنجي منهن ڏسڻ ۾ آهي.

پوءِ اهو ان قربن کي تلقين جي جواب ۾ چوي ٿو: انا لله وانا اليه راجعون (۱) اسين الله تعاليٰ جا ئي آهيون ۽ ان ڏانهن ئي موٽنداسون.

نيا وردم از خانه چيزي نخست
تو دادي همه چيز من چيز تست

يعني مون اول کان پنهنجي گهران کجهه کونه آندو، سڀ کجهه تو ڏنو، منهنجيون سڀ شيون تنهنجيون ٿه آهن.

پوءِ جڏهن ملک الموت ان کي بهشتي صوف ڏيکاريندو آهي، جيکو عبارت آهي غبغب پرتو جمال کان، (يعني محبوب حقيقي جي حسن جي جهلک) ته ان جو روح آساني سان پرواز کندو آهي.

اگر خواهي بشيرين مرگ مردن
بدست دوست بايد زهر خوردن

جيکڏهن تون لذت واري موت سان مرڻ گهرين ٿو ته پوءِ دوست جي هٿان زهر کائڻ گهرجي.

ان وقت جيئرن تي جيکي ابدي حياتي سان زنده آهن، ان حقيقي موت واري جي کفن دفن جي تياري لازم ٿئي ٿي. پوءِ عزيز قريب ان جي زندگي وارا کپڙا، يعني خراب کم ۽ بچڙا اخلاق ان کان پري ٿا کن ۽ ان کي آب کوثر سان، يعني ذاتي محبت واري پاڻي سان غسل کرائي دنياوي خرابين ۽ آخرت جي ارادي کان ڏوئي صاف کن ٿا.

سوال:- ذاتي محبت کي کوثر جو پاڻي (آب کوثر) چو چيائون؟

جواب:-محبت ٻن حالتن کان خالي نه آهي. هڪ محبت افعالي، ٻي محبت صفاتي. (يعني محبت کنهن فعل سبب هجي، يا محبت کنهن صفت سبب هجي) جڏهن ان صفت

(۱) سورة البقرة آيت ۱۵۶

www.maktabah.org

ء ان فعل ۾ جنهن سبب جي ڪري معشوق تي عاشق ٿيو، هو ڪن عوارضن جي ڪري تبديلي آئي (مثلاً حسن واري خوبي ختم ٿي، ان جي جاءِ تي بدصورتي اچي ويئي) تہ ضرور ان محبت جي بنياد ۾ خلل ۽ فتور پوي ٿو، ليڪن محبت ذاتي ۾ ڪڏهن بہ قيرگهير نہ ٿي اچي، جيڪي بہ محبوب جي طرفان اچي ٿو، چاهي صحت هجي يا مصيبت، منع هجي يا عطا، تہ ان کي (عاشق) لذيذ ۽ نعمت ڪري پائين ٿو.

عاشقم بر لطف وبر قهرش بجد
اي عجب من عاشق اين هردو ضد

آءٌ ان جي لطف ۽ قهر تي ڏاڍو عاشق آهيان. اي دوست! عجب آهي جو آءٌ انهن بنهي ضدن (لطف ۽ قهر) تي عاشق آهيان.

ان ڪري ان کي شراب طهور چيو ويو،جنهن جي هيءَ صفت بيان ٿيل آهي تہ لم يتغير طعمه'،يعني ان جي لذت نہ ڦرندي.

ان وقت هو (حقيقي موت وارو) جڏهن اگهاڙو هوندو آهي جو هن قول موجب:اَلايمانُ عُرْيَانٌ (يعني ايمان اگهاڙو آهي) تڏهن ان کي شرف واري ڪپڙي سان جيڪو تقويٰ وارو لباس آهي، ڪفن پارائين ٿا. بَلْ هُمْ فِيْ لَبْسٍ مِّنْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۾ ان ڏانهن اشارو آهي يعني اهي نئين خلقٹ کان شڪ ۾ آهن. پوءِ جيڪڏهن اهو مرد هوندو تہ ڪفن ۾ ٽي ڪپڑا ڏنا ويندس. انهن ٽن ڪپڑن مان مراد نماز، روزو ۽ شهادت جو ڪلمون آهي، پر جيڪڏهن عورت هوندي تہ انهن ٽن کان علاوه بہ پيا ڪپڑا ڪفن ۾ ڏنا ويندس. انهن ٻن مان مراد حج ۽ زڪواة آهي. پوءِ ان کي رضا جي جنازي تي رکي نماز ۾ جنهن مان مراد دعا آهي: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ لَنَا فَرَطًا جا لفظ پڑهندا. يعني اي الله! هن کي اسان لاءِ اڳواڻ ڪر، تڏهن هو طالبن جو پيشوا ٿي ويندو. ان کان بعد جنهن جاءِ تان ان جي مٽي جو خمير آندو هوندائون، اتي کيس دفن ڪندس. پوءِ اصلي اسر ذات سان، جيڪو ان جي پرورش ڪندڙ آهي، ان سان هن قول "كُلُّ شَيْءٍ يَرْجِعُ اِلٰى اَصْلِهٖ" (يعني هرڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽندي آهي) موجب وڃي گڏبو.

ٽن ڏينهن کان پوءِ ظاهري صورت وارو مئل بدبوءِ ڪري ٿو، ليڪن معنوي مردي (حقيقي موت واري) جي جسم مان سڙن اخلاقن جي خوشبوءِ ظاهر ٿي ٿئي، جيڪا هر عام خاص جي دماغن کي پهچي ٿي، ان جي هٿان نہ رنجائڻ واري راحت،

(۱) سورة ق آيت ۱۵

www.maktabah.org

سندس پيالي مان سيئي چکندا، جيئن حديث شريف ۾ آهي: اَلْمُسْلِمُ مَنْ سلم الْمُسْلِمُوْن مِنْ لِسَانِهٖ وَيَدِهٖ (۱) يعني صحيح مسلمان اهو آهي، جنهن جي زبان ۽ هٿ کان مسلمان سلامت رهن.

ان کان بعد ان جي هٿان، طالبن جون مرادون پوريون ٿيندين، جيئن روايتن ۾ آهي اِذَا تَحَيَّرْتُمْ فِي الْاُمُوْرِ فَاسْتَعِيْنُوا مِنْ اَهْلِ الْقُبُوْرِ (۲)

(يعني) جڏهن اوهان معاملات ۾ پريشان ٿيو ته قبرن وارن کان مدد گهرو، دل جي شهر مان نڪتن جي لشکر ته گهٽو منهن ڪيو هو، پر ڪاغذ جي تنگ ميدان ۾ نه ٿي ماپيا، تنهن لاءِ بس ٿو ڪريان.

سمجهدار شخص لاءِ هڪ حرف به ڪافي آهي.

خط مبارڪ نمبر ۱

ميان حضرت سيد مرتضيٰ علي شاهه صاحب رحمة الله تعاليٰ عليه جي زباني پيغام جي جواب ۾ لکيو ويو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ ساراهه ان لاءِ آهي، جنهن جو هو اهل آهي، ۽ صلواتون ۽ سلام ان جي نبي (صلي الله تعاليٰ عليه وسلم) تي هجن. اما بعد! السلام عليڪم

غني ڪريم ڏانهن، محتاج فقير طرفان، پياري مخلص حضرت سيد مرتضيٰ علي شاهه صاحب (شال الله تعاليٰ ان جي عمر کي ڪمالات حاصل ڪرڻ لاءِ ڏگهو فرمائي) ڏانهن لکيو ويو

اوهان جيڪو فقير محمد جي زباني پيغام موڪليو هيو، سو پهتو.

اي دوست! عارفن کي سوال ڪرڻ جو کهڙو ڪم؟ انهن جو ته هي مشرب آهي ڪفانيْ عِلْمک عنْ سَوالِيْ (يعني) اي محبوب! جڏهن توکي منهنجو علم آهي، پوءِ سوال ڇو ڪيان؟!

تو اي مفلس ازان بدنام گشتي
ڪه جائي گنج در ويرانئه تست

(۱) بخاري شريف جلد اول ص۴
(۲) تفسير روح البيان جلد ۲ ص۵۷۲

www.maktabah.org

يعني اي سنجيان! تون ان سبب ڪري بدنام ٿيو آهين، جو خزاني واري جاءِ، تنهنجي ويراني ۾ آهي.

همچو نابينا مبر هر سوئي دست
تا ترا زير گليم است هرچه هست

انڌي جي مثل هر طرف هٿ نه هڻ، چاڪاڻ ته سڀ ڪجهه تنهنجي گودڙيءَ هيٺان اٿئي.

حديث پاڪ ۾ آهي: "مَنْ عَرَفَ اللّٰهَ لَمْ يَقُلِ اللّٰهُ - مَنْ يَّقُوْلُ اللّٰهُ لَايَعْرِفُ اللّٰهَ" جنهن الله کي سڃاتو ته الله نه چوندو، جنهن الله چيو، تنهن الله کي نه سڃاتو.

نقل آهي ته هڪ پيري حضرت جنيد بغدادي رحمةَ الله تعاليٰ عليه حضرت شيخ شبلي رحمةَ الله عليه کي ڏوراپو ڏنو ته جيڪي اسرارن جون ڳالهيون اسان ماڻهن کان لکي ڪنڊ ۾ مخفي طور چوندا آهيون، تون وري اهي ڳالهيون منبر تي چڙهي علي الاعلان واعظ ۾ پيو ٻڌائين؟

حضرت شيخ شبلي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جواب ڏنس ته چوڻ وارو به آءٌ آهيان ۽ ٻڌڻ وارو به آءٌ آهيان. مون کان سواءِ ڪو ٻيو ٻنهي جهانن ۾ آهي به ڇا؟

از تو سوال ميكنم مسئله جواب گو
آنكه حديث مي كند كيست در اين دهن

آءٌ توکان سوال ٿو ڪريان، ان مسئلي جو جواب ته ڏي، جيڪو هن وات ۾ ڳالهائي ٿو، سو ڪير آهي؟

من نيم توهم نئه اوست كزو توهم جهي
غير من توست بدان اوست كه مي كند سخن

نه آءٌ آهيان، نه تون آهين، هي اهو آهي، جنهن سان تون سامهون ٿئين ٿو. مون کان ۽ تو کان سواءِ، ڄاڻ اهو ئي آهي، جيڪو ڳالهائي ٿو.

خود مي گويد وباز خود مي شنود
درما وشما بهانه ساخته اند

ڄاڻ ڳالهائي ٿو ۽ ڄاڻ ٻڌي ٿو. اسان ۽ توهان جو صرف بهانو ٺاهيو اٿس.

www.maktabah.org

الله تعاليٰ دوست نہ ٿو رکي: الله کان سواءِ ۽ الله ياد نہ ٿو ڪري سواءِ الله جي، ۽ توهان تي سلامتي هجي.

خط مبارڪ ٿون

جناب محترم محمد صالح طالب العلم جي جواب ۾ لکيو ويو

سوال: نقشبندي طريقي عاليه جو هڪ بزرگ شخص، خدا جي طالبن جي جماعت سان هڪ هنڌ وينو آهي، جنهن جو ڪم خدا جي يادگيري کان سواءِ ٻيو ڪو به نہ آهي، کنهن کان ڪجهه گهرن به ڪو نہ ٿا، رات ڏينهن ياد الاهي ۾ مشغول آهن، سارو ڏينهن قرآن و حديث ۽ ديني علم جي ذڪر کان سواءِ انهن جي محفل ۾ ٻي ڪا به ڳالهه نہ ٿي هلي. نہ وري کنهن طرف اڇ وڇ اٿن، پوءِ انهن جي ان حال جي ڪري دولت وارا ماڻهو پاڻهئون ڇاڻي انهن کي خيرات ڏين ٿا، ليڪن هو کنهن ۾ به طمع نہ ٿا رکن.

ڪي بزرگ وري محض پنهنجي وهم گمان سببان، انهن لاءِ چون ٿا ته اهي طمع لاءِ ئي وينا آهن، ۽ جو ڪجهه به انهن کي پنهنجي ڪمائيءَ کان سواءِ ملي رهيو آهي، سو حرام آهي! ان جماعت متعلق اهڙي حالت ۾ شريعت موجب انهن کي اهڙو گمان ڪرڻ ۽ ائين چوڻ جڳائي ٿو يا نہ؟ بَيِّنُوْا تُؤْجَرُوْا-

جواب: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ، ظاهر هي آهي ته ان پاءُ کي ائين چوڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ ته طمع ۽ توڪل اخلاقن جو اهڙو قسم آهي، جن جو تعلق دل سان آهي. هي اهڙا فعل نہ آهن، جو ظاهر ۾ ڏسي سگهجن، پوءِ جيڪڏهن اهو گمان ڪندڙ بزرگ دلين جا راز ڄاڻندڙ مان آهي۽ ڪشف جي ذريعي معلوم ڪيو اٿس ته به ان کي اها ڳالهه زبان سان ظاهر ڪرڻ نہ گهرجي ها، ڇاڪاڻ ته دلين جي راز ڄاڻندڙ لاءِ ضروري آهي ته هو پاڻ ۾ خدائي اخلاق ڌارين، پوءِ ان کي ستاري (پرده پوشي) واري صفت سان پاڻ کي متصف ڪرڻ گهرجي، جيئن جو سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جي عادت مبارڪ به اهائي هوندي هئي، ۽ پڻ جيڪڏهن پرپٽ انهن جي حال کي زبان سان ظاهر ڪندو ته پوءِ اها ڳالهه گلا آهي، جنهن لاءِ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي ته هڪ ٻئي جي گلا نہ ڪريو، ڇا توهان هي پسند ڪندؤ جو مئل پاءُ جو گوشت کائو! (پوءِ) ضرور پسند نہ ڪندؤ (۱) .

(۱) سورة الحجرات آيت ۱۲

www.maktabah.org

۽ جيڪڏهن انهن جي حال کي سندن روبرو چوي تو ۽ ماڻهن ۾ انهن جي حال کي ظاهر ظهور چوي تو، ۽ سندس گمان موجب ان جو اهو چوڻ نهي عن المنكر برائي کان روکڻ لاءِ آهي تہ بہ اهو مؤمن جي عيبن اگهاڑڻ جي مترادف آهي. برائي کان روکڻ ۾ اگرچہ نفعو آهي، ليکن عيب اگهاڑڻ وارو گناهہ ان کان وڏو آهي، ۽ جيکي ماڻهو مخفي طرح چوڻ جا اهل هجن، تن کي امر بالمعروف (نيکي جو امر) مخفي طور چوڻ گهرجي ۽ جيکي ظاهر جا اهل هجن، تن کي علي الاعلان امر بالمعروف ڪجي ۽ جيکڏهن اهو گمان ڪندڙ بزرگ، دلين جا راز ڄاڻندڙ نہ آهي تہ پوءِ انهن خدا وارن کي لالچي ڄاڻڻ بدگماني آهي. حالانڪ اسان کي حڪم ڏنل آهي تہ سيني مؤمنن ۾ چگو گمان رکو، ڇاکاڻ تہ سڀ گمان صحيح ناهن، جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي: بيشڪ کي گمان گناهہ آهن. (۱) پوءِ انهن کي زبان سان لالچي چوڻ تهمت آهي، جيکي ٻيو گناهہ آهي، جنهن جي حق ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي: بيشڪ ڪوڙي تهمت لڳائيندڙ اهي شخص آهن، جيکي الله تعاليٰ جي آيتن تي ايمان نٿا رکن (۲)

ٻيو تہ جيکڏهن ان (نقشبندي) ڪامل بزرگ جنهن اسبابن کي ترڪ ڪيو آهي، ۽ جيکڏهن ماڻهن کان ونيو، ان کي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خيرات ڪري ڏو ڇڏي ۽ پاڻ کي ان کان آزاد ڪري ڇڏي تو تہ پوءِ اهو قناعت وان صاحبن مان آهي. "القناعة ترک الطمع والمنع والجمع" يعني قناعت جي تعريف هي آهي جو طمع نہ ڪجي، جيکڏهن پاڻ اچي تہ منع نہ ڪجي. ليکن اچڻ کان پوءِ جمع بہ نہ ڪجي (خيرات ڪري ڇڏجي) ان طرح ڪرڻ بہ اسان جي پيغمبر صلي الله عليه وسلم جي متابعت آهي ۽ صحابہ ڪرام صفہ وارن فقيرمهاجرن رضوان الله عليهم اجمعين جو بہ اهو طريقو هوندو هيو. پر جيکڏهن اهو بزرگ حقوق الله ادا ڪرڻ بعد جمع ڪري تو تہ اهو بہ الهام سان ڪندو هوندو تہ الله وارا ولي سڏورا مباح ڪمن ۾ الهام جا تابع آهن، جيئن حضرت امير عثمان رضي الله تعاليٰ عنه ۽ خواجه عبيد الله احرار قدس سره الاقدس جن بہ ائين ڪندا هئا. حاڪمن کان بہ وٺڻ گهرجي، پر تہ انهن جي سڀ ملڪيت بہ حرام ڪا نہ هوندي، ڪجهہ حلال بہ هوندي، جيڪا الله وارن کي ملي ٿي. اَلطَّيِّبَاتُ لِلطَّيِّبِيْنَ پاڪ شيون پاڪن لاءِ آهن ۽ پٽ اسان کي لائق نہ آهي، جو خدا وارن کي پاڻ تي قياس ڪريون، ڪنهن بزرگ چيو آهي:

(۱) سورة الحجرات آيت ۱۲

(۲) سورة النحل آيت ۱۰۵

www.maktabah.org

موسيٰ اندر درخت آتش ديد
سبز تر مي شد آن درخت از نار

موسيٰ عليه السلام وٽ ۾ باهه کي ڏٺو هيو جو اهو وڻ، باهه جي هوندي به تمام گهٽو سبز ٻيٺو هيو.

شهوت وحرص مرد صاحب دل
همچنان دان وهمچنان انگار

خدا واري مرد جو حرص ۽ دنيا واري خواهش به اهڙي طرح ٿي سمجهه (جو جيئن وڻ، باهه هوندي به سبز هيو، سڙيو کو نه ٿي، اهڙي طرح خدا وارا به حرص ۽ شهوت هوندي، خدا وارا ئي هوندا آهن، انهن جي بزرگي ۾ کو به فرق کو نه ايندو آهي)

کار پاکان را قياس از خود ميگر
گرچه ماند درنوشتن شير شير

الله وارن جي کمن کي پنهنجي کمن تي قياس نه کر، توڙي جو لکڻ ۾ شير (شينهن) ۽ شير (کير) هڪجهڙا آهن، (ليکن پوءِ به ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي)

جمله عالم زين سبب گمراه شد
کم کسي ز ابدال حق آگاه شد

انهيءَ سببان سارو جهان گمراهه ٿيو، جو الله (تعاليٰ) جي ابدال ٻانهن کي ڪي ٿورا ماڻهو سڃاڻن ٿا.

اشقيا را ديده بينا نبود
نيک وبد درچشم شان يکسان نمود

بدبختن کي ڏسڻ واري اک نه هئي، تنهن ڪري ته انهن جي اک ۾ برو پلو هڪڙو ڏسڻ ۾ آيو.

همسري با انبياء برداشتند
اولياء را همچون خود پنداشتند

نبين سڳورن سان برابري رکيائون، ۽ الله وارن کي پاڻ جهڙو ڪري پاڻيائون.

www.maktabah.org

گفت اینک ما بشر ایشان بشر
ما وایشان بستۂ خوابیم وخور

چيائون تہ اسين بہ بشر آهيون، هو بہ بشر آهن. اسان ۽ هو کائڻ، پيئڻ ۽ سمهڻ سان ٻڌل آهيون.

این ندانستند ایشان ازعمیٰ
هست فرق درمیان بي انتها

انڌائي جي ڪري، اهو پروڙي نہ سگهيا تہ اسان ۽ الله وارن ۾ وڏو فرق آهي.

هر دوگون آهو گیا خورد ند آب
. زین یکي سرگین شد وزان مشکناب

هرڻن جي ٻنهي قسمن گاهہ ۽ پاڻي تہ ساڳيو کاڌو پيتو، پر انهن جي کاڌي مان هڪڙي قسم واري هرڻ مان ڦولڙيون ٿيون ۽ ٻئي قسم مان خالص ڪتوري (مشڪ) ٺهيو.

این خورد زاید همہ بخل وحسد
وآن خورد زاید همہ نور احد

هي (انڈا ماڻهون) کائين تہ ان مان رڳو بخيلي ۽ حسد پيدا ٿئي، پر هو (نبي سڳورا) کائين تہ ان خوراڪ مان خدائي نور پيدا ٿئي. مثنوي وارو ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

صاحب دل را ندارد آن زیان
گر خورد او زهر قاتل را عیان

الله وارو اگر قاتل زهر کي ڏسي کائيندو تہ بہ اهو ان کي نقصان نہ رسائيندو. اي پاڻ! جڏهن تہ الله تعاليٰ جا دوست لکل هوندا آهن، جيئن قدسي حديث ۾ آهي. "اوليائي تحت قبائي" يعني منهنجا دوست منهنجي چادر هيٺ ڍڪيل آهن.

تنهن ڪري سڀ ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اهڙي گمان رکڻ کان گهٽو ڍڄڻ گهرجي. (چو تہ ٿي سگهي ٿو، جو انهن مان ڪو الله وارو هجي) جيئن شيخ سعدي شيرازي فرمائي ٿو:

www.maktabah.org

هر بيشه گمان مبر که خاليست
شايد که پلنگ خفته باشد

سڀ ڪنهن جهنگ ۾ گمان نه آڻ ته ڪوخالي آهي، ٿي سگهي ٿو جو ان ۾ ڪو چيتو شينهن ستل هجي.

شنيدي که چون راهه بردم بدوست
که هر کس که پيش آمدم گفتم اوست

خبر اٿئي ته آءٌ دوست وٽ ڪيئن پهتس؟ مون جنهن کي به سامهون ايندي ڏٺو، چيم ته اهو مون وارو دوست آهي (ائين ڪرڻ سان آخر دوست ملي ويم)

مشڪواة شريف ۾ هڪ حديث آهي، جنهن جو ترجمو هن طرح آهي ته: دنيا ۾ الله تعاليٰ جا ڪي دوست اهڙي طرح گمنامي ۾ لڪل هوندا آهن، جو جيڪڏهن اهي محفل ۾ پاڻهين حاضر نه ٿين ته انهن کي ڪو به (اڻ واقفيت سبب) نه سڏي. جڪڏهن ڪو شخص الله تعاليٰ جي ولين کي ڏکائيندو سو ڇڻ الله تعاليٰ سان جنگ ٿو ڪري (۱)

ياءٌ محمد صالح کي گهرجي ته جيڪڏهن ڪو شخص اوهان جي گلا ڪري ته به اوهان پاڻ کي، ان گلا کان بچائيندا.

بدي را بدي سهل باشد جزا
اگر مردي احسن اليٰ من اسا

برائيءَ جو بدلو برائي سان ڏيڻ ته آسان آهي، جيڪڏهن مرد آهين ته پوءِ جيڪو توسان برائي ڪري، ان سان چگائي ڪر.

ع تو درکار خويش بکش وببين

تون پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهه ۽ مزا ڏسندو رهه.

روتو در کار خويش کن اي ارجمند
زود کيشان ريش خود برمي کنند

اي بختاور! تون پنهنجي ڪم ۾ ڪوشش ڪر. تڪڙي طبعيت وارا پنهنجي ڏاڙهي پاڻ پٽيندا آهن.

مشڪواة شريف ص۱۹۷

www.maktabah.org

وقت تنگ و ميرود آب فراخ
پيش زان کز هجر کردي شاخ شاخ

وقت تنگ آهي ۽ پاڻي تمام تيز ٽو وهي، ان کان اڳ ۾ جو جدائي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي (کجهہ سوچ ڪر)

خط نائون

مير مبارڪ خان ولد مير سهراب خان جي عرض جي جواب ۾ لکيو ويو

سوال: فارسي رباعي

من آن وقت بودم کہ آدم نبود
کہ ذات وصفات خدا هم نبود
من آن وقت کردم خدا را سجود
کہ آدم نبود وخدا هم نبود

(ترجمو:) آءٌ ان وقت هئس، جڏهن آدم عليه السلام به نہ هيو، نہ خدا تعاليٰ جي ذات هئي۽ نہ صفتون، مون ان وقت خدا تعاليٰ کي سجدو ڪيو، جڏهن آدم به نہ هيو، خدا به نہ هيو (ان رباعي جو مطلب ٻڌائيندا؟).

جواب

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اي منهنجا پيارا! اهي ڳالهيون صاحب حال الله وارن کان پڏريون ٽيون آهن، جنهن جي معنيٰ پڻ الله وارن کان سواءِ ٻيو سڀ ڪو ماڻهو سمجهي نہ سگهندو، جيئن مولانا رومي فرمائي ٿو:

سر من از نالئہ من دور نيست
ليک چشم وگوش را آن نور نيست (۲)

مون وارو راز منهنجي دانهن کان دور نہ آهي، پر اکين ۽ ڪنن وٽ

(۱) سورة يس- آيت ۵۸
(۲) مثنوي- دفتر اول ص ۴

www.maktabah.org

(پروڙڻ وارو) اهو نور نه آهي.

پوءِ حال وارن کي ته چئي ٻڌائڻ جي ضرورت کانه آهي ۽ پڻ اهل دل وارن کان سواءِ ٻئي کنهن کي ان جي سمجهڻ نه کي سمجهائڻ جي طاقت آهي، پر متان جو فقير لاءِ اهو گمان کيو وجي ته انهيءَ کي ظاهري علم ۽ سمجهه کا نه آهي، تنهن کري ضرورت آهر کجهه بيان کرڻ ضروري سمجهون ٿا، نه ته اسان جو حال ته هن جي مصداق آهي.

سري ست درين سينه گفتن نتوانيم
دريست در اين بحر که سفتن نتوانيم

هن سيني ۾ هڪ اهڙو راز آهي، جنهن کي چئي نه ٿا سگهون، هن درياءَ ۾ اهڙو موتي آهي، جنهن کي پوئي نه ٿا سگهون.

مشکل هم آنست که ما مشکل خود را
گفتن نتوانيم ونهفتن نتوانيم

مشکل ته اها آهي جو اسان پنهنجي مشکل کي نه زبان سان چئي سگهون ٿا ۽ نه لکائي سگهون ٿا.

اي منهنجا پيارا! هي کلام توحيد شهودي واري عارف بزرگ جو آهي، جنهن پنهنجي وجود کي امکان واري دائري مان ٻاهر کڍي، پاڻ کي حقيقي سج جي نور ۾ گم کري فنا کيو آهي، يا مينهن جي قڙي وانگر پاڻ کي هويت (۱) جي درياهه ۾ وجهي انا الشمس وانا البحر چوي ٿو. يعني آءٌ سج آهيان ۽ آءٌ درياهه آهيان، ان وقت هن رباعي ۾ لفظ من جيکو عبارت آهي، مطلق هستي کان، تنهن مان مراد موهوم هستي نه آهي بلڪ لفظ من مان مراد مطلق هستي آهي. جيئن شيخ منصور چيو:

من نمي گويم انا الحق يار مي گويد بگو
چون نه گويم چون مرا دلدار مي گويد بگو

مان اناالحق (يعني مان ئي حق آهيان) نه ٿو چوان پر يار ٿو چوي ته چئو چو نه چوان. جڏهن ته محبوب مون کي چوي ٿو ته چئو.

اي منهنجا پيارا! "من آن وقت بودم که آدم نبود" واري مصرعي ۾ آدم يعني آءٌ مان مراد آهي ته وجود مطلق آهيان. "التوحيد اسقاط الاضافات" ۾ ان

(۱) صوفي سڳورا هويت مان مراد عالم غيب جي حقيقت کي چوندا آهن. (مترجم)

www.maktabah.org

ڏانهن اشارو آهي. يعني پاڻ کان سيني نسبتن کي کيرائي ڇڏڻ کي توحيد چوندا آهن. "بودم آن دم" اها عبارت آهي، انساني روح کان، جنهن کي تعيين اول ۾ چوندا آهن.

جيڪو مون چيو ته آدم نه هيو، ان مان مراد هي عالم آهي، جيئن حضرت سرور کائنات صلي الله تعاليٰ وسلم فرمايو آهي: "منهنجي لاءِ خداتعاليٰ وٽ ڪڏهن اهڙو وقت هوندو آهي جو ان هنڌ مقرب فرشتن ۽ رسولن کي به پهچڻ جي گنجائش نه هوندي آهي." پيارا! ان ۾ اشارو ان هنڌ ڏانهن آهي.

وري چيو اٿس ته (که ذات، صفات خدا هم نبود) خدا تعاليٰ جي ذات ۽ صفات به کا نه هئي.

پيارا! جڏهن عارف بيرنگي جي بحر ۾ اهڙيون ٽبيون هٽي، خودي کي ختم ڪري پنهنجي خداوند هجڻ واري نسبت، عبديت ۾ چوائي آهي، ۽ وري جڏهن بندگي کان ٽپي پاڻ کي حق ۾ اهڙي طرح غرق ڪيو اٿس، جو ٻئي ڪنهن کي خدا نه ٿو چوي. چو ته اَلتَّوْحِيْدُ اِسْقَاطُ الْاِضَافَاتِ (يعني) پاڻ کان سيني نسبتن کي کيرائي ڇڏڻ کي توحيد چوندا آهن. جيئن ڪنهن هڪ عارف فرمايو آهي:

ميگفت دربيابان رندي دهن دريده
عارف خدا ندارد کو نيست آفريده

هڪ مست شخص، وات ڦاڙي بيابان ۾ هيئن ٿي چيو، ته عارف اهڙو خدا نه ٿو رکي جيڪو خلقيل نه آهي.

يعني عارف اهڙو خدا نه رکن، جيڪو پنهنجي حقيقت کان سواءِ هجي، پوءِ ان جي حقيقت کان سواءِ ٻيو کو به خدا نه آهي.

پوءِ انهيءَ بيت جي ٻئي مصرعي ۾ چوي ٿو "من آن وقت کردم خدارا سجود، که آدم نبود و خداهم نبود".

مون خدا کي ان وقت سجدو ڪيو، جڏهن آدم به نه هيو، خدا به نه هيو.

پيارا! سجود مان مراد پنهنجي خدا جي معرفت آهي. يعني ان وقت مون پنهنجي خدا تعاليٰ کي سجاتو جو آدم نه هيو. يعني ٻانهو نه هيو، جڏهن ٻانهو کو نه هيو ته خدا تعاليٰ جو ظهور به کو نه هيو، چاڪاڻ ته خدا جو تصور تڏهن ڪري سگهبو جڏهن سندس ٻانهپ وارا هجن، جيڪڏهن ٻانهپ وارا نه هوندا ته خدا ڪيئن چئي سگهجي ٿو؟ پوءِ جڏهن ٻانهو ئي نه هيو ته خدا به (ظاهر) کو نه هيو.

www.maktabah.org

پيارا! هت هڪ رمز آهي، جنهن کي کامل عارفن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ سمجهي نہ ٿو سگهي، يا تہ مرشد کامل سمجهائڻ جي رهبري ڪري. سمجهائڻ ۾ ئي سمجهہ آهي ۽ راز ۾ راز آهي. سمجهدار لاءِ هڪ حرف بہ ڪافي آهي. (توهان تي سلامتي هجي.)

خط مبارڪ ڏهون

ميان مخدوم احمد نصرپوري رحمة الله تعاليٰ عليه ڏانهن شوق وڏائڻ جي طلب بابت لکيو ويو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

امابعد! توهان تي سلامتي ۽ الله پاڪ جون رحمتون ۽ برڪتون هجن. هي خط ان فقير جو آهي، جيڪو پنهنجي غني ڪريم جو محتاج آهي، جيڪو صوفي پاڻ ميان احمد نصرپوري (الله تعاليٰ ان تي رحم فرمائي) ڏانهن آهي.

پيارا! (اوهان خدا جي طلب واري وات ۾ شوق جي واڌاري لاءِ دعا جي درخواست ڪئي آهي) ان باريڪ وات جي حاصل ڪرڻ جو علاج هن رباعي مان سمجهڻ گهرجي.

گفتم بطبيب حال اين درد نهان
گفتا بجز ياد دوست بند دهان

(يعني) روحاني طبيب سان هن ڳجهي درد جو حال ڪيم، چيائين: يار جي يادگيري کان سواءِ وات بند ڪري ڇڏ.

گفتم ز غذا گفت همين خون جگر
گفتم ز پرهيز گفت از هر دوجهان

وري پڇيومانس تہ غذا ڪهڙي ڪاوان؟ چيائين جگر جو خون (يعني) محبوب جي سڪ جو درد ۽ غم کائيندو رهہ. ڪريءَ بابت ٻڌايائين تہ ٻنهي جهانن کان دل ڪڍ.

www.maktabah.org

مئي صرف وحدت کسي نوش کرد
که دنيا وعقبيٰ فراموش کرد

جنهن شخص وحدت وارو خالص شراب پيتو، تنهن هي جهان ۽ هو جهان وساري ڇڏيا.

مال وجان را تو برو يکجا بباز
راهه نزديک است چرا کردي دراز

سر، ساهه ۽ مال گهور کري ڇڏ (خدائي طلب واري) واٽ ته تمام ويجهي آهي. تو ڇو ڊگهي کري ڇڏي آهي؟!

پيارا! مطلب ته طالب کي گهرجي جو رابطي (ڳانڍاپي) واري نسبت ۽ دلي تعلق کي مرشد سان درست کري.

نسبت پاکان درست کن يا پئي ايشان مرو
غرق شد فرعون بدريا بود موسيٰ پيشرو

الله وارن ڏانهن ارادو صحيح رک. يا انهن جي پويان نه وڃ (غلط ارادي جي کري) فرعون به درياءَ ۾ ٻڏي ويو. تورٽ موسيٰ عليه السلام ان جي اڳيان هو.

سرور کائنات صلي الله عليه وسلم جي مسجد طرف، اصحابن سڳورن جي گهرن جون دريون کليل هوندیون هيون، جڏهن پاڻ کريم جن آخري بيماري ۾ هيا ته پاڻ سيني يارن جي درين کي بند کرائڻ جو حکم ڏنائون. صرف حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي گهرواري دري کي کليل ڇڏيائون. ان ۾ هن ڳالهه ڏانهن اشارو آهي ته حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي دل جو رابطو، بين اصحابن سڳورن کان، پاڻ سونهارن سان زيادهه هيو، جو ان رابطي جي کري بين کان ممتاز هئا.

مثنوي شريف:-

دانش آنرا مي ستاند جان زجان
نے ز راهه دفتر ونے از زبان

ان جو روحاني علم، روح سان حاصل کري ٿو، نه کتاب جي رستي سان ۽ نه زبان سان.

کاشکي او آشنا ناموختي
تا طمع در نوح وکشتي دوختي

www.maktabah.org

جيڪر هو ترڻ نه سکي ها، تان ته نوح ۽ ٻيڙي سان تمنا وابسته ڪري ها.

کاش چون طفل از حيل جاهل بدي
تا چون طفلان چنگ در مادر زدي

جيڪر هو ٻارن وانگر حيلن کان جاهل هجي ها، تان ته ٻارن وانگر ماءُ جو سهارو ونی ها.

يا بعلم نقل کم بودي ملي
علم وحي دل ربودي ازولي

يا هو رسمي علم سان پريل نه هجي ها (ته) ڪنهن ولي کان دل جي وحي جو علم حاصل ڪري ها.

با چنين نوري چون پيش آري کتاب
جان وحي آسائي تو آرد عتاب

اهڙي نور جي هوندي جڏهن تون ڪتاب اڇيان آڻيندين ته تنهنجي وحي سان (مانوس) هريل جان ناراض ٿيندي.

چون تيمم باوجود آب دان
علم نقلي باد در قطب زمان (۱)

پاڻي هوندي تيمم وانگر سمجهه، قطب زمان جي قول اڇيان رسمي علم کي. سمجهدار جي اڇيان هڪ حرف به ڪافي آهي.

خط مبارڪ يارهون

مخدوم ميان احمد نصرپوري رحمة الله تعالىٰ عليه جي جواب ۾ لکيو ويو

سڀ تعريفون خاص الله تعالىٰ جي لاءِ، جنهن انسان کي هي هدايت واري واٽ ڏيکاري، جي هو انسان کي هدايت نه فرمائي ها ته هوند انسين هدايت وارا ڪونه ٿيون

(۱) مثنوي شريف دفتر چهارم ص۳۷

www.maktabah.org

ها، بيشڪ اسان جي پالڻهار جا سڀ رسول سچ سان آيا. صلاتون ۽ سلام آخري نبي سڳوري تي هجن، جنهن جو نالو مبارڪ عاشقن لاءِ ماکيءَ کان به وڌيڪ مٺو ۽ لذيذ آهي، ان جي آل اصحابن تي به سلام هجن.

امابعد! سلامن جي تحفي موڪلڻ کان بعد هي خط، ان فقير جو آهي جيڪو پنهنجي غني ڪريم طرف محتاج آهي. صوري ۽ معنوي (ظاهري، باطني) علمن جي عالم، بزرگن جي اولاد، پياري ميان احمد (ڪيس رب ڪريم سلامت رکي) ڏانهن موڪلجي ٿو.

اوهان هنن بن آيتن سڳورين جي مطلب معلوم ڪرڻ لاءِ پڇيو هو:
اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ * اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ (۱)

ترجمو: جنهن کي تون پسند ڪرين، تنهن کي تون توفيق نه ٿو بخشي سگهين (جو هو هدايت وارو ٿي پوي) پر الله تعالىٰ هدايت ڪري ٿو، جنهن کي گهري. بي آيت سڳوري هي آهي: اِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (۲) بيشڪ تون سڏي واٽ ڏانهن رستو ڏيڪارين ٿو.

مخدوم صاحب! ظاهر وارن جي معنيٰ ته معلوم آهي، جيئن جو هدايت لفظ جون به معنائون آهن.

۱- توفيق بخشڻ، پهرئين آيت سڳوري ۾ اها معنيٰ مراد آهي.

۲- راهه ڏيڪارڻ، جيڪا بي آيت مان سمجهه ۾ اچي ٿي.

اهل باطن (باطني علم وارن) جي معنيٰ سمجهڻ، هن هيٺين مقدمي تي موقوف آهي، جيڪو تفسير حسيني واري سورت مريم ۾ لکيو آهي.

مقدمو: سرور ڪائنات صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جا ٻي وجود مبارڪ هيا:

۱- هڪڙو بشري وجود، جنهن جو ذڪر هن آيت سڳوري (قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ) (۳) ۾ آهي. ترجمو: تون فرماءِ، ظاهري صورت بشري ۾ ته مان توهان جهڙو آهيان، مون وٽ وحي ايندو آهي.

(۱) سورة قصص آيت ٥٦
(۲) سورة شوريٰ آيت ٥٢
(۳) سورة الكهف آيت ١١٠

www.maktabah.org

۲- ٻيو مَلَڪي وجود، الله تعاليٰ حروف مقطعات (۱) جي ذريعي سرور ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليه وسلم سان ڪلام فرمايو آهي.

۳- حقي وجود، جنهن جو بيان هنن آيتن سڳورين، وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى (۲) ۽ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ (۲) ۾ آهي، ان مان (اهو وجود حقي) مراد آهي.

حديث شريف ۾ به آيو آهي: مَنْ رَاٰنِيْ فَقَدْ رَاَى الْحَقَّ (۳) يعني جنهن مون کي ڏٺو، تنهن بيشڪ حق کي ڏٺو.

بي حديث ۾ آهي: منهنجي لاءِ خدا تعاليٰ وٽ ڪڏهن اهڙو وقت هوندو آهي، جو ان هنڌ مقرب فرشتن ۽ نبين مرسلن کي به پهچڻ جي گنجائش نه هوندي آهي. (۴) اهي ٻئي حديثون به وجود حقي تي شاهد آهن.

نه بشر خوانمت اي دوست نه حور نه پري
اين همه بر تو حجاب است تو چيزي دگري

اي دوست! آءٌ توکي نه ماڻهو چئي سگهان ٿو نه حور، نه پري، هي مڙوئي توتي پردا آهن. حقيقت ۾ تون ته ڪا بي شي آهين.

پوءِ اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ آيت ۾ بشري وجود کي خطاب آهي، جنهن ۾ هي جاڻايو ويو آهي ته بشر عاجز آهي. ان جو ڪم صرف احڪام مڃڻ ۽ عبادت ڪرڻ آهي.

اِنَّكَ لَتَهْدِيْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ آيت سڳوري ۾ حقيقت محمدي عليه الصلاة والسلام جي معرفت رکندڙن ۽ جمال محمدي عليه الصلاة والسلام جي ڏسندڙن لاءِ تسلي واسطي حقي وجود کي خطاب آهي.

---

(۱) ڪن سورتن جي منڊ ۾ جدا جدا حرف آيا آهن، جيئن: الٓمّٓ الٓمّٓرٰ كٓهٰيٰعٓصٓ وغيره، انهن کي حروف مقطعات چئبو آهي. (مترجم)

(۲) ترجمو:- اي محبوب! اها مٽي جيڪا تو اڇلائي، سا تو ڪانه اڇلائي هئي، بلڪ الله تعاليٰ اڇلائي هئي. (سورة الانفال آيت ۱۷)

(۳) ترجمو:- اهي ڪافر بي جان بت، توڙانهن ڏسي رهيا آهن (پر) انهن کي ڪجهه به نظر نه ٿو اچي. (سورة الاعراف آيت ۱۹۸)

(۴) مشڪواة شريف ص۳۹۴

www.maktabah.org

جيئن عارف رومي فرمايو آهي:

کافران ديدند احمد را بشر
چون ندیدند ازو انشق القمر

يعني کافرن حضرت نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم کي عام ماڻهن وانگر بشر ڪري پي ڏٺو، پر چا سندن اشاري سان جيڪو چند چيرجي آيو، سو ڪونہ پئي ڏٺائون.

زانکہ او گف دید دریا را ندید
زانکہ حالي دید فردا را ندید

چوتہ انهن درياءَ جي ڇيڙ تہ ڏٺي، پر درياءَ نہ ڏٺائون. اڄ کي تہ ڏٺائون، پر سياڻي کي نہ ڏٺائون.

جنهن هدايت جي تابعداري ڪئي، ان تي سلام هجي.

خط مبارڪ پارهون

ميان غلام محمد فقير رحمة الله عليه طرف لکيو ويو.

فضيلتن ۽ ڪمالات وارا، اخلاقن ۽ خوبين جا مالڪ، ميان غلام محمد فقير- الله تعاليٰ کيس سلامت رکي.

مسنون سلامن کان بعد واضح هجي تہ اوهان جي شوق وارو خط، جيڪو صداقت ۽ محبت سان پرپور هيو، مبارڪ وقت ۾ موصول ٿيو، جنهن دل کي خوشيءَ ۽ گهٽو شوق اچي وڌايو. الله تعاليٰ سيني دوستن کي شال پنهنجي احسان ۽ ڪرم سان ذوق ۽ شوق ۾ رکي. آمين.

خصوصاً اوهان جهڙي پياري مخلص کي شال شريعت پاڪ جي رستي تي هميشہ محڪم رکي.

www.maktabah.org

هن ڪميني دنيا جو حال، ڪوريئڙي جي گهر مثل آهي، جيڪو مڙني گهرن کان تمام ڪمزور آهي. پوءِ طالب کي جڳائي ته هن بي بقا گهر سان جيڪو ڪيس آخر ڇڏي ڏيڻو آهي، ان سان دل نه لڳائي ۽ پنهنجو سمورو وقت ياد الاهي ۽ ذڪر ۾ گذاري ڇڏي.

رباعي:

گفتم به طبيب حال اين درد نهان
گفتا بجز ياد دوست بند دهان
گفتم زغذا گفت همين خون جگر
گفتم زپرهيز گفت از هر دوجهان

هن ڳجهي درد جي دوا، روحاني طبيب کان پڇيم ته چيائين، يار جي يادگيري کان سواءِ وات بند ڪري ڇڏ. وري پڇيومانس ته غذا ڪهڙي کاوان؟ چيائين! جگر جو خون (يعني محبوب جي سڪ جو درد ۽ غم کائيندو رهه) ڪَريءَ بابت ٻڌايائين ته ٻنهي جهانن کان دل کڻ.

ان تي سلام هجي، جيڪو هدايت جي واٽ تي هلندو. والسلام

خط مبارڪ تيرهون

غلام علي ڪٽياڻ رحمة الله عليه جي عرض جي جواب ۾ لکيو ويو

فارسي شعر

من ز قرآن مغز را برداشتيم
استخوان پيش سگان انداختيم

يعني اسان قرآن ڪريم جو مغز (اصلي روح) حاصل ڪيو. باقي هڏا ڪتن جي اڳيان اڇلايا سون. (ان بيت جو مطلب ٻڌائيندا؟)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

مغز قرآن، مان مراد خدائي اخلاقن سان موصوف ٿيڻ آهي. كَانَ خُلُقُهُ،

www.maktabah.org

اَلْقُرْآنُ (۱) ۾ به اشارو ان طرف آهي.

استخوان (هڏن مان مراد) قرآن مان دنياوي نفعو حاصل ڪرڻ آهي. جيڪو مردار آهي، جيئن قرآن ڪريم جي ختم جي مزدوري، ۽ قرآن پاڪ پڙهائڻ جو معاوضو وغيره ونڻ، اهو ڪتن لاءِ آهي. يعني دنيا جي طالبن لاءِ آهي (جيئن حديث شريف ۾ آهي) دنيا ڏوندي آهي ۽ ان جا طلبيندڙ ڪتا آهن.

مُلان کاري کنڊ * پڃ جو ڦاڙيندئي ڪپڑا
ورد وظيفي وڃ * ڏٹي ڏوتاري چڏيا

خط مبارڪ چوڏهون

غلام علي فقير ڪٹياڻ جي جواب ۾ لکيو ويو

علم حق در علم صوفي گم شود
اين سخن کي باور مردم شود

يعني حق تعاليٰ جو علم، صوفي جي علم ۾ گم ٿئي، اها ڳالهه عام ماڻهن کي مڃڻ ۾ ڪيئن ايندي؟

پيارا! اهو قلبي فنا ڏانهن اشارو آهي، جو قلبي فنا سان صفاتي فنا حاصل ٿيندي آهي. جڏهن ته علم جي جاءِ قلب آهي. جڏهن فنا جي جاءِ کي جيڪو قلب آهي، فنائيت جو حال ملندو آهي. يعني علم ملندو آهي ته ان کان پوءِ بانهي جي صفتن فنا ٿيڻ کان بعد خدا تعاليٰ جون صفتون، بانهي جي صفتن جي قائم مقام ٿين ٿيون (يعني پوءِ خدائي صفتون بانهي ۾ پيدا ٿي پونديون آهن) پوءِ اها علم واري صفت هجي يا ڪا بي، پر عام ماڻهن کي انهن جي خبر ڪانه آهي، جيئن ان ڳالهه تي هي قدسي حديث دلالت ڪري ٿي. (الله تعاليٰ فرمائي ٿو) همیشه منهنجو بانهون نفلي عبادت وارن

(۱) حديث شريف ۾ آيو آهي ته حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کان اصحابن سڳورن، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي اخلاق بابت پڇيو هيو. تنهن جي جواب ۾ بيبي صاحبه فرمايو ته قرآن ئي حضور جن جو اخلاق هيو. (شفا شريف ج۱ ص۱۳۳)

www.maktabah.org

ڪمن سان مون ڏانهن ويجهو ٿيندو آهي، تانجو آءُ ان سان محبت ڪندو آهيان، پوءِ آءُ ان جي ٻڌڻ وارو ڪن ٿي پوندو آهيان، جنهن سان هو ٻڌندو آهي، ۽ ان جي ڏسڻ واري اک بہ آءُ ٿيندو آهيان، جنهن سان ڏسندو آهي، ۽ ان جا هٿ بہ آءُ هوندو آهيان، جنهن سان هو ڪنهن کي بہ ونڊندو آهي، ۽ ان جا پير بہ آءُ ٿي پوندو آهيان، جن سان هلندو آهي.

"علم جي گم ٿيڻ" جي معنيٰ هي آهي تہ يعني پوشيده ٿيڻ حق جو علم، جيڪو مطلق آهي صوفي جي علم ۾ جيڪو مقيد آهي، حقيقت ۾ اهوئي حق جو علم آهي وڌيڪ الله تعالي بهتر ڄاڻي ٿو.

مثنوي

بر من از هستي من جز نام نيست
در وجودم جز تو اي خوش کام نيست

مون تي صرف منهنجو نالو آهي (باقي) اي محبوب! منهنجي هستي ۾ توکان سواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونہ آهي.

زان سبب فاني شدم من اين چنين
همچو سرکہ در تو بحر انگبين

ان سببان آءُ اهڙي طرح فنا ٿي ويو آهيان، جيئن ماکيءَ ۾ رس

همچو سنگي کہ شود گل لعلناب
پر شود او از صفات آفتاب

جيئن پٿر سج جي شعاع پوڻ ڪري (گهٽي مدت کان پوءِ) گل وانگر ڳاڙهو لال بنجي ويندو آهي.

وصف آن سنگي نماند اندرو
پر شود از وصف خور او پشت ورو

پوءِ ان پٿر ۾ پٿر واري صفت کانہ رهندي آهي، ان جو اندر ٻاهر، سج جي روشني سان پرجي ويندو آهي.

بعد زان گر دوست دارد خويش را
دوستي خور بود آن اي فتا

www.maktabah.org

ان کان پوءِ جيڪڏهن اهو (لال) پنهنجو پاڻ سڃاڻي پاڻ کي پيارُ ڏئي تہ اي جوان! اهو پيار سڄ کي ڏئي ٿو.

ورکہ خود را دوست دارد او بجان
دوستي خويش باشد بيگمان (۱)

۽ جيڪڏهن پاڻ کي دل سان پيار ڏئي تہ اهو پيار بہ پنهنجو ئي آهي.

(والسلام)

غلام علي فقير کٹناڻ جي جواب ۾ لکيو ويو

کورکرانہ مرود رکربلا
تانيفتي چون حسين اندربلا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي لاءِ آهن، ۽ صلاتون ۽ سلام سندس رسول، يعني محمد کريم تي ۽ سندس آل ۽ اصحابن سڳورن تي هجن.

اما بعد! لکجي ٿو تہ اوهان متئين بيت جي معنيٰ معلوم کرڻ لاءِ لکيو هيوَ. اي دوست! الله تعاليٰ جي ولين جا بہ قسم آهن. هڪڙا مطلق موحد، جيکي جميعت جي شهر جا رهاکو آهن، جنهن کي اهي وجود مطلق ۽ وجود مقيد ۾ کوبہ فرق کونہ ڪندا آهن، ۽ منصور وانگر انا الحق وغيره شطحيات (ظاهر شريعت پاڪ جي خلاف زبان سان ڪلمان) چوندا آهن. صوفي انهن کي کور (۲) ۽ کرانہ چوندا آهن، چاکاڻ جو اهي غير جي ڏسڻ کان انڌا ۽ غير جي ڳالهہ ٻڌڻ کان ٻوڑا آهن، ۽ هي آيت: اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ * صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ (۳) انهن جي باري ۾ آيل آهي، (جنهن جي معنيٰ هي آهي تہ اهي غير جي ڳالهہ ٻڌڻ کان ٻوڑا ۽ غير سان ڳالهائڻ کان گونگا ۽ غير کي ڏسڻ کان انڌا آهن، پوءِ اهي حق کي ڇڏي غير حق ڏانهن نہ موٽندا)

(۱) مثنوي دفتر پنجم ص۵۴

(۲) يعني غير جي ڏسڻ کان انڌا ۽ غير جي ڳالهہ ٻڌڻ کان ٻوڑا. (مترجم)

(۳) سورة البقرة آيت ع۱۸

www.maktabah.org

اهڙن شخصن کي صوفي، نديم (وزير) چون ٿا. جو اهي لايزال بادشاهه (الله تعاليٰ) جي حضور ۾ رهڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪم ڪار نه ڪندا آهن.

ٻيو قسم، انهن ولين جو آهي، جن جي سڪونت ۽ رهائش پڻ جميعت واري شهر ۾، ۽ سندن سير جي جاءِ فرق جي ديهه ۾ آهي. اهي مقيد وجود کي مطلق وجود کان جدا سمجهندا آهن. يعني انهن جي زبان، شريعت ۽ حقيقت جي موافق ڳالهائيندي آهي.

بر کفي جام شريعت بر کفي سندان عشق
هر هوسناکِ ندانبد جام وسندان باختن

(يعني) هڪ هٿ ۾ شريعت جو پيالو، ٻئي هٿ ۾ عشق جو وڏاڻ، ٻنهي سان کيڏڻ هرهڪ سڌڑئي جو ڪم نه آهي.

جن (ولين) کي وزير چوندا آهن، اهو هن جي ڪري جو وزير اهو هوندو آهي، جيڪو بادشاهه جي حضور ۾ هر وقت حاضر هجي، ۽ سلطنت جا اهم معاملا، ان جي حوالي هجن، ۽ اهڙي طرح اهي بزرگ وحدت جي ڪُنَّ ۾ سدائين مستغرق هوندا آهن، ۽ انهن جو جسم شريعت جي مقرر ڪيل حڪمن جي ادا ڪرڻ ۽ طالبن جي سڌاري لاءِ چست هوندو آهي. جن جي صفت هي آهي: الصوفي ماهو کائن وبائن- يعني صوفي ان کي چئبو آهي، جنهن جو باطن، الله تعاليٰ سان ۽ ظاهر ۾ خلق سان هوندو آهي، ۽ پڻ و اني جاعل في الارض خليفة (۱) الله تعاليٰ فرمايو: آءٌ زمين ۾ خليفو پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو) به انهن جي وصف ۾ آيل آهي.

بيت

ويهي منجهه وڃ، نايو ناگيلان چري،
ماءُ منهنجي ڪرهي، پڏر پڃ نه لڳ
جڳ سين جهڙو جڳ، هنئين سين هُت چري

ڪربلا مان مراد هي ظاهري عالم آهي، جيڪو ظاهر وارن جو وطن آهي. "ڪوفي لا يوفي" (ڪوفي وفا نه ڪندا) انهن جي باري ۾ آهي. چاڪاڻ ته انهن "الست" واري وعدي کي نه پاڙيو ۽ اهي، افرائيت من اتخذ الهه هواه (۲) (يعني چا تون ان

(۱) سورة البقره آيت ۽ ۳۰
(۲) سورة الجاثيه آيت ۲۳

www.maktabah.org

کي نہ ڈنو جنهن پنهنجي سڏن کي معبود بنايو) جي حڪم سان اهي مشرڪ ٿيا، ان گروهہ ۾ ظاهري علم وارا، جيڪي الله تعاليٰ جي معرفت کان محروم آهن، سي داخل آهن (هاڻي ان بيت جو مطلب هن طرح آهي ته) تون جنهن حالت ۾ ڪورانہ ڪور (انڌن جهڙو) آهين، ۽ مطلق ۽ مقيد جي وچ ۾ فرق به نہ ٿو سجاڻين، تنهن ڪري ڪربلا ۾ جتي مذڪور ڪوفين (ظاهر وارن) جو ميڙ لڳل آهي، اتي نہ وڃ، متان شريعت پاڪ جي خلاف ڳالهيون ڪري ويهين. پوءِ منصور حلاج وانگر مصيبت ۾ ڦاسي نہ پوين.

چون قلم در دست غداري بود
لاجرم منصور بر داري بود

(يعني) جڏهن فيصلي وارو قلم غدارن جي هٿ ۾ هوندو، تہ ضرور منصور کي ڦاسي ملندي.

ليڪن اهو ڪور ڪرانہ وارو بيت مثنوي ۾ اسان کي نظر ڪونہ آيو آهي، البتہ هنِ طرح هڪ بيت مثنوي ۾ آهي:

هين مرو گستاخ در دامي بلا
کور کرانہ مرو در کربلا

(ترجمو) خبردار! ابهرو ٿي مصيبتن واري ڦاسي ۾ نہ وڃ، انڌو گونگو ٿي ڪري ڪربلا ۾ نہ وڃ. (والله اعلم بالصواب)

سورهون خط مبارڪ

غلام علي ڪٽياڙ جو سوال تہ نفس جا ٽي قسم قرآن ڪريم ۾ بيان ٿيل آهن، ان جي جواب ۾ لکيو ويو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سڀ تعريفون خاص الله تعاليٰ جي لاءِ، جنهن اسان کي هي هدايت واري واٽ ڏيکاري، جي هو اسان کي هدايت نہ فرمائي ها تہ هوند اسين هدايت وارا ڪونہ ٿيون ها. بيشڪ اسان جي پالڻهار جا سڀ رسول سچ سان آيا. صلاتون ۽ سلام الله جي حبيب تي هجن، جنهن جو نالو مبارڪ، سندس جمال جي عاشقن لاءِ ماڪيءَ کان بہ وڌيڪ

www.maktabah.org